# سمنڊ سمايو بوند ۾

ڪيئلداس ”فاني“



سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.

سُمنڊ سمايو بوند ۾

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سمنڊ سَماڻو ٻُوندَ ۾، جَلَ ۾ جوت ٻَري.

”سامي“

# سَمُنڊ سَمايو ٻُوند ۾


ڪيئلداس "فاني"

سهيڙيندڙ :

انور "فگار" هڪڙو



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

١٤١٦ھ/١٩٩٥ع

ڇاپو ڇهريون ١٤١٦ھ/١٩٩٥ع تعداد هڪ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: پنجھتر رپيا
[Price: Rs. 75–00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ مراد علي مرزا، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


● ناشر پاران

● انتساب

● ڪجهہ ڪتاب بابت — مرتب

● مهاڳ — شيخ اياز

| | |
|---|---|
| فاني آ غير فاني | ١—١٤ |
| بيت | ١٥—١٨ |
| گيت | ١٩—٦٢ |
| ڪافي | ٦٣—٧٠ |
| قطعات | ٧١—٨٢ |
| رباعيات | ٨٣—٨٦ |
| غزل | ٨٧—١٣٠ |
| پنجڪڙا | ١٣١—١٣٨ |
| نظم | ١٣٩—١٨٤ |
| ترائيل | ١٨٥—١٨٦ |
| مخمس | ١٨٧—٢٠٠ |
| مسدس | ٢٠١—٢٥٤ |
| ضميمو | ٢٥٥—٢٧٤ |
| ارث | ٢٧٥—٢٧٦ |

## ناشر پاران

سنڌ جي ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي موضوعن تي ڪتاب لکرائڻ، مرتب ڪرائڻ ۽ ترجمو ڪرائي شايع ڪرائڻ، سنڌي ادبي بورڊ جو اهم ۽ بنيادي ذمو آهي. ان سلسلي ۾ بورڊ هن وقت تائين مٿي ذڪر ڪيل موضوعن تي ڪيترائي مستند ۽ معياري ڪتاب مختلف ٻولين جهڙوڪ سنڌي، فارسي، اردو، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ڪري چڪو آهي ۽ آئينده به شايع ڪندو رهندو.

هيءُ ڪتاب "سمنڊ سمايو بوند ۾" به ان سلسلي جو هڪ اهم ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ جي هڪ اهڙي نامياري شاعر جي ڪلام جو مجموعو آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ سنڌ جي ديهي زندگيءَ جي سونهن جي اڪيچار عڪسن کي ۽ پنهنجي زماني جي نئين فڪر کي پنهنجي سادي ۽ سماجهي ٻوليءَ ۾ متعارف ڪرايو آهي. ڪيئلداس "فاني" جو هيءُ سمورو ڪلام محترم انور فگار هڪڙو جي ڪوشش ۽ محنت جي نتيجي ۾ پهريون ڀيرو "سمنڊ سمايو بوند ۾" عنوان هيٺ شايع ٿي رهيو آهي.

هن مجموعي جو مهاڳ سنڌ جي ناميا ري شاعر، اديب ۽ دانشور محترم شيخ اياز لکيو آهي، جيڪو هڪ شاگرد ۽ هڪ استاد جي ادبي ۽ علمي وابستگيءَ جي موضوع تي هڪ اهم ادبي دستاويز آهي.

جام شورو
۹-آڪٽوبر ۱۹۹۵ع

مراد علي مرزا
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ارپــنـا

شيخ ايــاز

۽

ڊاڪٽر قيوم "طراز"

جن جي نالي

ـ انور فـگار هڪڙو


جن دوستن ۽ عزيزن هن ڪتاب ڪي پايهءِ تڪميل تي پهچائڻ ۾ ساٿ ڏنو، تن جا ٿورا ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. اهڙن مهربانن ۾ استاد محترم "نقش" ناياب منگي صاحب، شعبان "بخت"، غلام اصغر سومرو، شڪيل "فائق" هڪڙو، جميل احمد ابڙو، غلام سرور جتوئي، قاضي منظر حيات، پروفيسر لجپت گانڌي ۽ سنڌس فرزند روينڊر ايل. جيها جن جا نالا قابل ذڪر آهن، جن وک وک تي پال پلايا آهن. انهن سان گڏ محترم ڊاڪٽر قيوم "طراز" جن جا وڏا وڙ، جن پنهنجي گوناگون مصروفيتن سان وقت ڪڍي مون سان ڪن هنڌن تي مدد لاءِ گڏ هليا ۽ مسودو نظر مان ڪڍيائون.

آءٌ پروفيسر محمد قاسم سومرو، محترم غلام محمد لاکو ۽ ميان الله بچايو يوسف زئي صاحب جن جو به شڪرگذار آهيان، جن منهنجي پرپٽ ڪتاب جي ڇپائيءَ دوران پنهنجا پال پلايا.

آخر ۾ وري هڪ ڀيرو مهان ڪري شيخ اياز جا ٿورا مڃيندي، شاهه لطيف جو امر بيت، "ٿورا نه ٿورا مون تي مارُوئڙن جا، پلايون پيرا ڳٺي ڳٺيان ڪيترا"، دل تي تري اچي ٿو.

شڪارپور سنڌ — انور "فگار" هڪڙو

١-١٢-١٩٩٢ع



اجا آهي "فانيءَ" جو نازڪ سمو
گهمي ٿو جو تلوار جي ڌار تي.

# مهاڳ

ڪيئلداس ”فاني“ منهنجو نيوايرا اسڪول شڪارپور ۾ پهرئين درجي انگريزيءَ جو استاد هو. انهن ڏينهن ۾ ڪيئلداس ”فاني“ ۽ لطف الله بدوي، جو انهن ڏينهن ۾ ”جوڳي“ تخلص استعمال ڪندو هو، ڪشنچند ”بيوس“ کان پوءِ سنڌ جا سڀني کان سٺا شاعر سمجهيا ويندا هئا. نوجوان اديب ۽ شاعر جميعت الشعراءِ سنڌ کي دقيانوسي قسم جا شاعر سمجهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مون جماٽي هال لئبرريءَ مان سوامي رام تيرٿ جي سوانح حيات جا ٻه جلد پڙهيا، جن ۾ نظير اڪبرآباديءَ جا ڪجهه اردو نظم ۽ ٻين ڪجهه اردو شاعرن جا غزل ڏنل هئا. اردو زبان مون کي منهنجي پيءُ ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ پڙهائي هئي ۽ منهنجي مطالعي لاءِ مون کي اردوءَ ۾ سراغ رسانيءَ جا ڪتاب وٺي ڏيندو هو. ان ڪري مون کي سوامي رام تيرٿ جي ڊائريءَ ۾ ڏنل هڪ غزل آسانيءَ سان سمجهه ۾ آيو، ۽ مون ان غزل جي طرز تي هڪ سنڌيءَ ۾ غزل لکيو، جيڪو پوءِ ’سدرشن‘ رسالي ۾ ڇپيو. اهو رسالو مون ۽ منهنجي دوستن، هوندراجداس ۽ بهاري ڇاٻڙا، گڏجي ڪڍيو. اهو غزل مان ڪيئلداس ”فاني“ ڏانهن درست ڪرائڻ لاءِ کڻي ويس. ان وقت بحر وزن جي مون کي ڪابه خبر ڪانه هئي، رڳو اردو غزل جي ترنم کي نظر ۾ رکي، سنڌيءَ ۾ غزل لکيو هوم، جنهن ۾ ڪجهه اردوءَ جا ٻه لفظ شامل هئا. ”فاني“ صاحب اهو غزل ڏسي حيران ٿي ويو ۽ مون کي چيائين ته ”تون ڪو اڳئين جنم ۾ شاعر هئين!“ هن همٿائيندي وڌيڪ چيو، ”پر شاعري سکڻ لاءِ توکي حاجي محمود خادم جو ڪتاب ’رهنماءِ شاعري‘ لاڙڪاڻي مان گهرائي پڙهڻ گهرجي.“ بعد ۾ مون کي هن محمود خادم جي ائڊريس ڏني

اهو ڪتاب مون گهرائي مولوي عبدالغفور جي مدد سان پڙهيو، جو مون کي فارسي پڙهائيندو هو. ان ڏينهن کان پوءِ مون ”فانيءَ“ کي پنهنجو شاعريءَ ۾ استاد ڪري ورتو ۽ پڻ ٿئين ڏينهن هڪ نئون غزل يا نظم لکي هن وٽ، هن جي سنگ پل واري ڪلب ۾، ويندو هوس جتي هو ۽ ٻيا چار پنج ماستر رهندا هئا. اها مسلسل رهنمائي ٽئين ۽ چوٿين درجي انگريزيءَ تائين هلي. مون کي ياد آهي ته کيئل داس ”فاني“ ميان جي ڳوٺ جو هو، جتي بولچند راجپال رهندو هو ۽ سنڌو رسالو ڪڍندو هو. هن منهنجو هڪ نظم بولچند کي ڏنو، جو هن ڇاپيو. تنهن وقت مان پنهنجو نالو مبارڪ علي ۽ تخلص ’مبارڪ‘ لکندو هوس. ڏهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ بولچند راجپال منهنجي گهر آيو ۽ در جو ڪڙو ڪڙڪايائين ته مان پهرينءَ منزل تان ڏاڪڻ تي هيٺ لهي آيس؛ چيائين ته ”مان مبارڪ عليءَ سان ملڻ آيو آهيان؛ ڪيس ٻڌاءِ ته سنڌوءَ جو ايڊيٽر بيٺو آهي.“ جڏهن مان کيس ٻڌايو ته مان مبارڪ علي آهيان، تڏهن هن کي منهنجو قد بت ڏسي اعتبار نه آيو ۽ چيائين ته ”تو کي پوءِ ٻيو ڪو لکي ڏيندو هوندو؛ هي نظم تنهنجو ٿي نه ٿو سگهي.“ پوءِ هن ڪجهه سال منهنجو ڪجهه به شعر نه ڇاپيو. انهيءَ وچ ۾ ”فانيءَ“ ڏي هر روز ڪو نظم يا غزل، مسدس يا مخمس وغيره درستيءَ لاءِ کڻي ويندو هوس ته هو مون کي خوشيءَ سان ٺيڪ ڪري ڏيندو هو. مون تي ڪا به پابندي ڪانه هئي ته ڪهڙي وقت در ڪڙڪايان، جو ته هن سان هڪ ٻيو ماستر مسٽر هاسانند به گڏ رهندو هو، جو مون کي ٽئين درجي ۾ پڙهائيندو هو. هو مون کي ۽ ٻين ذهين ڇوڪرن کي اسڪول بعد به تعليم ڏيندو هو ۽ ڪلڪتي مان Indian Review گهرائي اسان کي ان ۾ شايع ٿيل مضمون سمجهائيندو هو ۽ حب الوطنيءَ جي تاريخ ۽ برصغير جي انگريز دشمن اڳواڻن تي ليڪچر ڏيندو هو. مان هن جو سيني کان

وڏيڪ ويجهو شاگرد هوندو هوس. مون کي ياد آهي ته هن مون کي ڪلڪتي مان شيڪسپيئر جا قول ۽ دنيا جي چونڊ پهاڪن تي ڪتاب به گهرائي ڏنا هئا ۽ دلچسپيءَ سان سمجهائيندو هو، ۽ انگريزي چوڻين ۽ اصطلاحن تي به ڪيترا ڪتاب پڙهي ٻڌائڻ سان گڏوگڏ ياد ڪرائيندو هو.

نيو اِيرا اسڪول جو تعليمي ماحول تمام چڱو هو ۽ اسان تي استاد بيحد توجهه ڏيندا هئا. شڪارپور جي مشهور هانڊي ۾ نيوايرا اسڪول جا شاگرد ڊراما اسٽيج ڪندا هئا ۽ اسان ۾ هفتي ڏهين ڏينهن ڪنهن موضوع تي انگريزيءَ ۾ تقريري مباحثو پڻ ٿيندو هو. جڏهن مان چوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس تڏهن Mock Parliament ۾ به بهرو وٺندا هئاسين، جنهن ۾ Prime Minister جو ڪردار منهنجو دوست رام جيٺملاڻي ادا ڪندو هو، جو ورهاڱي کان پوءِ آل انڊيا بار ڪائونسل جو پريزيڊنٽ هو ۽ اندرا گانڌيءَ سان تڪرار سبب آمريڪا هليو ويو. هو پوءِ وي-پي سنگهه جي پارٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ هو، جو ڪجهه وقت پوءِ انڊيا جو وزير اعظم ٿيو. ڪجهه سال اڳ جڏهن شاهه سچل ۽ سامي ڪانفرنس تي آءٌ انڊيا ويو هوس تڏهن پهرئين ڏينهن مون صدارت ڪئي هئي. ان تقريب ۾ "فاني" ڀوپال مان آيل هو. ٻئي ڏينهن تي جڏهن مشاعرو ٿيو، ته مون ان تقريب گهرائيندڙ کي چيو ته مشاعري جي صدارت "فاني" صاحب کان ڪرايو، ڇو ته هو منهنجو استاد ٿي رهيو آهي. "فاني" اتي مون سان ڏاڍيءَ سڪ مان ڀاڪر پائي مليو ۽ اکين سان ڳوڙها ڳڙي آيس. هن جي عمر ۸۰ کان مٿي ٿي چڪي هئي، پر عمر جي لحاظ کان ڪافي ڪڙوتڙو پئي لڳو. هن مون کي ڏاڍيون دعائون ڪيون ۽ ڀوپال هلڻ جي آڇ ڪيائين. منهنجي زندگيءَ ۾ "فانيءَ" ۽ هاسانند جهڙا بي غرض ۽ همدرد انسان ورلي آيا آهن. اتي هندستان ۾ جڏهن "فانيءَ" پنهنجا شعر پڙهيا، ته مون کي محسوس ٿيو ته سندس

شاعري اڳي وانگر جوان هئي. پڙهندڙ خود هن ڪتاب مان اندازو لڳائي سگهندا ته ٦٠ سال اڳي هن جي شاعري ڪيئن هوندي؟ مون سان هن ڪان اڳ سنڌ ادبي رسم و راهه سال ١٩٤٦ع ۾ ٿي هئي، جڏهن مون هن جا نظم پنهنجي رسالي ’اڳتي قدم‘ ۾ ڏنا. ”فاني“ منهنجي زندگيءَ ۾ ۽ منهنجي شاعريءَ جي اوسر ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ مان هن جا ٿورا نه ٿو لاهي سگهان. جي ”فاني“ منهنجي رهنمائي نه ڪري ها، ته منهنجي شاعري اتي نه پهچي ها، جنهن جاءِ تي اج آهي.

”فاني“ صاحب جي ڪلام سهيڙڻ ۾ انور فگار هڪڙي جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي سا نهايت قابل تحسين آهي. اهو ٿورو جڻ مون تي ڪيو اٿائون، ڇو ته اصل ۾ فرض مون تي عائد پئي ٿيو ته پنهنجي استاد جو ڪلام ڪٺو ڪري ڇپرايان ها.

ڪراچي — شيخ اياز

٢٧- جنوري ١٩٩٥ع

# فاني ۽ غير فاني

سائين کيئلداس "فاني" وليرام بيگوانيءَ، تاريخ چوٿين اپريل ۱۹۱۴ع ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي لاثاني ڳوٺ "مياں جي ڳوٺ" تعلقي شڪارپور ۾ ڄائو. "ميان جو ڳوٺ" شڪارپور جي مشهور ۽ تاريخي ڳوٺن ۾ ليکجي ٿو. هي ڳوٺ شڪارپور جي اوڀر اتر طرف (همايون کان اوڀر طرف ڪجهه مفاصلي تي) آهي. سنڌ جو مشهور علمي-ادبي رسالو "سنڌو" سن ۱۹۳۲ع ۾ پهرياڏين شڪارپور مان جاري ٿيو، ۽ پوءِ آڪٽوبر ۱۹۳۵ع کان جون ۱۹۳۹ع تائين ۽ ۱۹۴۳ع کان ڊسمبر ۱۹۴۶ع تائين ميان جي ڳوٺ مان پڌرو ٿيو. "سنڌو" رسالي جو ايڊيٽر مسٽر بولچند وسومل راجپال به اصل "ميان جي ڳوٺ" جو رهاڪو هو. ميان جي ڳوٺ جو ماحول به شڪارپور جي علمي-ادبي ماحول وانگر هو. گويا ائين ڪٿي چئجي ته "ميان جو ڳوٺ" چڻ شڪارپور جو وَرش (ڌرتيءَ ٽڪر) آهي. ميان جو ڳوٺ جا ڀيا عالم-اديب ۽ شاعر هئا، سائين ڪريم بخش ٽانوري، لڇمڻ راجپال، پريداس وسومل راجپال ۽ محمد عظيم سميجو. اهڙي علمي-ادبي ڳوٺ جي ماحول ۾ سائين کيئلداس "فاني" ڄائو-نپنيو. ابتدائي تعليم ميان جي ڳوٺ جي ورنيڪيولر اسڪول ۾ سائين ڪريم بخش ٽانوري کان حاصل ڪيائين. جنهن لاءِ پاڻ هڪ خط ۾ لکيو اٿائين ته: "استاد ڪريم بخش ٽانوريءَ جهڙو معلم ۽ منتظم، بنيادي تعليم جو ماهر اڄ تائين مون سان ٻيو ڪونه مليو." "فاني" صاحب ننڍپڻ کان ئي اهڙن قابل استادن جي صحبت ۾ رهيو جن جي اثر ۽ رنگ ۾ رنگجي ويو.

مينگهراج منشاراماڻيءَ جي نيو ايريا هاءِ اسڪول ۾ پنهنجي ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو ته ١٩٤٧ع ۾ هتان جي مشهور "چيلا سنگهه ۽ سيتلداس ڪاليج" ۾ سنڌي استاد جي جڳهه خالي ٿي. "فاني" صاحب به ان وقت تائين بي-اي پاس ڪري چڪو هو. تنهن ڪري ان جاءِ تي مقرر ٿيڻ لاءِ انتظاميه سان رابطو قائم ڪيو، ته ڪوي ڪشنچند "بيوس" ڪاليج انتظاميه ڏانهن هڪ سفارشي چٺي هن طرح لکي: مسٽر ڪيڏلداس بيگواڻي "فاني"، بي-اي شڪارپور سنڌ ڪاليج جي سنڌي پروفيسريءَ لاءِ اميدوار بيٺو آهي. پروفيسريءَ جي لياقت لاءِ ڪاليج جي ڊگريءَ سان گڏ جا ڪيس نازڪ خيال شاعريءَ جي ڏات عطا ٿيل آهي، سا منهنجي نظر ۾ اهڙي آهي، جهڙي سوني منڊيءَ ۾ هيري جي ڪڻي.

ههڙي اعليٰ شخصيت هٿ اچي ته سنڌي ٻوليءَ جو شان ڏُ بالا ٿيندو.

— ڪشنچند "بيوس"

١٧-مئي ١٩٤٧ع

محترم ڪشنچند 'بيوس' جي ان راءِ کي اهميت ڏيندي ان وقت جي ڪاليج انتظاميه کيس سنڌي پروفيسر مقرر ڪيو. انهيءَ مقرريءَ کان اڳ "ڪاليج مسيلني" جي اشاعت ۽ ڪاليج جي اسٽيج تان ٿيندڙ ڊرامن ۽ ادبي پروگرامن وقت ڪاليج انتظاميه "فاني" صاحب جون خدمتون حاصل ڪندي هئي.

ٿوري ئي عرصي کان پوءِ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هي ڪوي پيدا ڪندڙ ۽ ڪويتائون سرجيندڙ ڪوي ڏيهه ڇڏي پرڏيهي ٿيو.

ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي،
آيا گهر ۾ اوپرا، نڪري ويا نيهي،
پرايا پيهي، وڪوڙي ويا سنڌ کي.

(شيخ اياز)

ڪيئلداس ”فاني“ صاحب شڪارپور ڇڏي وچي ڀوپال ۾ رهڻ لڳو، جتي پڻ ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. سال ۱۹۷۳ع ۾ رٽائر ڪيائين. پاڻ ۱- ڊسمبر ۱۹۸۵ع تي موڪليل هڪ خط ۾ مون کي لکيائين تہ:

مون کي رٽائر ڪئي ۱۲ سال ٿيا آهن، پر مان ”Retired“ نہ پر ”Re-tyred“ پاڻ کي چوائيندو آهيان. يعني:

“Another tyre has been applied to my machine and it keeps on rolling.”

سنهنجون منزلون:

۱- صوبائي حڪومت جي ادبي اڪادمي جو وائيس پريزيڊنٽ آهيان ۽ پريزيڊنٽ وزير مالي آهي.

۲- مرڪزي ادبي اڪادمي جو ميمبر آهيان.

۳- ڪنوينر سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽي.

۴- آل انڊيا ريڊيو جو گائڪ ۽ گيتڪار.

۵- انٽر ڪاليج جو اڄ تائين پرنسپال رهندو آيو آهيان.

سائين ڪيئلداس ”فاني“ صاحب سامي صاحب جيان سنڌي شاعريءَ جي طويل دؤر جو ساکي آهي. هن سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي دؤر ۾ رنگ ۽ روپ مٽيندي ۽ ترقيءَ جي منزل ڏانهن ويندي چڱيءَ طرح ۽ چٽيءَ نظر سان ڏٺو آهي. پاڻ بہ ”بيوس“ جي دؤر جو ڪوي آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ڀرپور ڪوششون ڪيل اٿس. ورهاڱي کان اڳ سنڌي شاعريءَ کي فارسي تشبيهن، ٻوليءَ ۽ محاورن واري ڍير مان ڪڍي، ان کي سنڌي ٻوليءَ جي روح ۽ رنگ سان رڱڻ ۾ سندس وڏو ڀاڱو آهي. جنهن جي مڃتا جي ماڪ خود ”بيوس“ بہ ڀري ويو آهي.

سياسي لحاظ کان سائين ڪيئلداس ”فاني“ جو دؤر غلاميءَ وارو ۽ نهايت ئي ڪٺن ۽ ڪٺورتا وارو دؤر هيو. هن دؤر

جنهن ڌرتيءَ جي ٽڪري تي ڪيئلداس ”فاني“ رهي ڪويتائون سرجي ٿو، ان ڌرتيءَ جي سپوت الله بخش سومري جو جڏهن بي درديءَ سان ناحق خون ٿئي ٿو، تڏهن هي ان تاريخ جي وڏي ۾ وڏي الميي تي پار ڪيڏي چوي ٿو:

افسوس! ويو سنڌ جو سرتاج گذاري،
دنيا ڪي رئاري.
حاسد تون ڏئي ٿوڪ ڏيئو گل نه ڪرين ها،
هن ملڪ مٿان قهر مصيبت نه ڌرين ها.
چو ميڙ اسان جي مان وئين مڙس اٿاري،
دنيا ڪي رئاري.

بي انصافيءَ لاءِ چوي ٿو:

بي ڏوهي ڏوهاري بڻجي پاپي قهر ڪمائي!
اشرافن جو پيٽ پٺيءَ ڪپٽي پوڄن ڪائي!
اهڙو اتياچار! مالڪ هي تنهنجو سنسار!؟

جتي بي ڏوهيءَ کي ڏوهي قرار ڏنو وڃي، ۽ ڏوهيءَ کي بي ڏوهي ڪري بري ڪيو وڃي، مظلومن مٿان ظلم ۽ زبردستي قائم ڪئي وڃي، اتي ڏاهو ۽ حساس ڪوي پونگين ۾ گهاريندڙ بيوس ۽ مجبور ماڻهن کي آپدا مان آزادي ڏيارڻ جو پرپوڏ ٿو ڏئي:

انقلاب گهلو ڦاڙي ٿو ڪنا ڪري سر باز،
پيگل پونگين چنل چڻن مان اٿي هليا آواز:
بنگلن جا بنياد هلايو، پٽيون پٽين سان ملايو،
ويريءَ تي ڪر وار، نه ڇڏ ڪو زوراور زردار.

ديس تي ڇانيل غلاميءَ جي اماس ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ کان نجات پائڻ لاءِ هو سورهين کي سورهيائيءَ جو سبق ڏئي ٿو ۽ انهن کي اتساهيندي چوي ٿو:

جــڏهــن غلامي ســاهہ گھٽيندي،
غــيــرت تن مــان ايــري ايندي،
کھڙي دل قــربــان نہ ٿيندي،
ويــڙ وچــڙ جــي ويــر،
دل تان غم ڪر دور دلير.

ســوراج جا سپنا ڏسندڙ ۽ سرجڻهار ڪوي ڪي جڏهن ديس جي ڌرتي ڇڏڻ جا ڏڙڪا ملن ٿا ۽ ڪيس ڌرتي ماتا جي گــود مــان گهلي جلاوطن ڪيو ٿو وڃي، تڏهن گلن تي گوڙها ڳاڙيندو، سڏڪا ڀريندو، اوچنگارون ڏيندو، اڻ ڏٺل ڏيهہ ڏي ڪاهي ڪوهين دور وڃي ويهي ٿو. اهي درسگاهہ جتي هــو ملڪ جي مستقبل کي ڏاهيندو هو، سي ويڳاڻا ۽ ويران ٿي ٿــا وڃن. اهي پستڪ ۽ پستڪاليائون، جن سان هن جو ”تــو مــن شدم مــن تن شدي“ وارو ناتو هو، سي سڀ ڇڏي فقط انهن جون يادون ڪٺي انهن کي اداس ڪري وڃي ٿو. ان ڏيهہ جي ڏهاڳ تي سندس ڏيل ڏرندو نہ هوندو تہ ڀلا خاموش هوندو! سندس جيءَ ۾ جهاتي پائي ڪنهن اهــو بہ نہ ڏٺــو تہ هن وٽ ڪهڙو اڌمــو آهــي. ڀــلا هو چونہ چوي:

ڏني جان جن هئي وطن واسطي،
رلي لاش تن جــو ڪفن واسطي.

جيئن جيئن وڇوڙي جو ڏينهن گذري ٿو، تيئن تيئن سندس ساهہ وڌيڪ سڪي ٿو:

آيــو ڪونہ وطــن ڪان ڪوئي،
پــور پــيــو دل ويــنــي روئــي.

....

پڄي جن آ پڄايو مون کي وطن!
ڇڏي جن آ ڇڏايو مون کي وطن!
لڏي جن آ لڏايو مون کي وطن!

ڏسي رهيا هئا ۽ ڪي دلشڪسته مسافر، ڪوئي چاڙهو نه ڏسي خود سمنڊ ۾ ٽپي رهيا هئا ۽ درندن جي ڏاڙهن ۾ ڏڪي رهيا هئا. اڪين ۾ ڳوڙهن جهل نه ڏني. الا! اهي منهنجا پنهنجا هم وطن سنڌي هئا، جن جو مان ساحل تان بيهي نظارو ڏسندو رهيو آهيان. انهن مان هڪ هو سنڌڙيءَ جو لاڪيٽو شاعر، ڪيئلداس "فاني"، جو فاني فقط پنهنجي نهٽائيءَ ڪري سڏائيندو آهي، جيتوڻيڪ هو شعر جي دنيا ۾ 'باقي' آهي، هو سنڌي ادب ۾ امر ٿي چڪو آهي ۽ اسان جا آئينده نسل سندس ڪلام بيحد رقت ۽ گداز سان پڙهندا رهندا." (جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي ص ١٤٢ - ١٤٣) مٿي ان نظم "او منهنجا وطن" جو آخري بند ڏيئي آيو آهيان، هت پڻ پڙهندڙن آڏو ان مان چند سٽون ڏيڻ مقصد کان خالي نه ٿو ڀانئيان.

او منهنجا وطـــن دلـدار وطن،
ڪيا ڪيڏا پلائڻ جا مون جتن،
لڳي لنءُ لنءُ ۾ آهي اهڙي لـڳن،
پل ڪان نه پلن اهـي ڀاڻ پون،
ڪوشش مون ڪئي وئرت سا وئي،
ڳاريندي رهي ڪرمن جي ڪئي.

---

مشڪل ٿي پيـــو واپس آ ورڻ،
مشڪل ٿي پيـو ڳٽين ۾ ڳرڻ،
چاهي ٿـو هرڻ واريءَ ڏي ورڻ،
سمجهي ٿـو سٺو اڄ رڃ ۾ مرڻ،
سنسار جـو تنگـ خيـال سڏي،
دل قرب جو تنهن کي ڪمال سڏي.

منهنجو خيال آهي تہ هيل تائين "فاني" جو جيڪو بہ ڪلام مثال طور ڪتب آندو اٿم، ان مان اوهان پڙهندڙ منهنجي مٿينءَ راءِ سان ضرور سهمت ٿيا هوندا تہ "فاني" صاحب جي ڪلام ۾ خيال جي پختگي، انداز بيان ۽ لفظن جي رمزن جي رواني ڪيتري قدر آهي، جي اڃا بہ ڪا تشنگي باقي رهي تہ بہ مثال پيا ضرور ڏباه

"فاني" شاه سان مخاطب: (اقتباس)

ڪٿي نيڻ مونن مان مون ڏي نهاري،
هٿي تير طعنن جا چڏ ڏيل ڏاري،
وطن ڪان سکهيا جي سکهو ساهم واري،
جڏو جيءَ جياري آيا ملڪ ماري،
پچارن ۾ بس شاهم! هئا مڙس ماهر،
ٿي طالب ۽ سڏڙيا پيا صاف ظاهر.

گواهي تواريخ ڏيندي اسان جي،
پشيمان اولاد ٿيندي اسان جي،
جڏهن شاهم! هيءَ ياد ايندي اسان جي،
لڇا ميسراٿيون پريندي اسان جي،
جڏهن ريت گهرٻار ڍاهڻ نہ ڏيندا،
تڏهن شرم ڪان نيڻ نالا نہ ٿيندا.

ذري پنهنجي حب الوطن مان عطا ڪر،
اسان جي زماني ۾ ظاهر خطا ڪر،
مگر منهنجي مجبورين ڪان پچا ڪر،
سزا وار آهيان نہ قائم سزا ڪر،
چڏيم تنهنجو در پر نہ دامن چڏيو مان،
لڏي تنهنجو گهر پاڙ سان هت اڏيو مان.

سمايل آهي. اڪثر سنڌس غزل جو هر بند "بيت الغزل" ۽ "شاه بيت" آهي.

ڪٿ چنڊ بادلن مان مشڪندو ڏٺو اٿم،
ڪٿ حسن برپٽن ۾ پٽڪندو ڏٺو اٿم،
آ ڏور هندوري جي حسينم جي هٿن ۾،
حبشڻ کي ان ۾ لاڏ مان لڏندو ڏٺو اٿم.

—

منهنجي غربت کي سدا زردار هر ڪائي ڏٺو،
پنهنجي هٿ اڳيان ڪڏهن مان هٿ نه ڦهلائي ڏٺو.
مان سوين همراهه ۽ همدرد هر هنڌ تي ڏٺا،
پر نه مان ڪوڙهن اڳهڙ لئه ڪنهن ڏي واجهائي ڏٺو.

غزل کان علاوه رباعي جي صنف ۾ بہ هن جا تجربا ڪامياب رهيا آهن.

منهنجو نه ڪنهن مان ميل يا مطلب آهي،
هر ڌرم لاءِ دل ۾ حب ادب آهي،
انسان کي يڳوان سڏيان ٿو، منهنجو،
انسانيت ئي ڌرم ۽ مذهب آهي.

"فاني" صاحب جا پنجڪڙا پڙهبا تہ هر پنجن سٽن جي فريم ۾ سمنڊ سمايل نظر ايندو.

ڪين ڪي ناهي ڪٿن نه وجود،
ڪين دنيا ۾ ڪٿن آئي،
جڳت تي عرش جيان ڇائي،
اڇي ويو حد ۾ لامحدود،
ڪين ڪي ناهي ڪٿن نه وجود.

مطلب تہ کيئلداس "فاني" صاحب جي شاعري فن ۽ فکر جي لحاظ کان سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جو غيرفاني سرمايو آهي، جنهن کي فراموش ڪرڻ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ يا سنڌي ادبي تاريخ جو ناقابل تلافي نقصان ٿيندو.

دل جا بادل دل اک تي ڇانيل،
هوند ۽ منهنجي بحر سمايل،
دل ۾ آلو دود دکي تو،
"فاني" ٻاهر آگ اجهايل.

——

# بــيــت

## ٻيت

دلـي ڪيو ديـدار، پـنهنجـي دل درپـن ۾،
چِٽ ڏسي ٽيـو چِٽ ۾، بيحد بـاغ بـهـار،
آيـو اهنڪار، گهـڙي سـورڪ مـاڻ ۾.

—

دلـي پنهنجو پـاڻ، پـڏائـي ٻـورو ڪيو،
سندس مـٿـي مـاءُ، وٺـي ڪيئن واڪـاڻ،
پاڻ مٿان ڪيو ماڻ، مٿي خود مدمست ٿي.

—

ڪنير ٻـڌي ٻٽاڪ، ٻنهي مٿي مـاڻ جـي،
چي: ناحق وينا ڪريو، هڪ ٻئي اڳيان هاڪ،
مان ٿي ڪوڙي خاڪ، ڳوهي چاڙهي چڪ تي.

—

اڻ هـونـدو آيمان، سـورڪ مٿي ماڻ جو،
پنهنجي تـيج توفيق تـي، مستي ڪيا مستان،
آن ڪنير تان قربان، جنهن مٿيءَ مان جڳ جوڙيو.

—

مـٽي هڪ ڏينهن مارئي، جيئندي صديون سال،
مـارن لاءِ سـرڻ جـو، ملندو ڪونہ مـثـال،
محلن منجهہ محـال، جنهنجو جـيـاپـو ٿيو.

مٺي هڪڙي مارئي، ٻي ڪا ڪانہ مري،
لڪن مان ڪا لهسجي دردي دانهن ڪري،
ساعت ڪانہ سري، جنهن جي دلبر ديس ڪان.

—

تارا تنهنجي لات، ڪسجي ويندي ڪن ۾،
هٿندءِ چنڊ چمات، ڪري پوندين پٽ تي.

—

داٿو داٿي سان ملي، سڏجي تو هڪ سنگ،
بوندون بوندن سان ملي سڏجن ٿيون سارنگ،
اهڙو شال امنگ، جاڳي هر جاتيءَ ۾.

*

# گیت

## هي تنهنجو سنسار؟

بي ڏوهي ڏوهاري ٻڌجي پاپي قهر ڪمائي،
اشرافن جو پيٽ پٺيءَ سان ڪٿ-ڪٿي پوڄن ڪائي.
اهڙو آتياچار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار؟

هڪڙا هليا وڃن دنيا مان دل ۾ آس دٻائي،
ٻين جي پاٽيءَ جي ترشنا تي شربت پياس ٻجهائي،
واهه ٻڌيو وهنوار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار؟

هڪڙو ڪيت پچائڻ لئه ٿو پل پل پاڻ پچائي،
ساري محنت ڪٽي وڃن ٻيا هو ويٺو واجهائي،
پيئنگ ٿين پنڌار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار!

هڪڙا در در جا بيڪاري هڪڙو راج ڪمائي،
هڪڙو ڪشٽ سهي سر تي هڪڙو عيش اڏائي،
اوندهه ٻيا اسرار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار؟

ڪُٽي جي بيماريءَ تي ڪو ڊاڪٽر ڪي آڻائي.
ڇرڙي ڇُرڙي ڪي ڇڏن دوا بن مانکم جان گنوائي،
لوڙ ڪين لاچار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار؟

ڪي جيوت ڪي جوئا سمجهي ويٺا داءُ لڳائي،
گهاون تي ڪو گهاءُ سهي ۽ چوٽ تي چوٽون ڪائي،
جيئڻ ٿين جنجار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار؟

هڪڙن جي رودن راڙي تي ٻيو ٿو ساز وڄائي،
هڪڙو سيٺ ٻڌيو آ "فاني" سؤ ڪنگال ٻڌائي،
عجب ٻڌيو آچار! مالڪ! هيءُ تنهنجو سنسار؟

## اڄ جو آواز

انقلاب ڳلو ڦاڙي تو ڪنا ڪري سر بـاز،
پکيل پونگين ڇنل ڇنن مان آئي هليا آواز:
”بنگلن جـا بنياد هـلايـو،
پٽيون پٽين سان نہ ملايو“
ويريءَ تي ڪر وار – نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

صدين ڪان جو بٽيو آيو تنهن کي هاڻ بگاڙ،
بگڙي پڻ پنهنجي بگڙيءَ جو عيوض پاڻ اڳاڙ،
حق پلئہ آ تنهنجي بـاقي،
باغي! ٻي ڇا جي غمناڪي،
دور ڪرين آزار– نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

پيٽ پٺيءَ ۾ پينڊل تنهنجو سرنديءَ مثل سرير،
تنهنجي قوت کي ڪير بٽائي ياقوتي اڪسير،
هت آن جي آ بي‌پرواهي،
تنهنجي مک ۾ ڪانہ گراهي،
ايـڏو اتياچار! نـہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

ڪلندو آيو نرڏن توتي! صدين ڪان ڏنوان،
ناحق ڳڻ– چورن سان توتي ڏيکاريو ڳٽوان،
جيڪي تنهنجي‌سک جا ويري،
ڍاهي‌ڪر سي هڪدم ڍيري،
شر آ شاهوڪار– نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

پراڏينتا آهه بڻايو چاڪر بي آرام،
دنيادارن جي در تي ڇا نادارن جو دام،
انساني ورثاءُ نه ڪن جي،
پائن ڪي ٽا پاءُ نه ڪن جي،
تن سان ڪر تڪرار- نه ڇڏ ڪو زوراور زردار.

دنيا ۾ تبديل، نه آئي تو ۾ ڪا تبديل،
دم دم ڏک پنهنجي جا دل سان دانهه نه ڪر دليل،
جيسين تو ۾ ناهه سجاڳي،
توکي ڪندي رهي درياڳي،
ناداني، نادار- نه ڇڏ ڪو زوراور زردار.

دنيادار سڏيندا توکي رهزن ۽ بدمعاش،
تنهنجي اشرافت جو ليڪن ٿيندو ويو پرڪاش،
گذر بڻايو جنهن کي باغي،
تنهنجو چرتر آهه نه داغي،
نا ڏوهي نروار- نه ڇڏ ڪو زوراور زردار.

# سورهيائي جو سبق

جڏهن غلامي ساهه گهٽيندي،
غيرت تن مان اڀري ايندي،
کهڙي دل قربان نه ٿيندي،
وڻ وڇڻ جي ويرَ؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

مشڪل ۾ منجهي ڪيئن مانجهي،
پختي دل وهمن ڪان وانجهي،
صبح سڏي ٿو سُورهه مانجهي،
دير نه پاڻ اويرَ؟
دل تان غم ڪر دور دلير.

جاڳڻ جو جڳ ناد وڄايو،
سيڪو سڏ تي ڪڏندو آيو،
توکي ڪنهن ادڪي نه اٿاريو،
هي سانجهي نه سويرَ؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

ڪيتر پاڻ غلام سڏيندين،
ڪشٽ ڪشالن سان نه ڪٽيندين،
چرڪ پيري بزدل نه ڇڏيندين،
هيٺائيءَ جي هيرَ؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

سستيءَ جو جيئن ضعف ڏرو ٿئي،
همت جو هڏ پاڻ-پرو ٿئي،
ڪوشش ضايع ڪين ذرو ٿئي،
پانڌيئڙا ڪڻ پيرَ؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

کاميابي خود پير چميندي،
فتح مبارڪبادي ڏيندي،
قرباني ڪل وير وڍيندي،
نحس غلاميءَ نير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

آهه اهنسا ويس ۾ آزي،
صلح رکي هنسا سان سازي،
بي هٿيارن جي چا بازي،
شير ڪري شمشير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

سورهم سيگ سنباهي هل تون،
پانهن جو ڏيکارج پل تون،
دهشت سان ڌڏڪائج دل تون،
شان رکي وٺ شير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

ڪونڌر ڪنڌ ڪپائڻ سک تون،
نيزي نوڪ نوائڻ سک تون،
رڻ ۾ ريج وهائڻ سک تون،
چڙ پچندن جا پير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

قوم نه سا قسمت کي روئي،
دشمن جو جا خون نچوئي،
مستڪ جا لوهو سان ڌوئي،
ڍو نيدن لائي ڍير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

# قومي گيت

آٿو جاڳو وير جوانو،
غفلت جو ناهه زمانو،
غفلت جو هان، فرحت جو هان، عشرت ِ جو ناهه زمانو ... آٿو.

ديس ڇڏي ڌاريا ورسائي،
پنهنجن تي ڪو ترس نه آيو،
ملڪ بڻيو ويرانو،
هيءِ هيءِ ملڪ بڻيو، هاءِ ديس بڻيو، هاءِ وطن بڻيو ويرانو .... آٿو.

بکن ڪيو بيحال بکين کي،
انگ اگهاڙن دين دکين کي،
درد ڪيو ديوانو،
هاءِ درد ڪيو، هاءِ دکن ڪيو، هاءِ درد ڪيو ديوانو .... آٿو.

دل آ ولايتي ويس وڳن سان،
ڌن ڌارين ڏي پنهنجي هٿن سان،
روز ڪيو ٿا روانو،
هاءِ روز ڪيو، شب روز ڪيو، هر روز ڪيو ٿا روانو ... آٿو.

پين ماڪن آزادي ماڻي،
سنهنجي پوسي آهي ويڳاڻي،
گوندر جو گذرانو،
هاءِ گوندر جو، هاءِ سورن جو، هاءِ دردن جو گذرانو .... آٿو.

”فاني“ ويئين فرض وساري،
منهنجي ماتا پيئي پڪاري،
راهه تڪي روزانو،
هاءِ راهه تڪي، هيءِ هيءِ وات تڪي، هيءِ هيءِ راهه تڪي روزانو .... آٿو.

# آڏما ۽ امنگ
## (منهنجي جيجل)

او منهنجي ڀڳڻ ٻولي تون جيجل لک مائن جي ماءُ،
تنهنجي ٻولن جو ٻنڌڻ ۾ ڀتو پيار پريو پرلاءُ.

تنهنجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڀريون پيار پڪاريو،
هڪ هڪ حرف هلي هردي جي تارن کي والاريو،
توسان منهنجو موهه، جڏهن کان سالم هو نه سماءُ.... جيجل.

سون اديبن عام عقل سان تنهنجي گود سينگاري،
هردم تنهنجي گلشن ۾ آ قائم بوءِ بهاري،
تنهنجي گل غنچن ۾ ڦهليو هرهند آهه هڳاءُ... جيجل.

جنهن ڀوميءَ تي جنم لڌو تو جنم ڏنو جذبن کي،
تن جذبن ۾ جاءِ ڪئي هئي فتنن يا فرقن کي،
جيءَ ۾ جاءِ ڏيئي ڏارين سان سڪ جو ڪيئه ورتاءُ... جيجل.

سور پريل سسئيءَ جا تو ۾ مومل جو مرجهائڻ،
سهڻيءَ جي سڪ، مارن جي ڇڪ ليلان جو ليلائڻ،
نوريءَ جي نسرت نڪتن سان تو ريجهايو راءُ... جيجل.

طوفانن جي ضد ۾ مون هت تنهنجي جوت جاڳائي،
رام، شيام، دلگير، دکايل تنهنجي مهما ڳائي،
شاهه، سچل، سامي جو ڦهليو هت شهرت جو شعاءُ... جيجل.

جيجل تنهنجي جيوت هت آ سپ کي سام سمان،
تنهنجي آهه زبان اسان لئه والئيءَ جو وردان،
"فاني" تنهنجي پيار ۾ پوندو ڪيئن گهاريءَ گهاءُ.... جيجل.

ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟
ڪير هتي منهن ڪولي سگهندو؟
ڪُوڙو سچ ڪو ٻولي سگهندو؟
ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟

بند نہ هوندي بند ۾ آهيون، ڪوٽ هجي جي ڪوٽ ٻہ ڍاهيون،
ذهن جو ڪيئن ٿئي زندان؟، ڪنهن جي منهن ۾ آهہ زبان؟

هرهڪ هڪڙي ڏي واجهائي، همت ويٺا سڀ هارائي،
ڪوبہ نہ جاڳي جبرو جوان، ڪنهنجي منهن ۾ آهہ زبان؟

ڪرعقلن کي ٿو ڪير لائي، پورا لوڪ وجهي پيلائي،
اڳ ۾ اڳرو ٿي اڳوان، ڪنهن جي منهن ۾ آهہ زبان؟

پل ڪو سير سڏائي ماسو، پنهنجو قائم ڪندو پاسو،
ڪير ڪڏي ماري ميدان؟، ڪنهن جي منهن ۾ آهہ زبان؟

ساقي اهڙو جام پياريو، سڀڪنهن پنهنجو پاڻ وساريو،
هوش وڃائي ٿيا حيوان، ڪنهن جي منهن ۾ آهہ زبان؟

## ياد فرياد

گذري جو ويو، سو زمانو ياد ٿو اچي،
وسري جو ويو، سو فسانو ياد ٿو اچي.

دل ٿي چوي ته ٻاهر لڳايان بهار کي،
گلشن جي بجاءِ آءٌ چمان خار خار کي،
برباد جنهن، آشيانو ياد ٿو اچي.

تحقيق غلامي ۾ مون آزاد گذاريو،
آزاد ٿي پڃري مان مون پڃرو نه وساريو،
لٽجي جو ويو، سو خزانو ياد ٿو اچي.

پنهنجي وطن جا گيت مون ڳايا ٿي وطن ۾،
بلبل ٿي ڪئي چاهه مان چونڪار چمن ۾،
"فاني" کي اهو اڄ، ترانو ياد ٿو اچي.

# ڪيئن وسري

(١)
اج سو وارُ وري وري آيو،
پاڻي پنبڙين تي تري آيو،
پل ڇا! سال سڄو سري آيو،
پڇي نه من جي پياس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٢)
سنڌ ماڳ تي موٽي آئي،
منڙي تو ڇو دير لڳائي،
واٽ تي لاشڪ واٽ وڃائي،
نيڻ نه ٿين نراس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٣)
رنج پريا سڀ روز روان ٿيا،
گلشن جا ڪل ساز سنوان ٿيا،
گلڙن جا گل پوش نوان ٿيا،
ڪونج اچي وٽ واس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٤)
هُن پر هوا اندر جا گهٽوگهٽو،
هن پر ڪجهي اچي تي هٽوهٽو،
ڪونج اها سڀ تنهنجي ڪوڪو،
ڪينچي هوش حواس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٥)
ڏڪندي ڏڪندي ڏينهن نمايان،
روز ڏڪن جو ڏيل ڏڪايان،
سوزن-ساٿين کي سمجهايان،
”ڪيو نه آس آداس“،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٦)
لڙڪ اکين جا پاڪ بڻائي،
هوا ڪٽي تو ڏي پهچائي،
پار جيان تو من پاڏائي،
هردي ناهه هلاس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٧)
تو بن گل-لالاڻ ڇپي ٿي،
ساوڪ ۾ سرهاڻ ڇپي ٿي،
چانڊوڪي چانڊاڻ ڇپي ٿي،
اوندهه آهه آماس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

(٨)
”فاني“ ڪئن تو ڪونج وساري،
جنهن جو سپنڌ سنيپاري،
تن سنهنجو تو طرف تنواري،
لوڪ سان آهه لباس،
دل ۾ آهه دلاسو آس.

مان ڪوڙ ڪچو، تون لال اصل.
تون ڪچ به هجين، مان تيج نه هجان.
تون ڪٿ به هجين، مان جت به هجان.
مان توکي ڀلان، تون مون کي نه ڀل.
هيءَ منهنجي حجت، آزيءَ جي علت.
رهڻي نه رهت، صورت نه صفت.
مان خار مثل، تون گل ئي گل.
مان روئان روئي، ڳل ڌوئان ڌوئي.
ڪري ڀال ڪوئي، وندي حال ڪوئي.
کپين تون نه فقط، کپي تنهنجو وصل.
ڏسي شخص شهر، ڏسي پلڪ پهر.
جئن ڳولي بحر، حيران لهر.
وسمئه ۾ جزو، ڪل لئه وياڪل.
تون منهنجو اصل، مان تنهنجو نقل.
”تون“ ”مان“ ۾ اچي، ٿئي چرخ عقل.
تون منهنجي صدا، مان تنهنجو ئي هل.
مان ڪوڙ ڪچو، تون لال اصل.

جنم جنم جو توسان ناتو، پريتم مون کي پاڻ سڃاڻ،
ساجن تو مون کي نہ سڃاتو، ڇاڻي ٿو ٻڌجين اڻ ڇاڻ.

مالڪ تون مون منجھہ رهين ٿو، دک سک پنهنجو پاڻ سهين ٿو،
مان ڀوڳيان يا تون ڀوڳين ٿو، ڇت ۾ هيءَ ڇا جي ڇڪتاڻ.

تون ۽ مان هڪڙي رنگ آهيون، هڪ ٻئي سان ساٿي سنگ آهيون،
ساز ۾ جيئن آواز لڪل آهہ، گل سان گڏ جئن آ لالاڻ.

تون ٿئين ڪير مان ڇاڄ ٻڌيس، تون مون کي مان توکي وڌيس،
هڪ ئي شيءِ جا روپ نرالا، ڏڏ مکڻ يا کير سنباڻ.

لهر مان تنهنجي تو ۾ سمايل، تہ بہ تو لئہ مان آهيان اڇايل،
منهنجي پل پل جي پيڙا مان، موج مچي تو ۾ مهراڻ.

منهنجي من ۾ تنهنجو واسو، دم دم تون مون لاءِ دلاسو،
”فاني“ فرق مٽي تون من جو، راضي ٿي ڪر روح رهاڻ.

## سازيندڙ سو ساز وڄاءِ

سازيندڙ سو ساز وڄاءِ،
تن جي تاس پڄهاءِ:
ڪير ڳنڍي سازيندڙ توريءَ، تو جا تار اڪيلي،
منهنجي هٿ ۾ ناهم هٿوڙو، هاتڪ هٿ، نہ هٿيلي،
حڪمت پاڻ هلاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

توون پيچ گهڙ، جوڙ جڙت لاءِ، ڏڪ ساز جا ڏيري،
ناهيو ڏاهين، ڏاهيو ناهين، ڪل ۾ ڪيڏ پٽيري،
پورن ڪي نہ پنواءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

مون ڪي ڏيئي وري ونين جي، وٽ پل، ڏي موٽائي،
تنهنجو ساز جو مون وٽ آيو، مون ڪو رڪيو ڦٻائي،
ناتو تنوڙ نيپاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

وڄندي ويٺان تي توون جڏهين، ڦهر جا هٽڙا ڦيرين،
ڇاتيءَ سان لاتل ڪي ڇيتيون، ڪيو هٽن سان ڪيرين،
راز اهو سمجهاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

ان حرڪت مان شايد توکي، فرحت عين اچي ٿي،
جيون جي لاشڪ حسرت ٿي، تنهنجي موج مڄي ٿي،
ڪلنڌن ڪي نہ رڻاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

سـاز انـدر آواز ٻـريـن ٽـو ٽـاڪ سٽا سان ٽاهي،
ٻڌڻ ٻڌائڻ ڪان اڳـ ۾ ٽـي ڊول ڇڏين ٽو ڊاهي،
ڇـوڪـراٽـي ڇـا لاءِ،
سازينڌڙ سو ساز وڄاءِ.

”فاني“ جڙت گهڙت ۽ ٻيج ڏهـ بيشڪ راز ٻري آهه،
درد ٻري دل تان نـہ مگر ڪاٽي فڪرات ڍري آهه،
روئـنـدن ڪـي پرچاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ،

# پريتم تولئہ من مستان

دور افق جي سرحد تي تو چنڊ ڪري چمڪات،
سڪ جو سات وٺي مان نڪتس گھوريندي گھرگھات،
لوڪ لڄا تي ڏيل ڏڪائي سڪ ساجن جي پرم پلائي،
وڪ وڪ وڌندي دلبر جي در اوڪي تي آسان،
پريتم تولئہ من مستان.

اپري چنڊ لهي ويو پل ۾ ڇيڙي سڪ جو ساز،
ڪيئن اچي آرام ڪنن ۾ گونجي تو آواز،
دل جو ديپ جلائي هلندس پير پير ۾ پائي هلندس،
ڏيئو نہ ڊرڪڻ ڏيندس توڙي تيز لڳي طوفان،
پريتم تولئہ من مستان.

رئندي رئندي نير سڪي ويو روئڻ آ درڪار،
بادل! آءُ سڪل نيڻن کي ڏيئي نير رئار،
جيسين اکيون آليون ناهن پريتم جو ڪئن من پرپائن،
درد پري دل جو ڪئن ظاهر اکيون ڪن ارمان،
پريتم تولئہ من مستان.

آشائن جي تارن سان آهم گود پري آڪاس،
منهنجي جهول پري ٽانڊن سان جلي جسم جو ماس،
سواس بڻيو آ دل جو دونهون سور بڻيو ڪيئن دل جو سونهون،
دل جي درد مٽائڻ جو آ دلبر وٽ درمان.
پريتم تولئہ من مستان.

هلندي هلندي ختم نہ ٿيندو پربت جو پنڌ اڃاڳپ،
جاڳڻ ۾ جاڳائڻ سان تو ٿئي نہ پاڳپ سڄاڳپ،
هن مارگ جو پنڌ پڇائڻ "فاني" پنهنجي جان گنوائڻ،
آشائن جو مرگھ ڊڪائي رڃ اندر انسان،
پريتم تولئہ من مستان.

# منهنجا گيت اڌورا آهن

بند اڌورا چند اڌورا قافيا پڻ اڻپورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

اڄ جيوت آس ۾ گذري اڄ گذري اڌ سن ۾،
پر ڏهڪن ڪان سو سو ڀيرا سرس پئي سڏڪن ۾،
عيد جو هڪ اڌ ڏينهن هوندو پر پيا سڀ ڏينهن عاشورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

ساقي اڄ پوريل اکين سان مستيءَ ۾ متوالو،
سڀ جي پر ۾ پريل بوتل منهنجو اڌ بم نم پيالو،
انءَ لنءَ مان لرزش غائب ٿي ساٿا انگ سمورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

سوز پريو ٿو راڳ رڳن مان دم دم درد سٺائي،
پنهنجي ئي پورن ڪان ويتس پنهنجي جان جلائي،
نغم نغمان ناهن پر ڪي غم جون ڪاٽيون ڪورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

ڪيئن ڪنهن کي مخمور بڻايان مون وٽ ڪاڀ نه مئه آهه،
آلاپيان يا ورلاپيان ٿو گيتن ۾ ڪا تار نه لئه آهه،
تان سرياي ناهه رسيلي سڀ بي تار تنبورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

رات اڌوري چنڊ اڌورو محب سان ميلو آهه اڌورو،
آس اڌوري پياس اڌوري پراڻ اچي تيا پورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

## بسنت بهار

او هـاـي آئـي كـتـان آ بـهـار،
منڪ مٿي تي پائي گلن جا خار پٽيا گلزار.

قدرت کھڙا رنگ رچائي اپ مان ڪئنسر واءُ وسائي،
هيٺ لٿي آ سرڳ منجهان ڪا هير مٿي هيڪار،
هلي آئـي ڪتان آ بهار.

وڻ ويـتـا سرتال مـلائي گيت ملڻ جـا ڳيرو ڳائي،
بلبل کـان وڌ مست ڀنور جـي گـلـشن مٿان گونجار،
هلي آئـي ڪتان آ بهار.

مـوسـم ويٺي مينڌي لائي هـار بهار بسنت ڪئي پائي،
جـوڙن ۾ جشنن جـو جـاڳيـو آهه امنگ اپـار،
هلي آئـي ڪتان آ بهار.

برج سمورو برندا بن آهه ڇهه ڇهه سان ڀرپور چمن آهه،
"فاني" سيڪو تـو ساراهـي سرشٽيءَ جـو سينگار.
هاي آئـي ڪتان آ بهار.

## يگ جو آواز

ساان آهيان يگ جو آواز،
هرهڪ يگ ۾ رهندو آيس هر دل جو همراز.

ڪيئن مٽندا بک بيروزگاري نعرن سان تہ پڇي بيماري،
ناممڪن، ممڪن ٿي پوندو مان جيئن سوريان ساز.

ست ئي جي ڪا آفت ايندي حق جي جي نہ حفاظت ٿيندي،
منهنجي نس نس اپري آڻي بي رحميءَ ڪي باز.

مشڪل ڪي مشڪل نہ مڃان مان منزل جي حد پاڻ پڇان مان،
اڳتي اڳتي هلئي هاڻ جو مون وٽ آ انداز.

گهري ساگر منجهہ رهان ٿو اپ ڪان دور مٿي اڏران ٿو،
طوفانن سان پر ٽڪرائي آءٌ ڪريان پرواز.

وقت جي ڦيٿي کي ڦيرايان ڌرتيءَ سان آڪاس ملايان،
ڪنڌي کي ساراهي گل جو آءٌ نهوڙيان ناز.

اندڪار ۾ جوت جڳائي گمراهن کي راهہ لڳائي،
عاجز کي بيخوف بڻائي آءٌ ڪريان اعجاز.

## اخلاق - املاڪ

مان ٿو من کي من سان توريان،
دنيا پيئي دولت کي پوڄي، مان ڌن کي من تان ٿوکوريان،
مان ٿو من کي من سان توريان.

دنيا کي املاڪ وٽي ٿي، ڌرتيءَ جي دز خاڪ وٽي ٿي،
مون کي ماڻڪ موتين عيوض، موتين جهڙي ماڪ وٽي ٿي،
سر نه هٿن جي ميڙڻ لائق، مان ڏک چا لاءِ ڏوريان،
مان ٿو من کي من سان توريان.

مان قارون ڌريان قدمن ۾، ريجهي روح نه ٿو رتنن ۾،
دور پڄي دنياداريءَ کان، مان سک ماڻيان ٿو سپنن ۾،
رڄ جي پوئتان اڄ ڪٿي مان، جيءُ نه هرگز جهوريان،
مان ٿو من کي من سان توريان.

مان جنهن گل کي هٿ لاتو آ، ڪنڊن اپري چڪ پاتو آهه،
من جن ناتن لئه آتو هو، اڄ نه انهن جي لئه آتو آهه،
اهڙي "فاني" دنيا کان مان، پاند ڇڏايان هوريان هوريان،
مان ٿو من کي من سان توريان.

سھڻو سڪ وارو سنسار،
پيار جي جت ڪٿ آھ پڪار.

ڪڻ ڪڻ تي آ ڳاڙھو رنگ،
جئن ڳاڙھي جوڙ جو سنگ،
پريم سندرتا جي پيھي تي چڙھي ٿو ھڪلي جھار سھڻو....

پيچ پنيءَ جو آيو ويلو،
رات رتل سان سج جو ميلو،
ملندي وڇڙي نيڻ ٿمائي نئين نويلي نار سھڻو....

قاصد ڪانگ اڏامي آيو،
ڪوڙي 'ڪان' 'ڪان'من ڀرمايو،
پت تي ويٺي ڏئي دلاسا پر نہ وڃي ٿو پار سھڻو....

ھاءِ! حجاب ڪري ڪيئن واڪو،
پيار جو ڪونہ وڃي جئن ڏاڪو،
"فاني" دل جا پور پچن شل تند بنا ڪنھن تار سھڻو....

## سکــا - درس

او موركــ انسان!
سکــ جي ڳولا ۾ دکــ پوڳي هر هر ٿئين حيران ڙي

١- تون گل کي ڪلندو تہ ڏسين ٿو، مٽيءَ ۾ ملندو تہ ڏسين ٿو،
مشڪل ملي هزارن ڳوڙهن پوٺتان هڪ مسڪان....
او موركــ انسان!

٢- هن دنيا جون هيٺ مٿاهيون، چڙهون لهون پيا چاڙهيون لاهيون،
هلندي هلندي ساهہ پٽيون ڪٿ، منزل ناهہ مڪان....
او موركــ انسان!

٣- "فاني" جڳ جا کيل تماشا، پل ۾ آشا پل ۾ نراشا،
مرگهہ مثل پاڻيءَ جو دوکو، رڄ ڏٺي ريگستان....
او موركــ انسان!

●

سکــ سپنو پاڻ، دکــ پاڻئج مهمان،
ٻنهي جي ميلاپ مان، جڙيو هيءُ جهان،
دکــ سکــ پاڻ سمان، تہ مونجهارو مٽجي وڃي.

سمنڊ سمايو بوند ۾

## پرديمي

او پروانا! تنهنجو منهنجو ساڳيو رستو ساڳي راهہ،
آءٌ چڪور ۽ تون پروانو چت ۾ ساڳي ساڳي چاهہ.

١- چنڊ تي آءٌ چريو آهيان تون شمع مٿان مستان،
تون پيو چاهين مان پيو چاهيان جان ڪريون قربان،
محب ملڻ جي ڀن دلين ۾ آهہ اڪير اٿاهہ، او پروانا!....

٢- پر پروانا تنهنجي پرن ۾ آهہ جلڻ جو جوش،
مون ڪان وڌ بيشڪ تون آهين متوالو مدهوش،
جان جلائڻ ڏاران توکي ڪانہ وٽي ڪا واهہ، او پروانا!....

٣- تنهنجو پريتم هت آهي، پر منهنجو آ پرديس،
پيئي اڇايل پيئي اجهايل پياسو پياسو ويس،
تنهنجو سڙي سڌي ٿو توکي منهنجو بيپرواهہ، او پروانا!....

٤- پروانا تون اسر ٿئين ٿو پل ۾ جان جلائي،
پر منهنجي چت کي چانڊوڪي پل پل پيئي پڄرائي،
"فاني" تو جيئن ڪيئن جلي مان پورا ڪيان پساهہ،
او پروانا تنهنجو منهنجو ساڳيو رستو ساڳي راهہ، او پروانا!....

ماں جي تو ساں ساڻ هجاں ها،
ڇو ماں پنهنجو پاڻ هجاں ها.

١- ساگر شانت رهڻ جي چاهي،
پوي ڪنارن ڏي ڇو ڪاهي،
ماں چولي ڇاڪاڻ هجاں ها، ماں جي....

٢- سپ ڪجهه مان مان ڪچ بڻي پيس،
تنڪو تڏڙو تيچ بڻجي پيس،
بوند نہ مان مهراڻ هجاں ها، ماں جي....

٣- آس اندلت سج چنڊ ستارا،
شفق افق جا سرخ نظارا،
ماں نپ جي نيلاڻ هجاں ها، ماں جي....

٤- ماں جي تو ۾ هجاں سمايل،
تو جئن ساري جڳ تي ڇانيل،
ماں پراڻن جو پراڻ هجاں ها، ماں جي....

٥- منهنجي صحبت مان ڪڪ تي پئين،
سون ماں شايد تون تڪجي پئين،
تون گُل مان سرهاڻ هجاں ها، ماں جي....

٦- ماں تن تنهنجو تون منهنجو من،
بڻجي سارو سک مئہ جيون،
ڇو اک جي آلاڻ هجاں ها، ماں جي....

# سرتيون سانوڻ ڪيئن ملهايان!

منڌ موڻي پر محب نہ موٽيو،
ڪنهن سان روح ريجهايان، سرتيون سانوڻ....

١- جئن جئن اڀ ۾ بجلي ڀڙڪي،
تئن تئن وياڪل دل تي دڙڪي،
البيلي جي اوسيئڙي ۾،
پل پل سر سوريءَ تي اڙڪي،
ڪرن ڪي جهولي ڦهلايان، سرتيون سانوڻ....

٢- اکڙيون! آليون تيون نہ اڳ ۾،
روح وندي روڪيو رڳ رڳ ۾،
ڪرن جو جئن هيانءَ نہ ڦاٽي،
دلبر روڪي ڇڏن نہ ڏڳ ۾،
پاڻ کي پاڻ پٺي پرچايان، سرتيون سانوڻ....

٣- پر موسم تي جوڀن آيو،
ڪرن عرض اصل نہ اگهايو،
سنهن ڪارا دل جا ڪارا تي،
گجگوڙن ڪان ڪين گهٽايو،
اڏڪن ۾ تي ڏيل ڏڪايان، سرتيون سانوڻ....

٤- چت جا چن ڦونهارا تي پيا،
گهر جون ڀتيون گهارا تي پيا،
برهہ جو اهڙو بند ڀڄي پيو،
نيڻ ڀڄي نيسارا تي پيا،
جل ۾ جوڀن پٺي جلايان، سرتيون سانوڻ....

٥- غم غربت جو ڪونہ ستائي،
پير پرين جي گهر ۾ پائي،
هڪ غربت ٻي ”فاني“ فرقت،
سور ۾ سور تو سرس ستائي،
رئندي رئندي حال وڃايان،
سرتيون سانوڻ ڪيئن ملهايان.

لنئم نہ اجايو لات پکيئڙا! لنئم نہ اجايو لات،
تنهنجي لات مان ساجن سمجهي ڪانہ برهہ جي بات.

۱- نيڻ نراشا جا اگهندي مان وينس پاند پسائي،
هوا گهلي منهنجي اکين جا ڳوڙها ڪيئن سڪائي،
هڪ ڏينهن ناهي روز اکين ۾ بادل ۽ برسات، پکيئڙا....

۲- جيئن جيئن پرين وسارڻ چاهيان تئن تئن ياد اچي ٿو،
جئن جئن حال وندڻ کو چاهي تئن تئن درد مچي ٿو،
ڏينهن ڏکن جا چپ ۾ گهاريان رئندي گهاريان رات، پکيئڙا....

۳- سون کي ساجن جون تن من ۾ آهن روز تنوارون،
وينو آهہ وساري تنهن ڏي ڪهڙيون منجان مياروں،
آهہ اصل کان سڪ وارن وٽ سورن جي سوغات، پکيئڙا....

۴- پوري طرح نہ تــو پرَ کولين شايد پار پچڻ لاءِ،
قرب قريب ڪري ڪيئن ايندو مون وٽ محب ملڻ لاءِ،
"فاني" ناحق لات لنوين ٿو جاڳائين جذبات، پکيئڙا....

ماروئڙا، سانگيئڙا، جهانگيئڙا،
پرين منهنجا پري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا ....

١- دم هڪڙو جي ڌار نہ ٿئي تيا،
تن کي ڏسندي سال لنگهي ويا،
ٿڪي آهون پري، دل دانهون ڪري،
ماروئڙا ....

٢- سانگين جي سڪ ساهہ سڪايو،
ڪونہ پرين جو قاصد آيو،
من ماندو مري، دل دانهون ڪري،
ماروئڙا ....

٣- "فاني" قيد ۾ قابو آهيان،
ويڳاڻي تي پئي واجهايان،
لڪيو ڪين لڙي، دل دانهون ڪري،
ماروئڙا ....

اکين مان ڳوڙها وهندا ڪيسين دل جو ڏک سهندا،
درد دٻائي دل جو دل ۾، چاڪ به ڪيسين چپ رهندا.
دنيا ڪنهن کي ڇا ڏيندي،
ڪنهنجي دل پوري ٿيندي.

واريءَ جي بنياد مٿان، ڪيئن اميدن جا گهر ٺهندا.
ٻولڻ جي لئه دل خواهان،
مک ۾ تہ بہ آ بند زبان.

اندر جا آواز مگر، اظهار جو در ڳولي لهندا.
آس نہ دل مان ٽئي نراس،
آس ۾ "فاني" رک وشواس.

ترِيءَ مٿان تقدير جا ليکا، ڏاهڻ سان ويندا ڏهندا.

توکي ڪيئن پرچايان پريتم، توکي ڪيئن پرچايان •

١- ڪير ڳانءِ جوڳابڙو پيي ويو، ڌهڻ ڪان اڳ ئي جوٽو ٽي و يو،
ڀنورڳلن مان واس وٺي ويو، ڪهڙي پيت چڙهايان، پريتم ••••

٢- ڀوڳ لڳائڻ توکي اجايو، جمڻ ڪان اڳ تو قوت بڻايو،
جو ساري جڳ کي ڪارائي، تنهن کي ڪيئن کارايان، پريتم •••

٣- تنهنجا سج چنڊ جڳ جرڪائن، جت ڪٿ ٽا پرڪاش پچائن،
تنهنجي تجلي تيج اڳيان سان، ڪهڙي جوت جڳايان، پريتم •••

٤- جل جا مڇ ڪڇ جل ۾ گهارن، تنهنجو گنگا جل ٽا لباڙن،
تنهنجي شد اشنان جي خاطر، نيڻين نير وهايان ••••
توکي ڪيئن پرچايان پريتم، توکي ڪيئن پرچايان، پريتم •

وسي ٿي ڪرڻن جي برسات، اڄان اڌ رات،
پرهه جـي پيرن تي پرڀات، اڄان اڌ رات.

رات جي چادر ۾ آ چنڊ،
محبت جو آ وچ ۾ منڊ،
تڪڻ جي تارن ڪي آ تات، اڄان اڌ رات.

لڳي ٿي ڏڏڙي منڙي هير،
ڪري ٿي ماڻا ساهه سڌير،
اچي ٿي جنبش ۾ جذبات، اڄان اڌ رات.

اڄان پکين جي ڇهه پهه بند،
اڄان مکڙين جي بند سڳند،
لنوي ڪوئل نه ڪٿي ڪا لات، اڄان اڌ رات.

ڇٽي ٿو شبنم جو رس رنگ،
پري ٿي هر شيءِ منجهه امنگ،
لهي ٿي سرڪ منجهان سوغات، اڄان اڌ رات.

نشا جو چاڙ نشو ٿيو دور،
شفق جي سينڌ پري سندور،
نه رهندي رات جي ڪا فڪرات، اڄان اڌ رات.

دنيا ۾ گذاري لئہ غم ۾ ڇو گذارين ٿو،
دم دم ۾ دکي دانهون پل پل ڇو پڪارين ٿو.

١- ڪيڏي نہ ڪشش آهي نوراني نظارن ۾،
سج چنڊ هوا ڌرتي تارن ۽ ستارن ۾،
ڪلهن سان ڪيڏي ڪنڌ تون مٽتي نہ نهارين ٿو.

٢- تو لاءِ اڇڻ کان اڳ سواگت هو سرشٽيءَ ۾،
توکي نہ نظر آيا درشيہ ٿي درشٽي ۾،
تن من جا اندر تحفا سڪ جا نہ سنڀارين ٿو.

٣- گلشن سان سحر تو لئہ هبڪار کڻي آئي،
ديدن ۾ دو-پهري پڻ ديدار کڻي آئي،
ڇو شام ٿيڻ کان اڳ سپنن کي سمهارين ٿو.

٤- جهرڻن جي ڏني جهيڻي شبنم تي نشو گل جو،
پڙلاءَ پنن تي آهہ بي ساختہ بلبل جو،
ڇو نار جي نغمن سان نس نس نہ تون ٿارين ٿو.

٥- جيوت جي گلستان ۾ گل خار گڏيل آهن،
ڏينهن رات مثل لاشڪ سک دک سان مليل آهن،
فرحت کي ڇڏي "فاني" گهايل تي ڇو گهارين ٿو.

دنيا ڪنهن جون واهون وڻندي،
ڪنهنجون روڪي راهون وڻندي.

جيئن جيئن وڃهندي روڪ رڪاوٽ،
تيئن تيئن سک جي سرس سجاوٽ،
پيار پريون ڪئن گلي لڳڻ کان،
ڪنهنجون پڪڙي ٻانهون وڻندي، دنيا ڪنهن جون...

دنيا جي لڄ ڇا ٿيندي آهه،
دنيا ڪنهن کي ڇا ڏيندي آهه،
ڏيئي وڇوڙو سوز سڪايل،
دل جون آهون دانهون وڻندي، دنيا ڪنهن جون...

سوجهاري کي روڪي رکندي،
اونداري جي بجلي ٻکندي،
ڪنهن جا ڪنهن جا جاڳڻ وارا،
ٻوٽي نيڻ نگاهون وڻندي، دنيا ڪنهن جون...

دنيا اهڙي نردئي ٿيندي،
واٽون واهون وجهه جهليندي،
پريت نماڻي جهول جهلي، دڳ،
داتا جي درگاهون وڻندي،
دنيا ڪنهن جون واهون وڻندي،
ڪنهن جون روڪي راهون وڻندي، دنيا ڪنهن جون...

## مان ڳاوان ٿو ڳائڻ لاءِ

مان ڳاوان ٿو ڳائڻ لاءِ،
من جي مونجهه مٽائڻ لاءِ.

ڳائڻ منهنجي جان جياپو،
جنم جو جنهن سان لڳ لاڳاپو،
ناتو نينهن نڀائڻ لاءِ،
مان ڳاوان ٿو ڳائڻ لاءِ.

ديو لوڪ سان دات ملي،
سرگم جي سوغات ملي،
سر سان تار ملائڻ لاءِ،
مان ڳاوان ٿو ڳائڻ لاءِ.

تار ۾ آ داتار جو واسو،
دک ۾ دل جو آهه دلاسو،
ڌرتي سرڳ بڻائڻ لاءِ،
مان ڳاوان ٿو ڳائڻ لاءِ.

# اڄ جو ڏيلهن لڳي ٿي رات

آسمان ۾ ڪونهي ڏسون ٿا بادل يا برسات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

ڏينهن جو ڏنڌ جڏهن آ جاري، رات جي ٿيندي ڇا ظلمات،
مڙس مهانڊو ويڙهي وينا، ڪنهن جي ڪير سڃاڻي ذات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

ٽانڊاڻو دوکي ڪان آيو، ڪوئل ڪانءُ لنوي ٿي لات،
صدين ڪان ساٿا سهيل، ڪئن جاتيءَ جا جاڳن جذبات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

ڪالهه ڪي حال سان چونٽا پيٽيو، ڪالهه جي ڪيڏي آهه اوقات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

# منهنجي دل گهاون جو گهر

منهنجي دل گهاون جو گهر، گهر منهنجي ڪان ڪيو گذر،
گهمندي گهمندي گهاو ٽڪي پيا ڀڃڪيا ٿي در در،
آخر اچي اسان وٽ لاٿو سورن سان سمر،
هوريان هوريان هڪ هڪ گهڙندو ويڙهي ويو ولر،
گهاو اهي جي گهڙي نه گهٽجن جن جو پل به پهر،
مون ٿي سمجهيو مون سان ٿي ڪيو قسمت آهه قهر،
جن گهاون کي مون ٿي ڄاتيو درد ڀريو ڏمر،
سچ ته اهي ٿي ثابت ٿي پيا آٿت ۽ آڌر،
سورن جي سڪرات سحر ڏي سولو ڪيو سفر،
خود به ڏکن ڪان ڏکجي ڏک جو ڏري پيو ڏونگر،
دردوندن لئه همدردي جو جاڳيو جوهر،
منهنجي ڳوڙهن خشڪ ڀنن جو تازو ڪيو ترور،
منهنجي دل گهاون جو گهر.

او درد ڀري دل جي دنيا، تو ۾ غم هردم وسندو ئي رهيو،
جيئن جيئن ٽي بهار جي رت آئي، تئن تئن ٽي چمن سڙندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

١- طوفان تکو گهلندو ئي رهيو، ڊرڪي ٻه ڏيئو ٻرندو ئي رهيو،
اوندهه ڪان انڌاري ايندي رهي، ڪارنهن ۾ ڪنڪ هاندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

٢- گذريءَ جو ذڪر ايندي‌ءَ جو فڪر، سورن جو سمر قدرت جو ڏهر،
سڀ ساڻ سٽائو هو نه سفر، منزل ڏي قدم وڌندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا...

٣- ڦوٽا تي ڦٽا ڪشتيءَ سان ڦهر، بي ترس لهر بي قياس بحر،
افسوس اهو چپ چاپ مگر، ساحل هي غضب ڏسندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا...

٤- دل واري ڪا دنيا دور هئي، تصويرن سان ڀرپور هئي،
بيشڪ سا نظر جو نور هئي، ڪئين چترقام ڪڍندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

٥- همدرد ٽي گوڙهو وهاءِ قضا، ڏس ڪيڏي ملي آ وفا ڪي سزا،
سک ۾ آ دکي "فاني" جي فضا، برسات ۾ گهر جلندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

## منھنجا گيت

( ١ )

تون ٿئين رهبر مگر رهبر نہ ڇئہ،
پاڻ کي مون کان ڪڏهن بهتر نہ ڇئہ،
مون کي هن گهر ۾ ڇڏي ٻي گهر نہ ڇئہ،
در ڇڏيم تنهنجو تہ تنهن کي در نہ ڇئہ،
مان نہ شل تنهنجي سهاري تي ٽڪان،
شل نہ تنهنجي آسري جي لڙهہ لڳان.

( ٢ )

ڊاهہ گمراهيءَ جا سڀ رستا ۽ رند،
جنهن کي ڪرپا تو سڏين سي ٿيا ڪمند،
ناز وارا تو ڪيا نياز وند!
تو رچيا رهبر ٿي ڪيڏا قير ڦند!!
منهنجي خود داري اجهو ٻڙڪي آٿي،
منهنجي رڳ رڳ چوٽ مان ڦڙڪي آٿي.

( ٣ )

تو هٽي آٿي جي مون کي ڏک ڏنا،
تنهن کان تون خود پاڻ آهين آشنا،
بند ڪر اڄ کان تون منهنجي پالنا،
ڇو نہ هلندس تنهنجي محتاجيءَ بنا؟
مون سان آهي ٻيلهہ ٻن ٻن جو جٽو،
سان ٻہ-پيرو آهيان ۽ ٻہ-هٿو.

( ٤ )

سان تم بيشڪ گيت ڳائيندو رهان،
چوٽ تي چوٽون ٽو کائيندو رهان،
۽ ڪڏهن ڳوڙها وهائيندو رهان،
پروسو آنسن کي پائيندو رهان،
گيت غم وارو مدر منتار آهه،
اشڪ گيتن جو سدا سينگار آهه.

( ٥ )

چوٽ، پيڙا، اشڪ جو ميلو مچي،
رنگ ٿو اهڙو عجب تن جو رچي،
گيت ڳائڻ لاءِ اٿي نس نس نچي،
مدرتا ٿي ڪنٺ ۾ چلڪي اچي،
مان ٿو ڳايان دل کي ڏاڍڻ واسطي،
تنهنجي ڏؤ هستي لڄائڻ واسطي.

( ٦ )

مرحبا اي منهنجا غم، منهنجي خوشي!
تنهنجي ڏايل آهه گوندر سان ڳجي،
روڳ هوندي راڳ سان تنهنجي رچي،
سات "فاني" جو رڳو توسان رهي،
تنهنجو ساٿي شل سدا صدما سهي.

—

ڏکي منهن رئندا رهنداسين، اسان جي نيڻن ۾ آ نير،
سڪن جو نانءُ نه وٺنداسين، رهي دل دردن لئه دلگير.

١- جڏهن محبوب اڱڻ ايندو، ڏيئو ڏسنديئي جلي ويندو،
وسائي ديپڪ رکنداسين، اسان ائه اوندهه آ اڪسير.

٢- اسانجو کهڙو آهه قصور، چمن پيو ڇڏڻو ٿي مجبور،
پيا تن تننندا رهنداسين، هنيو جو تير تکو تقدير.

٣- جسم جئن جنبش ۾ ايندو، تخيل تيز تکو ٿيندو،
اسان سيخن ۾ سڙنداسين، اسان جو روح نه آهه اسير.

٤- اسان خود غرضيءَ کان خالي، چمن جي چاهيون خوشحالي،
سهي بد زيب نه سگهنداسين، وطن جي ترقي جي تصوير.

مون ۾ ڪائي جان نہ آهي، تون ئي جاني منهنجي جان،
تنهنجي ناز نهاريو مون ڏانهن، منهنجي دل ٿي پيئي جوان.

من ۾ توکي محب وهاريم، من کو برپٽ باغ ٿئي،
تنهنجي وڻ ويڙهيءَ جي واسي، وسندو باغ ڪيو ويران.

غم وارن کي پنهنجائي غم، بي غم غم مان چا چاڻين،
ڪنهن کي دل جا داغ پسايان، تنهنجي نيشن جا نشان.

مانتيڪي ساگر جي من جي، بي آرامي ڪير ڏسي،
اندر غم جي ڌارا تن ڏي، ڪير ڌريندو آهہ ڌيان.

مان ڏوهن تي ڏوهہ ڪريان پر، تون زاهد ٿو پاڪ رهين،
منهنجو بخشيندڙ ۾ ويسهم، تنهنجو ان ۾ آهہ گمان.

# پهريدار

## [اڃان نہ پهريدار! ٿئين تون ڀيري مان بيزار]

( ١ )

ننڊ نکنڊ جئن رات سڄيءَ ۾ ڏرڪي ڪين ڏڪين ٿو،
'هي ها' جي هوڪن هڪلن سان نڙي ٻہ چست رکين ٿو،
پنهنجي گهر جو خاوند واهي، گهر گهوري ٿين پرَ ڏي راهي،
لوڙ ڪيئہ لاچار،
رات چؤپر جي، جيءَ جو جوکو، ڏاڍن جو ڏهڪار.

( ٢ )

تون جاڳين، پر سيٺ سُتل آ ٻي فڪرو بنگلن ۾،
تنهنجي جان خريدي روپين ويهن يا ٽيهن ۾،
سيٺ سمهيو سڀ چنتا لاهي، تو وٽ ڦر جو ڦرنو آهي،
وهہ! تنهنجو ويچار،
سال پرائي تي تون ڀڄين سر سهسائڻ هار.

( ٣ )

سورڪ پهريدار! جي هيڪر پنهنجو قدر سڃاڻين،
ڪوڙي نانوَ شرافت ۾ جي سچ ڪا حرفت ڄاڻين،
چاڪر مان تون مالڪ ٿئين ماڻهن ۾ تون ماڻهو ڳڻبين،
عمر نہ سهہ آزار،
ٽوڙي ڄنجوڙي ڪر تون هٿڪي پاڳ پريو هشيار.

( ٤ )

عمر ويئہ اوجاڳا ڪاٽي پاڳ نہ تو جاڳايو،
پاڳ پيلو خود ٿيندو جي تو پانهن-ٻل ڏيکاريو،
همت تو وٽ هستي تو وٽ مڙسائي سڀ مستي تو وٽ،
ڪيڏ پوريل ڪلدار!
تنهنجي زور اڳيان ڇا ٻيهندو ٻي زورو زردار.

## فخر سنڌ شهيد الله بخش سومري جي ياد ۾

## [افسوس ويو سنڌ جو سرتاج گذاري- دنيا کي روئاري]

۱- حاسد تون ڏيئي ڦوڪ، ڏيئو گل نہ ڪرين ها،
هيئن ملڪ متان قهر مصيبت نہ ڏرين ها،
چو ميڙ اسان جي مان وئين مڙس اٿاري.

۲- ڇا لاش ڏسي تي رنا سڀ مرد ۽ ناريون،
افسوس ڪان هرهنڌ تيون بند بزاريون،
تي چير وڏا هاءِ جنازي جي نظاري.

۳- قربان ڪيئہ ملڪ تان شاهي ۽ وزيري،
لڪين کي ڇڏي تو ڪئي عبادت ۾ فقيري،
عهدا ۽ اميري نہ سگهيئہ دل کي ڏتاري.

۴- تون ڪانگريس لئہ فخر جو نشان هئين،
’آزاد هند‘ لاءِ چمن روح روان هئين،
اڄ مادر وطن تي سنڌ واٽ نهاري.

۵- تو قوم جي قدمن تان ڪيو جان کي قربان،
زنده تيو ’فخر سنڌ‘ سنڌ نالو ۽ نشان،
دنيا نہ سگهي اهڙي شهيدي کي وساري.

٦- ٻوڏن جي مصيبت ۾ جا خدمت تو ڪئي هئي،
سا ديس ۾ پرديس وڃي هاڪ وئي هئي،
اڄ توکي ڏکي وقت ۾ سنڌڙي ٿي سنڀاري.

٧- تاريخ ١٤ مئي نہ ڪنهن ماٺهو کان وسرندي،
دشمن جي لاءِ دل مان سدا آهہ نڪرندي،
جنهن پل ۾ ڇڏيو شير بهادر کي سمهاري.

٨- ”فاني“ هي دنيا آهہ مسافر ٿي رهڻ لاءِ،
جايو هو الله بخش انهيءَ سور سهڻ لاءِ،
شل پاڪ پيغمبر توکي محفل ۾ ويهاري.

—

# كافيون

پکي وڻ چڙهي چو اچانک اڏاڻا،
چڙي ماڳ پنهنجو وڃي ٿيا ويڳاڻا.

ڀڳا ڏار وڻ جا ڏنو وڻ ٻه ڏلکي،
چڙي سنگ مان ٿي ويا داڻا داڻا.

رکي چاهه چت ۾ چڳيا جن چٽا ٿي،
سڙو تن کي ڏيندا مکڻ جا نه چاڻا.

هيا هنج سنڌو جي سرور تي سهڻا،
ڏهن تي نه ويهندا مڇين لئه مهاڻا.

محل ۾ ٻه ماندي اچا آهه موسل،
رهن ڪاڪ جا گل ڪوماڻا ڪوماڻا.

پکن ڏي ڪٽي پڪ وري نيت ورندا،
اباڻن جا "فاني" وسائڻ وڻاڻا.

آيو ڪونم وطن ڪان ڪوئي،
پور پيو دل ويٺي روئي.

سون جهڙيون لڪ ويئيون وسڪن،
شال ملن سنگهار سگهوئي.

ڪير خوشيءَ سان قيد قبولي،
ڏيهه ڪان اڳ هو ڏينهن ڏنگوئي.

ليڙون ليڙن سان ڳنڍيندي،
ڳنڍي بچيا بس ليڙ نه لوئي.

آهن دانهن مان نه وري ڪجهه،
اکيون روز رئن جهڙ جهوئي.

”فاني“ سڪڻ سڪڻ تي ناهي،
سڪ جنهن کي آ سڪندو سوئي.

## شيخ اياز جي جواب ۾

پرين جون اڇن ٽيون پري ڪان پڪارون،
لڳل جن جون تن من ۾ آهن تنوارون.

١- جدا ٿي وطن ڪان هتي جالٽو پيو،
نه ڪو ڏوهه ڪنهن جو نه ڪنهن تي ميارون.

٢- ورهه ۽ وڇوڙو پلئه جن ڪي پيو آهه،
اهي روز روئن ڏيئي اوچنگارون.

٣- اڃان ساز مان سوز جو سر ڪڍان مس،
ڇڇي چو پون ٽيون تنبوري جون تارون.

٤- هتي ڪيئن ويهي هٿي جا وساريان،
ملير آهه منهنجو مٺا منهنجا مارون.

٥- پرين دور "فاني" بس ويجهو وسن ٿا،
پڄان ٿو پڄرينءَ پر توڙي ناهيان تارون.

پريتم اچ تون اوري،
جيءُ جدائي جهوري جهوري.

١ - پل پل ويٺي واجهه وجهان ٿي،
سڪندي سورن منجهه سجهان ٿي،
راڻا موسل وانگر منهنجي،
رات ڪٽي وَتِ سوري سوري.

٢ - گهر ترڙ گهوري نڪتي آهيان،
آس اميد نه هرگز لاهيان،
پنهل پريں جي پونٺان پيئي،
سسئي ڏونگر ڏوري ڏوري.

٣ - ليلان جئن لڪئي سان لڙندس،
چاهه چنيسر جي ۾ سڙندس،
سڪ جي ڪڍندس ڪيئن چپر مان،
چهنيل چت سان چوري چوري.

٤ - توڙي تار نه چاڙان ترندس،
”فاني“ محب سٽي لاءِ مرندس،
سهڻيءَ جئن مچ ڪچ مرڪائن،
ماس ڪاهن تان ڪوري ڪوري.

پريتم اچ تون اوري....

هوت نہ ڇڏ هيٺي هيڪل، ڏونگر ڏيل ڏڪائي ٿو،
ڏينهن ڏنگو تہ پهاڙ ڏنگا، پير پير انڪائي ٿو.

١- تنهنجا مائٽ مت گهٽا، تن کي آءُ وٽان وٽان،
هڪڙي سر لئہ منهنجو سر، سور سوين سهسائي ٿو.

٢- ٻاهہ برهہ جي ڏئي ڀڙڪو، سڪ جو سيني ۾ سڙڪو،
درد وڇوڙي جو دم دم، دل ۾ دود دکائي ٿو.

٣- ونڊر ۾ ورلاپ ڪريان، ڪونہ اچي ڀرلاءُ پريان،
اٿ نہ ڪو هڪڙو اوٺي، مون ڏي واڳ ورائي ٿو.

٤- ڏينهن لهي ويو رات لٿي، اکين جي برسات لٿي،
اوندهہ تي اوندهہ آئي، چرڪ نہ ڪوبہ ڇڏائي ٿو.

٥- ڇمندي قسمت ۾ هو ڇام، نحس ندورن ڪيو ناڪام،
"فاني" ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان، پاڳ پنون پنڪائي ٿو.

مـــاروئـــڙا ســانـگـيـئڙا، سانـگيئڙا او جهانـگـيئڙا،
پرين منهنجا پري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

١- دم هڪڙو جي ڊار نئي ٿيا، تن ڪي ڏسندي سال لنگهي ويا،
ٽڪي آهون پري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

٢- سانگين جي سڪ ساهم سڪايو، ڪونہ پرين جو قاصد آيو،
من ماندو مري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

٣- مارو ڪيئن وساري ويهندا، جيئري مون ڪي ماري ويهندا،
ڳڻتين ۾ ڳـري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ...

٤- "فاني" قـيـد ۾ قـابـو آهـيـان، ويڳاڻي ويئي واجهايان،
لـڪيو ڪيئن ٽري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

---

چـڏ تـون پـريـنءَ پسڻ جا پور،
هـرهـنـڌ حــاضــر آهـم حضور، چڏ تون پرينءَ ...

١- تو ۾ ڪٿ توفـيـق تڪڻ جي،
ســج جـي تجلي تـاب جهلڻ جي،
ويج نـہ پسڻ جـي لـئـہ وهلور، چڏ تون پرينءَ ....

٢- لـوڪ لـڪين، بوندون جهرڻن ۾،
جئن جرڪي ٿـو سـج ڪرڻن ۾،
هـت هـت ظـاهـر آهـم ظهور، چڏ تون پرينءَ ....

٣- پـورا ڪنهن جـا پـور ٿين ٿا،
سڪ جـا سـونهان سـور ٿين ٿا،
چـت چـنـتـا ۾ چـڪنـا چـور، چڏ تون پرينءَ ...

٤- پـريـن پـسـڻ ويج پـاڻ ۾ پيهي،
ات ويهہ جت پيو سگهي نہ ويهي،
دلـبـر دل ڪـان نـاهـي دور، چڏ تون پرينءَ ....

# قطعات

## مدهوشي

ڪنهن ڏنو توکي بهارن ۾ ڏٺو،
ڪنهن ٽي چپ چاپ ستارن ۾ ڏٺو،
منهنجا محبوب مگر مون توکي آ؛
پنهنجي ڳوڙهن جي قطارن ۾ ڏٺو.

—

سڀ شرابي سڀئي مئه نوش آهن،
سچ سلڻ کان سڀئي خاموش آهن،
سست زاهد پيئي مخمور اهڙا؛
هوش هوندي به چڻ بي هوش آهن.

## سخاوت

ڏني جا تو ۾ عادت مون ڏيڻ جي،
ٿي پيدا مون ۾ علت پڻ منگڻ جي،
ڏيڻ کان هٿ جهلي سگهندين؟ پلي جهل؛
نه ويندي هير پر مون مان وٺڻ جي.

—

جهلي بيهين سدائين هٿ مٿان ٿو،
جهلي جهولي تڏهن هيٺان بيهان ٿو،
گدائي منهنجي کان سڏجين سخي تون؛
سخاوت تنهنجي زندهه مان رکان ٿو.

—

مان جڏهن توکان منگيو تو تڏهن مون کي ڏنو،
منهنجي حالت تي مگر تنهنجو هردو نه پنو،
تون سخي بڻجڻ لئه مون کي سوالي نه بڻاءِ؛
اڻ گهريو ڏين ته ڏيار پر ڏنو کر نه ڪينو.

# عيب ۽ آئينو

حسن آيو ٿي هر هر آئيني کي پاڻ پسائي،
آئينو چئي سونهن سندس جو شايد سونهون ناهي،
هن حرڪت تي آئينو ٿو خار ڪڍهن به نه کائي؛
حسن کي هڪ پيرو به سگهي ٿو بدزيبو نه ٻڌائي.

—

سچ ٻولڻ جي سچ پچ عادت آئيني کي آهي،
پاڻ سڃاڻڻ جو نرپئه ٿي سڀ کي راز سڻائي،
آئينه! تون سڄڻ کان ٿي سچ ٻوليندو آئين؛
سچ جا سورهه سياڻا پر ويا جيئري جان گنوائي.

—

ڪوڙي ڪلجڳ ۾ سچ ٻولي تون به نه جان گنوائين،
هڪ ڏينهن حق جي هٿ مان شايد پرزا ٿي پڇتائين،
پر تون تيرون ٿي پنهنجو رخ نه ڪڏهن بدلائين؛
نيڙي مُک مان وات وڏي سان ساڳيو سچ ڳالهائين.

—

عيب کان ڪنهن جو پلئه آجو آهه،
آدمي اصل گهر خطا جو آهه،
چنڊ جي صاف سوجهري پوئتان؛
ڏس ته اونده انڌارو ڇا جو آهه.

—

صاف آئينا منهنجي گهر ۾ گهڻان،
کهڙي آئيني اڳيان ڪنڌ کڻان،
سهڻي صورت ۾ دل جا داغ لڪل؛
سان نه ٿو پاڻ کي خود پاڻ وڻان.

# سچ ڪوڙ

جو ڪُوڙو ڪين لڳندو سچ نہ هوندو،
جو ٽينگن سان وسامي سچ نہ هوندو.
حياتي آهہ شيشي ٽاڪئين جيان؛
جو پرزا ٿي بہ گنديو ڪچ نہ هوندو.

—

ڪوڙ ڪي سيڪو ٿو بدنام ڪري،
ڪوڙ ڪان دم نہ ٿو دنيا جو سري،
سيڪو ”فاني“ ٿو سڏي ڪوڙو جهان؛
تہ بہ ٿو هن ڪوڙ لئہ ڳري ۽ مري.

—

ڪيڏي هن ڪوڙ کي سچائي آهہ،
جنهن ڪان سچ ويو شڪست کائي آهہ،
ڪوڙ ڪان جنهن کي لڳي داغ فقط؛
تنهن ڪئي ڪوڙ جي ڪچائي آهہ.

—

سچ عام آهہ مگر ڪوڙ عمل،
علم جنهن ۾ نہ عمل آهہ خلل،
ڏس تہ سچ جي آ پيڳل پونڱي پر؛
ڪوڙ جو پير ۾ بيٺو آهہ محل.

سمنڊ سمايو بوند ۾

## سک - آس

تنهنجي آس مثل آڪاس،
منهنجي ڌرتيءَ جهڙي پياس،
تون چوڏهينءَ جو چنڊ ٿئين؛
تہ بہ من مان مٽندي نہ آماس.

—

تون ڪرين سک جي ٿو جئن ڪامنا،
دم بدم تئن دل جو دک وڌندو وڃي،
توکي پاڇي جئن تپائي ترشنا؛
جئن پڄين ٿو توکان سک پڄندو وڃي،

—

خوشيءَ جي کوج ۾ مون وٽ ڇو آئين،
مان توکي خوش تون مون کي خوش ٿو پائين،
حقيقت ۾ نہ تون خوش آن نہ مان خوش؛
خوشي هڪ ليئہ سوين دک ٿو پرائين.

—

دکي ڪوتهہ نظر کان ٿئين ٿو اکثر،
نديءَ جي ٻن ڪنارن تي نظر ڌر،
خوشيءَ جو ٻڪ تون پاڻيءَ مان پري پيءُ؛
نهارين ڇو ٿو هن پر يا ٻئي ڀرينءَ پر؟

## خـود داري

جي ڪم جا ڪوڙيا سي دانهن چو ڪن،
رهن مشغول ڪَٽنَ ۾ي ڏانهن چو ڪن،
اهـي خــود دار تـابـعـدار بـڻـجـي،
ٻين جــي ڪـنـڌ هيٺان ٻانهن چو ڪن.

—

ڇڏي ڏرتـي نـہ آپ ڏي ڪا نظر ڏر،
نـہ ڪـڪرن جي ڪرم تي پاڙ اڪثر،
جي سنجم سان رهڻ چاهين ٿو جڳ ۾،
فقط شبنم جــي قطره مـان گـذر ڪر.

## رات ـ سپنا

چار پٺي پهر رات جا مون لئہ چئن منڊن جئن گـذرن،
پـاسـا بدلائيندي چـڻ ٿـو ســارو ســال نـيـايـان،
آس نـراشـا، چنتا، چـاه جـا مـن ۾ آدمـا آٻـرن،
سـڪـڻ قسمت ۾ ناهي مان ٿو دکـ سان روح ريجهايان.

—

جـن سپنن جي ناهہ ضرورت، اهي اچــي ٿـا ننـڊ ڦٽائن،
ڪيئن ڪجي مهمان ڪڏهن ٿا، ڪوٺ بنا ڪڙڪي ڪڙڪائن،
پر ڪڙڪيشل ڪڙڪي ڪڙڪي، پريم پري دل ڏڙڪي ڏڙڪي،
انهي بهاني شايد ڪنهن ڏينهن، سنهنجا پريتـم پير گهمائن.

## ٻوندون

باغ ۾ منهنجو آشيان ڪونهي،
ڪيئن چوان منهنجو گلستان ڪونهي،
ٿي بهاري به هت خزان ڏسجي؛
پر نگهبان باغبان ڪونهي.

سونهن سوڀيا جا گلن جي ڏسجي،
ٿي چمڪ جيڪا چمن جي ڏسجي،
آهه سڀ منهنجي پرينءَ جو پاڇو؛
ٿي سندس ساک حسن جي ڏسجي.

پاڻ موٽائي ٿي مٽي ڏئي ڦل محنت جو،
هي ڪرشمو ڪوئي ڪمال نه آهه قدرت جو،
جي گلن تي پيون خوشبوءِ جون ٻوندون چمڪن؛
اها شبنم نه پگهر ۾ آ اثر برڪت جو.

زردار ۽ نادار ۾ ڪيڏو نه فرق آهه،
هڪ موج ۾ پيو مفلسيءَ جي غم ۾ غرق آهه،
چهري تي چمڪ رنگ ۽ رونق آ اڌاري؛
سنه جام ۾ مسڪين جي هڏين جو عرق آهه.

دوست دوکو دل اندر رکندا رهن ٿا،
ڇانو ۾ ڏس پير ڇا جلندا رهن ٿا،
سج ۽ ڌرتيءَ جو الڳ آهي سڀاڳ؛
روشني ۾ ڌنڌ پڻ پلندا رهن ٿا.

ڪنهن جي ڪنهن سان جفا جي ڳالهہ ڪجي،
ڇو نہ ڪنهن جي وفا جي ڳالهہ ڪجي،
ڇو نہ خارن جي دل ۾ خار رکين؛
ڇو گلن جي گلا جي ڳالهہ ڪجي.

زندگي آ امانت تون سنڀاري رکجانءِ،
هر طرح سک ڀري سرهي ۽ سينگاري رکجانءِ؛
موت توکان جي اچي پنهنجي امانت گهرندو؛
خوش ٿي واپس ڪري ڪجھ تيج ٻہ نہ واري رکجانءِ.

جي طوفاني هوائون شمع کي اينديون وسائڻ لئہ،
لکين پروانا پنهنجا پر جهلي بيهندا بچائڻ لئہ،
جي پنهنجا پر هٽي پر بي وفا شعلو وسائيندا؛
انهي اوندهہ تي ايندي رات خود ماتم مچائڻ لئہ.

هتن جون ليکون سميون رهن ٿيون،
سڄاڻ اک کي اٿي چون ٿيون،
اجهو ٿو غربت جو پاڳ جاڳي؛
مگر اميريءَ کي اک پيچن ٿيون.

دلاور دل جوانيءَ جو قسم کڻ،
نئون نت انتهيءَ لئہ کو قدم کڻ،
حياتي خشک کيتيءَ جيان گذارج؛
کلهن تي ر نہ ککرن جو کرم کڻ.

جو ظالم آهي سو مظلوم ٻڌبو،
نہ ڪنهن جو رنج سر تي يا ستم کڻ،
ڏيڻ ۾ ئي سچو سک آهہ وٺڻ لئہ؛
خوشي دنيا کي ڏيئي پاڻ غم کڻ.

تون وسين هر هنڌ پر تنهنجو نہ ڪٿ آهي مڪان،
تون وسين هر رنگ ۾ پر تنهنجو بيرنگ آهہ بيان،
تنهنجي قدرت کي ڪوئي سمجهي سگهي سياڻو سجان؛
تنهنجا جهرڻا تنهنجا ڪرڻا تنهنجي ٻولڻ ٿا زبان.

جيٺ جڏهن چرندي رهان ٿي،
برف جڏهن ڳرندي رهان ٿي،
تات تنهنجي آهہ ترهو؛
روز مان ترندي رهان ٿي.

حسن گونگو بي زبان،
عشق کي آواز ڏئي،
عشق جنبش ۾ جوان؛
جهٽ اچي ڏو ساز ٿئي.

سنگمرمر جي سهڻي صورت،
ساهر جوڙي موهڻي مورت،
ماهر بک جا پوڳ لڳائي،
مورت ميوا ماوا کائي،
هيءَ فنڪار جي هيڻي حالت؛
فن جي زينت ناهہ، ذلالت،

درياهہ ۾ ڪنهن وقت نہ جي جوش هجي،
تنهنجي نہ ئي خبرداري کان خاموش هجي،
طوفان جي هر وقت آ ڪشتيءَ تي نظر؛
لازم آ ڪشتيبان کي سدا هوش هجي.

تن مليو نہ من مليو دل نہ مليو،
مئہ مليو ساقي يا محفل نہ مليو،
جنهن ۾ ٽڪجي ٿئي مسافر ماندو؛
سو سفر ڪهڙو جي منزل نہ مليو.

تير غمن جا ڪلندي ڪائي،
سيني ۾ سوراخ بڻائي،
اهڙي دل ڪا مشڪل ملندي؛
هر دک ڇاتيءَ منجهہ ڇپائي.

—

## شري "بيوس" جي ياد ۾

هاءِ حسرتناڪ ٿهري ڪال جو ڪل ڪاربار،
ڪنت ڳُهنجي ٿو وڃي نيڻن ۾ ڇلڪي نير ڌار.

ڪالهہ وارو حال هڪدم ڇو ٿري ماضي ٿيو،
ناهہ هن تبديل ڪان ظالم زمانو بي ميار.

ويل ناهي؟ جن لکيڻن جي وڃڻ جي ويل ناهہ،
ڪيئن اجل ان تي روا سمجهي ٿو بي ويچار وار.

هاءِ بيوس! تون بہ ان بي ترس جو ٿي وئين نشان،
جو ڪري شهباز، ڪيهر شير ڇاهن جو شڪار.

هاءِ سنڌي شعر جي ديويءَ جو ڪسجي ويو سهاڳ،
وار ڇوڙي ويوڳ تنهنجي ۾ ٿي اوتي آبشار.

تون وٺين تنهنجي وڇڙ جو مون کي ويسهه ڪيڻن اچي،
تنهنجي لفظن جي پڙدان ٿو گونج منڙي دل منجهار.

تو ٽپيون ڏيئي جي ساگر مان سپون سوڌي ڪڍيون،
تن سپن ۾ خوب آهن گيان گوهر آبدار.

تنهنجي شيرين شعرسازيءَ جو نرالو نوع هو،
تنهنجي ڪوتا جو جهڪو ٿيندو نه چهرو چمتڪار.

شاهه شاعر ٿي بہ تو وٽ هو حليميءَ جو هلڻ،
تون نماڻو تنهنجي نردوشي طبيعت نروڪار.
تو گهٽا غم سان ٽڪر کائي ڪيا ٿي غم غلط،
پر سنڌ غالب پيل دل تان گهٽيو غم جو نه بار.

سنڌ زنده آهہ جيسين تنهنجو زنده نام آهہ،
تنهنجي ڪوتائن کان رهندو تنهنجو نالو پائدار.

تنهنجي جسماني جدائيءَ کان سڀن کي شوڪ آهہ،
تنهنجي ڪوتائن کان ليڪن ٿيندو عالم آشڪار.

تنهنجي محفل ۾ وهڻ جو شوق مون کي آ گهڻو،
پر ويل شيءَ جو ڪٿي ملندو نه هرگز آرپار.

نيٺ ملنداسون جڏهن ٿيندو فنا گهر مان گذر،
آهہ "فاني" کي سدائين ان گهڙيءَ جو انتظار.

# غـــزل

# ترانہ

ڇو روح کي ڇنڪائي ٿو هٽ هٽ رولين،
ڀڳوان ٿو هردي کان تون ٻاهر ڳولين،
موتي آ اصل تنهنجي ئي ڏٻيءَ ۾ بند،
ڏٻليءَ جو مگر ڇو نٿو تون پڙ کولين.

منهنجو نه ڪنهن سان ميل يا مطلب آهي،
هر ڌرم لاءِ دل ۾ حب ادب آهي،
انسان کي ڀڳوان سڏيان ٿو منهنجو،
انسانيت ئي ڌرم ۽ مذهب آهي.

هر درد کي ڇاتي ۾ ڇپائي رک تون،
پٿر کي به سيني سان لڳائي رک تون،
دنيا ۾ ترت ٽٽي تي ٿي چوٽ لڳي،
احساس جو آئينو بچائي رک تون.

ننگي کي آهي انگ ڍڪائڻ جو ضرور،
مسڪين جي اکين کي سڪائڻ جو ضرور،
شُڀ ڪرم کي جي گيان صحيح ساٿ ڏئي،
گيتا تي نه رومال چڙهائڻ جو ضرور.

آب زم زم رواني نه هجي،
ڪا زندهه دل جي نشاني نه هجي،
ساز ساقي هجي ۽ شعر شراب،
جيءَ جلائڻ جي جواني نه هجي.

مهراڻ ۾ سا موج رواني نه رهي،
اڀ ۾ به اجالي جي نشاني نه رهي،
گلشن جي لڱن تان پئي لالاڻ ڇٽي،
غم جو ڪرين 'فاني' جي جواني نه رهي.

مسڪين کي هردم ٿي رهي گهر جي تلاش،
مورت کي سدائين آهي مندر جي تلاش،
جذبات کي ظاهر نه ڪندو ڪيئن ڪوي!
بيجان ديوارين کي به آ در جي تلاش.

برهمانڊ جو تون انت پڄائين ڇو ٿو،
گهرائين ڏي پير وڌائين ڇو ٿو،
ڌرتيءَ جي سطح جي ڪا توکي سڌ ناهي،
تارن ڏي تڪي ننڊ ڦٽائين ڇو ٿو.

شبنم سان نه پنيٽ ڪو اجهامي ويندو،
پر- هيڻ پکي ڪيئن آڏامي ويندو،
شڪتيءَ جي اڳيان سڀڪو ٿو ڪمزور جهڪي،
سج اڀري ٿي مس چنڊ وسامي ويندو.

رسمن ۽ رواجن جون ليڪون آهن،
ڳٽين جو دٻاءُ دل تي رکي ٿيون ڳاهن،
ليڪن تي هلندي ڪڏون اهڙيون ٿيون،
ڏاهي جو لتن سان ٿيون تنهن کي ڏاهن.

ڪوئي نه نيت نياءُ تنهنجي نگري ۾،
ڏک ڀوڳي ٿو داناءُ تنهنجي نگري ۾،
پتو رت جو آ جياپو جنجال،
لوٽي جي لئه لقاءُ تنهنجي نگري ۾.

پيڻ جو مزو ٻين سان پيڻ ۾ آهي،
جيئڻ به پيارن سان جيئڻ ۾ آهي،
ونڊڻ سان سرڪ سڪ جي وڌائي مستي،
اڳ موج وٺڻ ۾ نه ڏيڻ ۾ آهي.

پيئڻ جو مزو ٻئي کي پيارڻ ۾ آهه،
جيئڻ جو لطف ٻئي کي جيارڻ ۾ آهه،
سڏجي ٿو سدا پاڪ سو ڏاتار جو هٿ،
مشغول جو ڏيڻ ۽ ڏيارڻ ۾ آهه.

مئه ايتري هجي جو سگهي جيءُ جهلي،
ڇو راهه سنئين تان ڪوئي ٿاڙجي هلي،
ساقي کي هڻ برائي جو ٿو سيڪ اچي،
مئخاني جي عزت به آڳ ۾ ٿي جلي.

—

# رباعيات

●

دنيا ۾ بس رکڻ ڪنهن سان اجائي آشنائي آ،
ڏکن ۾ ڏوجهرن ۾ مون عمر ساري گنوائي آ.

ڏنم جنهن کي امانت دل، ڪئي تنهن خوب خيانت آ،
دولابي، دل ڦندن ڦيرن ۾ ڦاسائي ڦبائي آ.

برهه جي باهه ڏئي پڙڪا آلا آيرن، مگر دلبر،
نه ڪنهن ڏينهن پرت جو پاڻي وجهي ٻرندي ٻجهائي آ.

تلافي لئه سدا تانگهيم ته من ڪا تاس پوري ٿئي،
مگر ساقي نه سرڪي جام مان چپ تي چکائي آ.

جگر جو خون مون پيتو هڏا ٿيا هجر ۾ هيٺا،
ٻنهي طوفان وئي طاقت بچي باقي چريائي آ.

چيم دلدار کي ”بيمار ٿيس آزار تنهنجي کان“،
چيائين ”مون ٻڌائي درد جي تو لئه دوائي آ“.

هيس مان بيخبر، دلبر لنگهيو هڪ ڏينهن هيئن چوندو:
”تو واريءَ تي اميدن جي عمارت ڇو اڏائي آ“.

مون سمجهيو جنهن کي رهبر تنهن نه ليڪن راهه روشن ڪئي،
ملي مون کي نه مقصد جي صنم مان رهنمائي آ.

لهي ويو، جو هيو منهنجي اکين تي ڏنڌ جو پڙدو،
سچي قدرت جي صورت منهنجي نيڻن ۾ سمائي آ.

لڏي ”فاني“ دنيا مان هل رهڻ ات ڪيئن روا آهي؟
جتي ڪارنهن ڪچائي، غمنمائي بيوفائي آ.

•

چوڻ کان چپ ڪندا ڪنهن جي چوڻ سان ڇا چوڻ وارا،
ڪرڻ جيڪي بہ چاهين ٿا ڪري گذرن ڪرڻ وارا.

ڪڏهن اپلا جي آنسن کي سڪائڻ لاءِ ڏي ڏيندي،
جلائن لهس کان هٿ ٿا گرم ٻوڙها اگهڻ وارا.

جبل ڦاڙي ڦٽي ٻوٽي رهي ڇڪ سونهن کي سڪ جي،
پهاڙن سان بہ پر گهٽ ٿي پسي پنهنجا پسڻ وارا.

مناٺي موت ٿو ماتم اتي پنهنجي اسڦلتا تي،
جتي مشڪل سگهي ماري امر جيوت جيئڻ وارا.

سهن ٿا صبح جي اميد ۾ آزار اوندهہ جا،
وڌن ٿا قافلي جا پير منزل ڏي وڌڻ وارا.

نظر جي نقص کان ٿي فرق ايندو آ نظارن ۾،
وڻن ٿا واس گل ۽ خار سان گڏجي وڻڻ وارا.

بلند پرواز جي برڪت عطا ڪيئن عام کي ٿيندي،
ٿين هرگز نہ شاعر سڀ ٿا تارن ڏي تڪڻ وارا.

مسافر خانو هوءَ دنيا نہ ”فاني“ آهہ هيءَ دنيا،
اسان هتڙان وڃي آهيون وري واپس ورڻ وارا.

●

زندگيءَ کان هزارين هارجي ويا،
موت کان اڳ ۾ ڪيئي مارجي ويا.

پل به جت هو گذارڻ ڪين واجب،
هيترا ڏينهن اتي ڪيئن گهارجي ويا.

دک پري دل پيئي جهوري ۾ جهرندي،
آهه پريم تہ ڏونگر ڏارجي ويا.

هڪ به پروانو ويجهو ڪين آيو،
شمع هرجا هزارين ٻارجي ويا.

سون رنو ايڏو عيبن تي لڄي ٿي،
داغ دل جا سڙيئي ميسارجي ويا.

شعاع شهري پڳو آ جهنگ جر ڏي،
ديپ دريا ۾ ڪيئي ٻارجي ويا.

هڪ به ٻيڙو پرينءَ پر کان نہ موٽيو،
ڪيئي "فاني" هتان هاڪارجي ويا.

●

مون کي نه آهي ساقي مئہ جام جي ضرورت،
تنهنجي نگاهه ۾ بس مون لئہ هجي مروت.

افسوس هيءَ بهاري گُل ۾ نه رنگ رونق،
ڪيڏانهن پر ڪري ويا گلشن مان زيب زينت.

ڳوڙهو ڳڙو نه هوندي ڳورو آهي ڳڙي ڪان،
ڪيميا ڪان ڪم نه پائيج قطره جو قدر قيمت.

ٿوڙي وهي پسينو قسمت ۾ رک يقينو،
تدبير مان ملي ٿي تقدير کي نه طاقت.

موتي ڪڇي تري مان تو وٽ تري اچن ٿا،
”فاني“ ڇو چولين جو شڪوه ڪرين شڪايت.

●

مان محبت پري دنيا کي وسائي نہ سگھيس،
پيار جي ريت مان ڪنهن ريت نڀائي نہ سگھيس.

هو اچي مون کي ڏسي منهنجي غم جو غم نہ ڪري،
مان ڪلندي ڪلندي مگر لڙڪ لڪائي نہ سگھيس.

سونهن ۾ ڪيڏي ڪشش آهہ اچان پر ڇا ڪجي؟
پاند ڇرڪن ڪان زماني جي ڇڏائي نہ سگھيس.

داغ ڌوئي نہ سگھيس ايترو روئي نہ سگھيس،
دوش دامن تان هٽائڻ سان هٽائي نہ سگھيس.

منهنجي همدردي جي حد آهہ جو وچ سير تہ ڇا،
مان ڪناري تي بہ ٻڏندي کي بچائي نہ سگھيس.

آهي حرفت جي محل تي ڪو فضائن جو فضل،
مان خزائن ۾ آشيانو بڻائي نہ سگھيس.

●

آس بدلجي ٽئي نراس،
چوڏس ٻٽجي پوي آماس.

ٿيءَ نہ بسنت ۾ بيپرواھ،
جهڙپ خزان جي ڪري نہ ناس.

مئخاني ۾ گهر نہ وسار،
پي نہ وڃائي ويھ حواس.

گل سان ڪير پيار ڪندو،
ڀنور مثل جي وٺبو واس؟

محلن جي ڀاڇي پوئتان،
ڀونگين جو ٿيندو نہ وڪاس.

سڀ ڪي پنهنجا پنهنجا سور،
ڪير ڪري ڪو ڪنهن تي قياس.

ساري گلشن ۾ افسوس!
بلبل جو ڪٿ ناھ نواس.

”فاني“ ديد ڪي عيد ڪٿي،
ملي نہ ڏرتيءَ سان آڪاس.

## ڏکـ۔ڏرس

ساري سنسار ۾ دلدار نہ ڪوئـي يار سجھي،
پـري محـفـل ۾ اڪيلائـي ڪـان گھبرائي هليس.

مـون تـي ڇا ڪان رهي مُلان ۽ برهـمـڻ جو ڏمر؟
ڪعبي ڪاشي ڪان جڏهن جند مان ڪترائي هليس.

تو ڪي ڇو خـار سندم تـي تو ڇـيـي خار لڳي؟
پنھنجون پابنديون پـيـرن سان جي ٽڪرائي هليس!

مون ڪي هرگز نہ ٿا سجدا ۽ ستـي - ٽيڪ وڻن،
تنھنجي پستڪ جـا پـنـا، ڏيـر مان اٿلائي هليس.

منھنجي ايڪانت جـي سـڌانـت جـو ورتانت اهو،
خون غـيـرت جو گناهن تـي مان ڇنڪائي هليس.

”فـانـي“ دنـيـا ۾ بـقـادار شـيـن جـي نہ پڇا،
ٻـن ڏينهن لئہ مـان فقط روح ڪـي سرچائي هليس.

•

نرگسي نيڻن مان نڪري نير ٿو،
ڪيئن نه پلڪن مان ڇڻي پوندو ڪجل.

ٿو رکي هڪڙي ڪان ٻن دلين کي دور،
پيار ۾ دنيا جو آ ڪيڏو دخل.

سمجهه سڪ سپنو ۽ دک مهمان پاڻ ۽،
خوش رهڻ جو آهه هڪ حيلو ۽ حل.

باغ دل جو ٻڌائج ٻي خزان،
ختم ٿي ويندو خزان جو ڪل خلل.

حسن وارو هٿ تنبوري تي ڏسي،
عشق جئن مجذوب ٿي ڳائج غزل.

ڪٿ چنڊ بادلن سان مشڪندو ڏٺو اٿم،
ڪٿ حسن برپٽن ۾ پٽڪندو ڏٺو اٿم.

١- آ ڏور هندوري جي حسينن جي هٿن ۾،
حبشڻ کي ان ۾ لاڏ مان لڏندو ڏٺو اٿم.

٢- ڌرتيءَ جا دک پهاڙ ڏسي ٿو ڦِسي پوي،
چشمو جبل جي چشم مان وهندو ڏٺو اٿم.

٣- ڪيئن نيڻهن نماڻو ٿو بڻائي غرور کي،
اپ کي زمين تي لهي جهڪندو ڏٺو اٿم.

٤- پروانو شمع تي جلي حيران ڇو ٿيان؟
وڏوا کي ٿڏي باهم تي جلندو ڏٺو اٿم.

٥- ماڻهوءَ کي جانور کان بدتر برو ڏسي،
خالق کي خلق پنهنجي تي رئندو ڏٺو اٿم،

٦- ناتو جنم جنم جو 'فاني' جهان سان،
جيئڻ جي سڀ کي آس ۾ مرندو ڏٺو اٿم.

●

دور کـان چِلڪي حسن جو جام،
دل روڪي ڪو، هـٽـنـدو هام.

بوند چکي سو هوش وڃائي،
پـيـاسـو بـڻـجـي، بي آرام.

ڪٿ بہ قرار پنهي لئہ ڪونهي،
آهہ خـيـال خـوشيءَ جـو خام.

وصـل ۾ آهـي غـم وڇـڙڻ جو،
صـبـح جا ايـنـدي، ويندي شام.

سونهن جـي آهـي خاص خزانو،
عـشـق بـہ هرهنڌ، نـاهـي عام.

شـعـر آ جـذبـو اکـرن انـدر،
’فـانـي‘ فـن، نـاهـي الـهـام.

●

عقلمنديءَ جو کھڙو عاشقيءَ سان ڪم،
نہ ڪوئي سورمن جو زندگيءَ سان ڪم.

قفس کي آشيانو جو سڏي تنهنجو،
صبا شبنم سان کھڙو تازگيءَ سان ڪم.

اسان تنهنجي خوشيءَ ۾ خوش گذاريون ٿا،
اسان جو ناهہ پنهنجو خود خوشيءَ سان ڪم.

سڙي ٿو شمع تي پروانو اڪ ھوڻي،
چاڻ وارن جو کھڙو روشنيءَ سان ڪم.

مان بندو تنهنجو تون مالڪ نہ ٿيءُ يا ٿي،
فقط منهنجو آ تنهنجي بندگيءَ سان ڪم.

تون سهڻو ناهين سر جو سائين تہ بہ منهنجو،
نہ تنهنجي سونهن صورت دلڪشيءَ سان ڪم.

# بي بقا

بي مزي بلبل وهائي بوند کا بستان ۾،
موم دل مالهي چيو "تي جوش کهڙو جان ۾".

١- بلبلي بيتاب تي چيو "ڦول ويو بي سول تي،"
هيءُ! بهاري مان ڦري آئي خزان خفقان ۾.

٢- سرڪندي مالهي وراڻيو "تو فنا سمجهي بقا،"
آهه لحظي جو لقا پر ڪين آئيم ڌيان ۾.

٣- ٿيون وڇوڙي جون وڏيون وايون ڪرن ويران دل،
ڇو نه پرجهي پير پاتم عيش دل ايوان ۾؟

٤- نرت نيڻن جي اکيان جو ٿي سهائي جو شغل،
غيب جو پڙدو ڪري ٿي گهٽ-گهٽن گهمسان ۾.

٥- چاڙ ٿو جن مان ڇٽي سي ماڻ موتين جا هٺا،
جي اول خوشحال آخر زندگي زندان ۾.

٦- ڪين ڪنچن ٿو رهي يا ڪاچ قائم دائما،
ناسوتي ٿي نچي هر جان ۽ بي جان ۾.

٧- ڪوهه مان لوٽيون پريون جي، نيٺ خالي سي ٿين،
ٿو گڙي گاڏو دنيا جو دم ڦري فرمان ۾.

٨- ساز شادي جي مٿان ٿو ناز بي انداز ٿي،
موت بربادي سبب تبديل ايندي تان ۾.

٩- بلبلي، معصوم دل ٿي مور البيلي نه رهه،
آهه هي "ثاني" جهان ٻوءِ ڇو اڙين ارمان ۾.

•

دل ۾ مان دل جو درد دبائي نہ ٿو سگهان،
پنهنجو تي درد توکي ٻڌائي نہ ٿو سگهان.

چاهيان گهڻو ئي ٿو مان تہ دنيا سان دل لڳي،
منحوس سان پر نينهن نڀائي نہ ٿو سگهان.

ممڪن آ تنهنجي ياد کي ويجهو اچڻ نہ ڏيان،
پر تنهنجي بي وفائي ڀلائي نہ ٿو سگهان.

ڳوڙها ٿو پي وڃان ۽ چپن تي بہ مرڪ آ،
پر غم جا گهنج منهن تان مٽائي نہ ٿو سگهان.

قطره ڪري ٿو اڪ مان اندر جو ٿي آئينو،
پيالي ۾ غم جو بحر سمائي نہ ٿو سگهان.

•

جوش جذبہ ڪي جواني ٿا چون،
حسن جوڀن جي نشاني ٿا چون.

سونهن مڪ ۽ چوه چڪ سڀ ڪن پلڪ،
بي بقا هر چيز فاني ٿا چون.

سچ بہ آ افسانو پڻ افسوسناڪ،
جنهن کي ظاهر زندگاني ٿا چون.

هر گهڙي ڳوڙهن جي وهندڙ تار کي،
يار پاڻي جي رواني ٿا چون.

# پيلا پن

هوا لڳي ته ڪري پوندا سين،
ٻئي هنڌ وري وڃي وسندا سين.

ساهه سرڪ جي جهرپ سڪايو،
ليٽي پيٽي پر اٿندا سين.

اسان سڪل پن پون پرن تي،
لاڏ منجهان لڏندا ڪڏندا سين.

ترڪ ڪندا سين تنگ فضا کي،
ڌرتيءَ تان آپ ڏي اڏندا سين.

ساوا پن هڪڙي ئي هنڌ تي،
ڏڪندا ڏوران ئي ڏسندا سين.

ڪئي بهار نه ڪا به وفائي،
پت-جهڙ کان نه پري ڀڄندا سين.

هڪ هنڌ هڪ جاءِ هڪ ئي وڻ تي،
رکي جهڪي نه سڪي سڙندا سين.

'فاني' دنيا درد پريءَ ڏي،
وري ورڻ جي ڪين ڪندا سين.

•

ڪٿ ديس اسان جو اصلي هو، هت ڇا لاءِ آيا آهيون اسين،
انسان آ ڇا هيءَ دنيا ڇا، اهو راز سڄڻ ڪنهن کي نہ ڏسين.

١- هن جڳ جا نظارا ڪنهن جوڙيا، سڀ رنگ تماشا قدرت جا،
تون پنهنجي اکين سان دنيا جو، ديدار تہ پنهنجو پاڻ پسين.

٢- مان سمنڊ تي آهيان ڦوٽي جيان، اونهائيءَ جو ڪيئن انت لهان،
تون منهنجو عبث ڳجهہ ڳولهڻ تي، حيران ٿي هرهر ويٺو هسين.

٣- ڪٿ پرين کي ويٺو ٿو پرين، پر خاليءَ ڏي اک ڪانہ ڪرين،
ڪٿ پياسا پٽ پياسا ٿو رکين، ڪٿ بحر تي بادل ٿي ٿو وسين.

٤- ڪن ڪان جي سڄڻ ٿو منهن ڦيرين، سي چوٽ تي چاڙهي ٿو ڪيرين،
ڪن کي ٿو هٿين ڪنکي ٿو ڪٺين، ڪنکي ٿو ڏئين ڪنکان ٿو کسين.

٥- تو رانديڪن جو کيل رچيو، ڪوئي ٺاهہ ڊاهہ ڪان ڪونہ بچيو،
ڪٿ ڌرتيءَ تي سجدو ٿو ڪرين، ايمان سان ڪٿ اڀ سان ٿو گسين.

٦- ڪٿ سوالي ڪٿ سردار ٿئين، ڪٿ شاهہ گدا نادار ٿئين،
ڪنهن کي ٿو غمن جا بار ڏئين، ڪٿ فڪر ۾ ”فاني“ وٽ ٿو رسين.

•

اگر جيئڻ جي آ توکي خواهش، ٻين تان تن من نثار ڪر تون،
وڃائي هستي کي تخم وانگيان، جهان کي رشڪ بهار ڪر تون.

ملي جو توکي مثالِ درياه، لٽاءِ محتاج بيڪسن ۾،
مگر ملڻ جو نہ دل ۾ هرگز، سخا ڪري انتظار ڪر تون.

خودي ۾ نقصان آ سراسر، مگر نہ خودداري ڇڏ خفي ٿي،
نهار مالڪ ڏي پوءِ پهريائين، پنهنجي ٻيڙي کي پار ڪر تون.

وڇايو مايا آ دام پنهنجو، جو ڦاٿو تنهنجي رهائي مشڪل،
مگر ڪوئي جيان ڦسي بہ، طلسم جي ڄار کي تار تار ڪر تون.

"ڏرو ٿي دنيا مان درد" چاهين، تہ صورتِ درد ٿي سراپا،
ڪنهنجي آڱر ۾ چڀتِ انڪي، تہ پنهنجو سينو فگار ڪر تون.

جهان ۾ بلبل جيان رهہ نہ خورسند، رڳو بهاري جي خوبرو ٿي،
خزان ۾ پڻ خوش گذاري گلشن کي، سر بسر لالہ زار ڪر تون.

سداسين سالڪ لئہ رهج سگهندو، جيئن ٿي ساگر ۾ سپ گذاري،
پي بوند بس بندگي جي تن من کي، گوهرِ آبدار ڪر تون.

نہ رڱ جياپي جو جامو لاغرض ٿي، ڪچائيءَ جي ڪوڙي رنگ سان،
لباس هستي لڄائي دنيا ۾، ڪين دل داغدار ڪر تون.

ستم سهي صبر سان اي "فاني"! جهان ۾ ڪلمڪ گذار هردم،
مگر ٿي بزدل وڃائي هستي، نہ ڪرم ڪان ڪو ڪنار ڪر تون.

•

منهنجي غربت کي سدا زردار ھرڪائي ڏنو،
پنهنجي هٿ اڳيان ڪڏهن مان هٿ نہ ڦهلائي ڏنو.

مان سوين همراهہ ۽ همدرد هرهنڌ ٿي ڏٺا،
پر نہ مان ڳوڙهن اگهڻ لئہ ڪنهن ڏي واجهائي ڏنو.

محل تنهنجي جا ڦڪا ٿيا روشني جا چار چنڊ،
مان جڏهن اوندهہ کي انڌيري ۾ چمڪائي ڏنو.

بي وفا جڳ ڪان پڳس ور ور ڪري وچ سير ۾،
مون کي لهرن سئو دفعا ساحل تي اڇلائي ڏنو.

ڪير چوندو ڪنهن کي مئخاني ۾ ويهي گنهگار؟
جام ساقي ڀريون زاهد کي پيارائي ڏنو.

پنهنجي صورت کي سڄائي ڪيئن چوان 'فاني' فنا!
مان هتي هر هر اچي آ روپ بدلائي ڏنو.

●

اوڪي گهڙي ۾ پنهنجي پيارن ڇڏي ڏنو،
دلدار دوستن ۽ دلارن ڇڏي ڏنو.

١ - هر جاءِ سچ جي هار ڏسي ڪوڙ ڪامياب،
سچ آ تہ سچ چوڻ ئي سچارن ڇڏي ڏنو.

٢ - طوفان جي گهيري ڪان پرينءَ پر تي پڳين پر،
ڪشتي ڪي ويجهو ڏسندي ڪنارن ڇڏي ڏنو.

٣ - خارن جو ڏسي زور گلن چپ ۾ گذاريو،
گلشن ۾ اچڻ ڪان ئي بهارن ڇڏي ڏنو.

٤ - دلڪش حسين ديد ڪي دلدار لڪ هئا،
نظرن ۾ گهڙيو تہ نظارن ڇڏي ڏنو.

٥ - دڪين جا نيڻ روز شب ٿمندا ڏسي ڏسي،
ڌرتيءَ تي وسڻ ميگهہ ملهارن ڇڏي ڏنو.

٦ - "فاني" ڇڏي ڏي تون بہ سهارن جو سهارو،
سنسار جي توڪي جي سهارن ڇڏي ڏنو.

•

رات کان پوءِ رات کٿ ايندي نہ آهہ،
سون مٿان پر غم تي غم ايندو ويو.

دور کان ويجهو ڏٺم ويجهو عزيز،
جئن ويس ويجهو پري ٿيندو ويو.

قافلو منهنجو لٽيو اهڙيءَ طرح،
جو ڏسي رهزن بہ روئيندو ويو.

آهہ اکين کي بہ ٻولڻ جي زبان،
ڪو نظر سان حال اوريندو ويو.

پاڻ بادل صاف ٿيو ڪارنهن ڪيڍي،
داغ ڌرتيءَ جا بہ ڌوئيندو ويو.

ڪو وساريل گيت ڳائي سوز مان،
دل کي ڇوريندو ۽ جهوريندو ويو.

ڪنهن ڏنو مون ڏي نہ جهوليءَ ڏي ڏنو،
جنهن ڏيڻ چاهيو سو ڏيندو ويو.

●

تن کان زياده من جو بوجو ڳرو ٿئي ٿو،
تن ۾ من جو زور نہ ڪٿ هڪ ڪرو ٿئي ٿو.

ڳوڙها منهنجا وهڻ ڏيو روسال هنايو،
من روئيندو تن جو بار بہ ڍرو ٿئي ٿو.

درد اچي ڪو دل سان ناتو گهرو لاتو،
دل روئي ٿي درد جڏهن پرپرو ٿئي ٿو.

هوش حواس وڃائي ويٺو دل جو مالڪ،
جڳ جنهن تي بانور نہ ڪري بانورو ٿئي ٿو.

درد هزارين هڪ دل ۾ پر هڪ بہ نہ جاڻي،
دل درياهہ جو شايد ڪو بہ نہ ترو ٿئي ٿو.

پيرَ ارادي جا چلجي منزل ڏي وڌندا،
تن هاري پر من جو زيان نہ ذرو ٿئي ٿو.

من جي اوندهہ تن جون جوتيون تڙي ڪيڍي ٿي،
من جي وس ۾ هر ڪونو ڪم ڪرو ٿئي ٿو.

•

نرم نفيس نزاڪت واري ململ ڪي مخمل ڪيئن سڏبو،
اوجل جل نرمل ندين جو پوتر گنگا جل ڪيئن سڏبو.

محل مڪان منارا مرقد تنڪي تاج محل ڪيئن سڏبو،
دم دلبر سان عمر برابر پريم جو هڪ پل، پل ڪيئن سڏبو.

دور سفر تي محب مسافر اڪين ڪان اوجهل ڪيئن سڏبو،
انسانن جي بستيءَ ڪي حيوانن جو جهنگل ڪيئن سڏبو.

جنهن جاتيءَ ۾ ايڪي جو پل ان پل ڪي نرپل ڪيئن سڏبو،
ڪشتي گهرڪائيندڙ ڪن ڪي ساحل يا منزل ڪيئن سڏبو.

•

جڏهن منهنجي هٿ ۾ رباب آيو،
برهه جو تري دل تي باب آيو.

جڏهن ناز سان مهه-لقا نهاريو،
وري موٽي مون وٽ شباب آيو.

جو پل ڪان نه پلجي ڪڏهن به انجي،
نه ڪا ياد آئي نه خواب آيو.

گناهن ڏسڻ جو گناهه مون ڪيو،
انهيءَ عيب اوڏو عذاب آيو.

ڏسي خوبصورت جي صاف صورت،
چندرما تي لڄ جو نقاب آيو.

هنيو بحر ۾ مون جو غيبي غوطو،
فقط هڪ ئي هٿ ۾ حباب آيو.

# تجربو

دنيا ۾ مون نہ ڏٺن ۾ ڪوئي غمخوار ڏٺو،
عجب مون دوستي جو ظاهر اسرار ڏٺو.

١- پري ٿي پاڇو مصيبت جي اونداهي ۾ الڳ،
جو هو ساٿي سو مون سورن ۾ پڄڻ هار ڏٺو.

٢- ڏسي سر جي مصيبت وڃن ڪان پن ٿيا جدا،
غمن جي وقت ۾ مون ڪونہ غمگسار ڏٺو.

٣- ڊچن تا دل گهريا پاسي ۾ ويهارڻ ڪان پرين،
سکن ۾ پيار، دکن ۾ مون اڄ ڌڪار ڏٺو.

٤- ناهي يارن ۾ ڪا ياري نہ عزيزن ۾ اڪير،
دوکيبازي سان پريل سارو مون سنسار ڏٺو.

٥- چپن ۾ سرڪ اندر ۾ ٻيهہ ڪاتيون رکن،
ڪنوڻ تي هرڪجي مون ڪين ڪارونيار ڏٺو.

٦- ويو مرجهائجي گل ۽ ڇڏيو بلبل بہ چمن،
ٻن ڏينهن جو مون عجب باغ ۾ وهنوار ڏٺو.

٧- دردمند، سور سڄهايل تي دنيا ڪان فارغ،
جگر جي ضعف ڪان روئندو مون زار زار ڏٺو،

٨- ڪهڙا آلاپ تي دردي ڪيي سيني سان ستار،
پر نہ مون اهڙي ڪو واڇي جو خريدار ڏٺو.

٩- ٿي خوشي صبح جو بهاري لئہ باوفائي ڏسي،
جو مون ڪنڊن ڪي هنجن جو هٿن ۾ هار ڏٺو.

١٠- پريي سنسار ۾ 'فاني' تون سدا خالي رهئين،
تون جو ننڍڙي ڪان ئي ڳنئين جو سر تي بار ڏٺو.

•

مون کي پنهنجي دل تي خود وشواس ناهه،
تو ۾ کا واعدي وفا جي آس ناهه.

پل جدائيءَ ۾ رهان جڳ کان جدا،
مان ملڻ جي ڪابہ باسي باس ناهه.

وڻ مثل آهيان ڪناري تي اڀو،
پر نديءَ تان مان مٽائي پياس ناهه.

جي جيارين مون کي عزت سان جيار،
داس تي جيئان اهڙا ارداس ناهه.

•

هوش رهبر جو ڇا رلي ويو آ،
پنهنجي گهر جوئي در پلي ويو آ.

سڪوئي سچ کي ويٺو ڪوڙ سڏي،
ڪوڙ ايڏو هلي هلي ويو آ.

ڪنهنجي درياه دل جو بند ڀڳو،
نير بيوه جو يا ڇلي ويو آ.

خون مفلس جي جگر جو پي پي،
شوق ڪيڏو ڦلي ڦلي ويو آ.

او گنهگارو عام خاص اڇو!!
سرڳ سيني جي لئہ کلي ويو آ.

ڪو هنر هن کان پلائڻ جو سکي،
جو نہ پلندي مون کي پلي ويو آ.

●

تنهنجي رخ تي غم جي ريکا منهنجي چت کي چور ڪري،
ويهه جهريل جيءَ جي سامهون تون منهن مايوس نه مور ڪري.

تنهنجي هڪ ڳوڙهي تان وهندو منهنجي ڳوڙهن جو درياهه،
خوشين کان خالي دل کي هڪ مشڪ سان ڇڙ ڀرپور ڪري.

منهنجي همدردي کي ڇو مالڪ ناحق نرم ٻڌايو آهه،
سور ستائي ٿئي جو جي مان دور نه سگهندس سور ڪري.

تنهنجي غم جي رات مٿان مان چاهيان تولئه چنڊ ٿيان،
پر پرواز کان پڃري جي سيخن ماريو مجبور ڪري.

مان ٿو مان ۾ موج ڏسان ۽ منهنجو تون سان ڇا مطلب،
هرڪنهن کي پنهنجو هت پيارو ڇو ٿئي جو دک دور ڪري.

راز جيئڻ جو ڪيئن ڇئجي هي شوق پيئڻ جو ڪيئن ڇئجي،
پياسو پياسي ۾ نه ڏسي مان پاڻ ڇڙيان مخمور ڪري.

●

چا لئہ پري ڪان مون کي تو آواز پيار ڏي،
فرصت نہ فڪر ڪان تو جڏهن روزگار ڏي.

هن شام جي ڪا صبح وري ٿي يا ڪانہ ٿئي،
توفيق شال مون کي ايڏي انتظار ڏي.

منهنجي پڪار ڪان اڳي دل جي صدا سٺي،
اهڙو ڪوئي دلدار يار غمگسار ڏي.

مندر جي هندورن ۾ لڏي پاپ تو پلجي!
مالڪ نہ مون کي اهڙو انڌو اعتبار ڏي.

دنيا جو درد پنهنجي مان سيني ۾ سمايان،
اهڙي وشال دل جي اندر دلفگار ڏي.

خالي خزان جي خوف ۽ جهولي جي جهڙپ ڪان،
اهڙي ڪا بقادار چمن ۾ بهار ڏي.

'فاني' نہ بيقرار دل کي ڪر قرار لاءِ،
دنيا نہ بيقرار دل کي تي قرار ڏي.

●

ڏني جان جن هئي وطن واسطي،
رلي لاش تن جو ڪفن واسطي.

تڪن فرش جا عيب سج چنڊ تارا،
نگهبان نه ڪو آ گگن واسطي.

سٽائي سگهي ڪير ڪنڊن جي هستي،
غضب آ نمائن گلن واسطي.

خزان ۾ به تن جي نه خوشبو وڃي ٿي،
نرڙن جي ٿا چاهن چمن واسطي.

غريبن جون آهون ۽ ڏکين جون دانهون،
اميرن جي آهن جشن واسطي.

ڪروڙن ۾ ڪو شخص ملندو ڪٿي،
جيئي جو خوشيءَ سان غمن واسطي.

•

چو ڇڏيندي سرءُ کنهن گُل کي بچائي،
پنهنجي ڪوشش نا مڪمل چو بڻائي.

ڪوئي اجڙيل شاخ کي سائي ڪرڻ لئہ،
خون جي جان جو ويٺو کپائي.

ڪو جبل جي چوٽ تي ان لئہ چڙهي ٿو،
ڏنڍ جي پٿرن سان جئن شانتي ڦٽائي.

بادلو وسندا رهو منهنجي ئي وڻ تي،
باغ پل پيو سرءُ سڀ ساڙي سڪائي.

نا اميدي ۾ بہ ڪوئي پار وانگر،
ڪاغذي ٻيڙيون ٿو نالي ۾ وهائي.

دل گرم ڪوڙها گرم اکيون گرم،
باهہ کي ڪيئن باهہ سگهندي آ وسائي،

سور اسري آهہ اپري دانهن نڪري،
درد کو دل ۾ سگهي ڪيسين دٻائي.

●

جيوت مان شل چاهہ نہ نڪري،
درد جي دل مان آهہ نہ نڪري.

دک جا مک مان گڙ پيو ڳايان،
سک جي ڪا ساراهہ نہ نڪري.

شوق عجب منزل ماڻڻ جو،
راهہ ڪٿي گمراهہ نہ نڪري.

مرڻ کان پوءِ بہ محب وطن لئہ،
دل مان اڪير اٿاهہ نہ نڪري.

موت اڳيان هر دل قطره جيان،
ڪائي دل درياهہ نہ نڪري.

عجب ٺجوڙي سيڻين جي مان،
پيچ ٺـي پيچ گناهہ نہ نڪري.

علم جو باغ بيابان بڻجي،
شال سهائي سياهہ نہ نڪري.

•

سڀ ڪي پنھنجو پنھنجو سوارٿ، ڪوئي ڪنھن جو ھمدم ناھي،
منھنجي غم سان منھنجو ئي ڪم، تنھنجو تنھن سان ڪو ڪم ناھي.

تون چاھين تنھنجي مرضيءَ تي، ھلندي سڀ قربان ڪريان،
تو وٽ جھڪندي سرڪ مائي، سو جيئري ڇا جھنم ناھي!

ڪا فولادي اڪ ھوندي، جا تڪليفن کان تر نہ ھجي،
جيوت اڄ انسان مٿان، چڻ شعلو آھي شبنم ناھي.

منھنجي منھن جي مرڪ پٺيان، ڪي لڙڪ لڪل ٿو ڪيئن ڏسين؟
ساز جي مڌر سنگيت پٺيان، ڪجھ سوز بہ آ سرگم ناھي.

•

منھنجي ڪنھن سان ڪا دوستي ناھي،
پريت جي ريت ڪٿ رھي ناھي.

ڪھور اوندھ ۾ کان شعلہ ٿو چرڪي،
شمع روشن آ روشني ناھي.

حسن کي داغ لڳي دل تہ لڳي!
سرفروشي آ عاشقي ناھي.

سڀڪوئي کل ٿو ڏيک واري کلي،
دل جي غمخاني ۾ خوشي ناھي.

اوکي اڪرن ۾ ٿا امنگ لڪن،
شعر سازي آ شاعري ناھي.

جو پيٽ بعد گھر جو در نہ لھي،
خودڪشي آھہ مئہ ڪشي ناھي.

ھاٿي ھڻ- ڪر آ مثل ”فاني“ جھان،
زندگي جي ڪا خاطري ناھي.

●

ساز دل جو نہ جو سوز چاٹي،
چو ٽو تارون تنبوري جون تاڻي.

آهہ مکڙيءَ مٿان ماڪ ڳوڙها،
ڪٿن خوشيءَ ۾ خوشي ڪوئي ماٽي،

ڪالهہ هٿ ڪي ڏيئي هٿ هليو ٽي،
اج نہ ٽو هٿ ڪي سو هٿ سچاٽي.

حسن بي ترس جي بيرخيءَ تي،
عشق اکين ۾ ٽو اشڪ آٽي.

’فاني‘ دنيا ۾ ڪا شي نہ قائم،
جيڪي اج آ نہ هوندو سڀاٽي.

●

ڏينهن جي روشني ڦڪي آهي،
روشني ڏنڌ کان ڏڪي آهي.

آهي جت انڌ ڏنڌ جو واسو،
اس جي جوت ات جهڪي آهي.

سڀ جي هٿ ۾ پيو پٿر ڏسجي،
ڪٿ شرافت وڃي لڪي آهي.

اصل آڪاهين کان مايا پڄي،
تنگدلن وٽ وڃي ٽِڪي آهي.

اک مان ڳوڙهو چو اچانڪ نڪتو،
ڪائي دل دل جي اٿ سڪي آهي.

فن ٽو وڪڻي جو فقط ڌن خاطر،
جڻ انهيءَ آتما وڪي آهي.

●

آيا مينهن ۾ آنڌيون ڪيئي،
ٻري نه ٻاڳي جي ٻت ٻيئي.

ڊم ٻه نه جن ڪان ڏار ٽٻو هو،
ورهين جي وٽ پٺجي ويئي.

ڀنور ڀٽي آڪاس اجايو،
آهه ڪنول جي پاڙ اتي ئي.

ٻل ته ڪلهي ۾ ٻاءِ ڪينرو،
ڏياچ ڪٿي سگهندو سر ڏيئي.

اوڇي اپ جي لاغرضيءَ ڪان،
ڏرتيءَ ڪي ٽيا گهاو گهٽيئي.

پنهنجي تور نياڻي هلجي،
ڇا ونبو ڏوراپو ڏيئي.

●

هر صبح ساڻ سفر ۾ ٽي اڇي شام ملي،
هر خوشي کي هلي حصي ۾ ٽو ماتام ملي.

سختيون ڪيئي ستم سور سوين صدما سهي،
زندگي توکي اجل جو عجب انعام ملي.

نه اڇڻ پنهنجي آ وس ۾ نه وڃڻ پنهنجي وس،
پنهنجي مرضيءَ سان اچ وڃ ڪان ٽو آرام ملي.

ڪي ٽا مستيءَ ۾ ٽي مخمور حياتي گهارين،
ڪنهن کي خالي ڇو ٽو ساقيءَ جي هٿان جام ملي.

گل چمن مان ٽو وٽي واس وڃي واس ڇڏي،
ڇو خزان کي ٽو اجايو اهو الزام ملي.

●

زنـدگـي اڄ اداس ٿي ڏسجي،
موت جـي آس پـاس ٿي ڏسجي.

سڀڪوئـي تنـگ آ حياتي مان،
آس ڪـان دل نـراس ٿي ڏسجي.

منهن تي چمڪي ٿو چنڊ چوڏس جو،
پر چو انـدر امـاس ٿي ڏسجي.

آدمـي جـانـور کان بدتر ٿيو،
ڪانہ ڪنهن کي شناس ٿي ڏسجي.

زندگي ڪشمڪش جـي ڇايا ۾،
بي اجهي بـي لباس ٿي ڏسجي.

درد ايـڏو آ پي چڙيو دل کي،
دل پڳل بـي حواس ٿي ڏسجي.

تشنہ لـب آهہ سمنڊ ۾ بـہ سڀ،
زنـدگـي پياس پياس ٿي ڏسجي.

خار 'فاني' ٿا چڀن ان دل کي،
جنهن کي هاگل جي آس ٿي ڏسجي.

●

زندگي بحر ٻيي ڪنار آهي،
آب تانگهو ٻه جتي تار آهي.

ٻاهران منهن تہ سڀ جو ٿو ڀڪي،
ڪنهن جو دامن نہ داغدار آهي.

ڪهڙي اوندهہ پٺيان اجالو ناهہ،
هر خزان پوئتان بهار آهي.

جي خوشي آهہ سج جي پاڇي جيان،
غم ٻہ آڪاس تي غبار آهي.

فرق ڪيڏو آ مگر هڪ ڳئي ۾،
سک آ مرهم تہ دک تزار آهي.

آهہ جيوت ۾ دک ۽ سک ملي ئل،
مئہ ۾ تلخي سان گڏ خمار آهي.

”فاني“ جيئين ٿو بي بقا جڳ ۾،
تون فنا جڳ تہ بقادار آهي.

•

منهنجي جيءَت دک ۾ گذري،
سڀ دک نيٺ وڃن ٿا وسري.

پر ويسر جي ليک لتاڙي،
ڪي دک درد اچن ٿا آيري.

ٻالڪپڻ جوين جا واقعا،
پور-پرن تي آيا آذري.

هيڏي دنيا ۾ منهنجي لئه،
ڪانه ٽڪڻ لئه آهي ٽڪري.

هردم منهنجي غم جي ڪيتي،
اکين جي آنسن تي آسري.

ڏيئي جي ڏکندڙ وت وانگر،
لاٽ وسائي وري نه سڌري.

هير ڏکڻ جي هاڻ هٽائڻ،
"فاني" ناهه سٺائي سٿري.

•

منهنجو محبوب نئين رمز رڱيندو ٿو وڃي،
آئينو ٽوڙي هو ٽڪرن کي ڳنڍيندو ٿو وڃي.

خود نمائيءَ کي خودي سمجهي خدا دور ڌڪيو،
محب مغرور مگر حسن تي ٿيندو ٿو وڃي.

چو ٿو ظاهر ٿي لڪي ۽ لڪي ظاهر ٿو ٿئي،
هو مثل حور جي پردي مان تڪيندو ٿو وڃي.

ناز جي ايڏي نشي ۾ ٿي رهي ساقي ٻڏل!
ڪنهن کي مئہ جام تہ ڪو پياس ٽي پيئندو ٿو وڃي.

محب ڪمل تان هيا خوشبو صبا شبنم ٻہ فدا،
اڄ اهو خار ٿي گلشن کي ڏنگيندو ٿو وڃي.

شمع مندر جي ڪٿي شماع ٿو مسجد کي ڏئي،
قومي اتحاد جا ڏس، ڏس تہ ڇا ڏيندو ٿو وڃي.

داغ ڏسندي ٿي ڇٽل زخم ٿو ڇڻ اڪلي پوي،
گيت ڳائيندي وطن جا ڪو وڏيندو ٿو وڃي.

دل تہ هڪ آه مگر غم بہ تہ هڪ هڪ ٿي اچي،
سور سورن پٺيان ڇڻ قافلو ايندو ٿو وڃي.

جت سڄي رات سڙي رک ٿيا شمع پروانا،
هر صبح رک اها مستڪ تي مکيندو ٿو وڃي.

●

دل کي چا ٿي ويو آ چا چئجي،
زندگي نبض جي صدا چئجي.

رنگ گل کان پڇي پري ٿي ويو،
نغم بلبل کان ڇو جدا چئجي.

هڪڙي گل جا سوين ٿي شيدائي،
ڪنهن سان ڪنهن سان سندس وفا چئجي.

سان جفا ۽ تو ڏسان تنهنجي وفا،
تنهنجي ڪائي جفا، جفا چئجي!

رات جو روج صبح سان آهون،
هن حياتيءَ کي بي حيا چئجي.

ڪائي ڪن پل تہ آءٌ ويجهو ويهہ،
هڪ گهڙيءَ لئہ گهڻا دفعا چئجي.

سچ بہ سچ ڪونہ ملي ڪٿ "فاني"،
ڪوڙ کان ڪوڙي ٿي دنيا چئجي.

•

سڀ جو آهہ نصيب نرالو،
هرهڪ ناري ناز نہ ٻٽبي.

سڀ ڪا ناري پريتم پياري،
ماهہ لقا ممتاز نہ ٻٽبي.

ڪابہ نظر مغرور مجازي،
ناز چڏي نياز نہ ٻٽبي.

تار جي ڪٽ تقدير ڪلي ٿي،
سڀ ڪا سرندو ساز نہ ٻٽبي.

حسن جڏهن آغوش ۾ ايندو،
عشق جي رات دراز نہ ٻٽبي.

شوق شغل جنهنجي بہ شاعري،
غرض جو ڪو آواز نہ ٻٽبي.

آهہ الهام ڪلپنا جي سڀ،
جهرڪي پر شهباز نہ ٻٽبي.

"فاني" عقل اندر عاجز دل،
عشق جيان اعجاز نہ ٻٽبي.

●

جدائيءَ ڇڏيو تيئر اهڙو ڇپائي،
نہ چوري سگهان سر، نہ پاسو ورائي.

اکين کي ئي سچ آهہ لقمي جي لالچ،
تڏهن ”وات کائي تہ اک تي لڄائي“!

اڃايو ٿيو پتر هٿين بسانولي کي،
وئي وات پنهنجي ها هو بڙ بڙائي!

نہ واقف هو هوُ حسن کان، عشق کان مان،
پئي ڄاڻ جئن، ويو مزو موڪلائي!

سندس اصل کان بي نيازيءَ جي عادت،
ڏٺي! منهنجي غيرت کي ٿيو ڇا الائي!

اٿن ٿيون وري دل مان ڇو سيسراٽيون،
لنوي اک ڇڏيو ڪجهہ آ دل کي ٻڌائي!

پتنگ ڇا ڏسي شمع ٻرڪي نہ آئندو،
مگر روح ٻاري ڪيس پر ٻڄائي!

پئڻ آهہ بدڪار، بدڪار سو آ،
پئڻ بعد پڇتاءُ جو ٿو پرائي!

ٿيو خار آ خوار، ”فاني“ جڳت ۾،
مگر گهاءُ ڳوڙو تہ گل ٿو رسائي!

●

حفاظت سان سدا ناتو رفاقت جـو رکڻ گهرجي،
محبت جو نه اڙکو پيچرو ڇرڪي ڇڏڻ گهرجي.

اکين جي آب سان سرسبز ڪر گلشن اميدن جو،
مگر مالهي نـه باغيچو پريشان ٿـي پٽڻ گهرجي.

رندو هڻ قلب کي سمجهي ڪندو رهه ڪار ڪاريگر،
محبت جي عمارت لئه نه ٻي ڊؤلو ڊکڻ گهرجي.

دکي ٿي درد جون دانهون ڪڍين ڇو سرد آهن سان؟
ٻره جي ٻاه بزدل ٿي نه ٻي ڪنهن سان ٻکڻ گهرجي.

ڏلي ٿي نبض تنهنجي سوز سازي ڪان ته ڇا ٿي پيو؟
انهن جذبن ۽ جوشن ڪان جگر جيرو جلڻ گهرجي.

نه وڃ رت ۾ رڱي هٿڙا ڪلي دلدار هيئن چوندو:
”هٿن تي ڇا! اها ميندي سدا منهن تي ملڻ گهرجي“.

جدائيءَ ۾ خـدائـي راز آ ميلاپ جـو مخفي،
صبر سان ڇو نه تنهن لئه سور ۽ سختي سهڻ گهرجي.

محبت جو مٺيون تهه آهه زهري پر اندر مصري،
گهڻ سڪ، پر نه اهڙي تول ڪان هرگز ٽهڻ گهرجي.

ڪڪر ڪاري مثل غم ڪان ٻلي ٿي شڪل اونداهي،
مگر تنهنجي اکين مان عشق جي بجلي ٻکڻ گهرجي.

ملڻ دلـدار جـو ديـدار ٿيو دشـوار آهـي گر،
تصور يـار ۾ تصوير طالب کي تکڻ گهرجي.

رڳن جي تار تي ”فاني“ لکي ڇئه راڳ الفت جو،
انـدر ۾ ساز سورن جـو بنا واڃي وڄڻ گهرجي.

•

جڏهن پوش ڪنهبي جو پائي جواني،
اچي تي تي لالان لائي جواني.

رهي رند رونشن جا واريءَ تان ڏاهي،
رتل راند آئي ڦنائي جواني.

وڇائي فرشتن جي وهم واهم آئي،
ڪرڻ آهم ۽ هائي هائي جواني.

جڏهن تير ترڪش مان جذبن جو تڪتو،
سگهي ڪين واپس ورائي جواني.

محبت تمنا کان دل بيخبر هئي،
ڇڏيو پوت ليڪن بچائي جواني.

رهي دور ۾ زر زمين زن جي طالب،
زماني کي ڏي آزمائي جواني.

زمانو تيئن پنهنجو رخ تو مٽائي،
جيئن پنهنجو رخ تي مٽائي جواني.

اچي چٽنگ چينڪ جي چولي سان چنبڙي،
ڇڏي بناهه ينيت بڻائي جواني.

جگر سوز سودا ۾ ڳاري پگهاري،
ڇڏي خون پنهنجو کپائي جواني.

سچو جام ئي چلڪين ۾ وهي ويو،
نه تي بوند باقي بچائي جواني.

بنا قيمد زنجير دلبر جي در تي،
عجب پابندي سر سهائي جواني.

پروڙي تي اکين منجهان راز مخفي،
سڏيون اڻ سٽيون تي مٽائي جواني.

رهي ڪين دولت جي لٽجڻ جو خطرو،
جي همڪوار دل کي لٽائي جواني.

ڪٿي پاڻ اکين منجهان اشڪ اوتي،
ڪٿي گهوٽ گهورن سان گهائي جواني.

ڪپائي جتي نيڻ نرگس نشيلا،
ڇڏي سا جڳهه تي جلائي جواني.

پهاڙن جي چوٽين تي چڙهندي نه ڇرڪي،
مصيبت ۾ تي مسڪرائي جواني.

آکلي ڇڏي ظلم جي بيخ اک سان،
شرافت اڳيان سر جهڪائي جواني.

شروع کان شروع ٿي دوائن جي حاجت،
ٿي ڪشتن تي طاقت لڳائي جواني.

جواني ٿي جوڀن کي گولي ٻٽين تي،
جواني ڇڏي ٿي وڃائي جواني.

پلي آهه پيريءَ جي ڀورهيي پگهر تي،
ڇڏي سي ٻلايون ٻلائي جواني.

ٻلي ناز هستي سان هنجي جڳت ۾،
جي ڪنهن سان ناتو نڀائي جواني.

هي سورج جو اڀريو لهڻ لاءِ لاشڪ،
نصيحت جي دل سان هنڊائي جواني.

هي درياهه وهندو روڪڻ سان رڪبو،
ڀي موج سان وهه وڃائي جواني.

جواني ۾ ”فاني“ نه پيري ٻچي ها،
مگر ٽڪ ٽڪن جو ٽڪائي جواني.

●

هئہ هميشه لئہ اڪيلو، ٿو ڪري، ڪيڏانهن وڃي؟
درد جي ڦهري ڏڇا دل تي ڏري، ڪيڏانهن وڃي؟

١- تون هئين سنسار جي چشمي مٿان ڪومل ڪنول،
گپت مڪڙي ڪي ڳنوائي گم ڪري، ڪيڏانهن وڃي؟

٢- ڇا قيامت ڪان اڳي پلٽو نہ قسمت کائيندي!
لهس ڪان اي لال لنولنو ڳري، ڪيڏانهن وڃي؟

٣- ڪين ڇاتم تان مسافر ٿي رهين خاني اندر،
باهہ دل ۾ درد جي تو ريءِ ٻري، ڪيڏانهن وڃي؟

٤- تون هئين تان مون اکيان ساري دنيا روشن رهي،
هاڻ تو اوندهہ ڪري مون ڪان پري، ڪيڏانهن وڃي؟

٥- واءِ قسمت! ڪير ڦهري، آنڊ جي اوڏو ٿيو؟
روح راڙي ۾ اندر ڇاتي ڏري، ڪيڏانهن وڃي؟

٦- گهر ڏسان يا ٻر ڏسان تو لئہ وسوڙا ٿيا وڃا،
تو بنا منهنجا مبلائڪ نا سري، ڪيڏانهن وڃي؟

٧- گود جا گوهر مٺيا اي هنج جا تون گنج دل،
هاڻ منهنجي حسرتن سان دل ٻري، ڪيڏانهن وڃي؟

٨- ٿيو مٺا تنهنجي مٿان ڪو واءُ ڪوسي جو اثر،
سوز ۾ سرتاج ڏو سينو سڙي، ڪيڏانهن وڃي؟

٩- نيٺ توسان مان ملان ٿو هي ڇڏيان ”فاني“ جهان،
پل نہ ٿيندس پوءِ پرين تو ڪان پري، ڪيڏانهن وڃي؟

# پنجکڑا

ڪري ٿو تون تون پيو ھي ڪير؟
اھو ٿي مان ٿي مان آھيان،
نہ چاھين ’مان‘ کي مان چاھيان،
فقط آ تنھنجو ’مان‘ سان وير،
ڪري ٿو تون تون پيو ھي ڪير؟

ملائي آءُ ڇڏيان تون ۾،
ڪڍي ڪو مون مان ’مان‘ جو غير،
رھي جئن ڪُوبہ نہ فرق نہ ڦير،
سري ڪجھ تون بہ تہ اچ مون ۾،
ملائي آءُ ڇڏيان تون ۾.

نہ ايڏو منھنجي ويجھو ويھہ،
ڪري مان ڪين سِکيان ديدار،
اجايو مون کي ملي ميار،
ڏکي تو کي بہ ڏسي پيو ڏيھہ،
نہ ايڏو منھنجي ويجھو ويھہ.

هياسون هڪ پئي ڪان نہ جدا،
اصل ڪان مان تنهنجوئي روپ،
ٻنهي جو ساڳيو آهہ سروپ،
خودي مان تون ٿي پئين خدا،
هياسون هڪ ٻئي ڪان نہ جدا.

هتي جي ڪانہ هجي ها رات،
جلائي شمع ڇو ها جان،
پتنگ نہ جان ڪري قربان،
نہ ڪائي جاڳي ها جذبات،
هتي جي ڪانہ هجي ها رات.

لڳي ٿي دنيا قبرستان،
گهمن ڌرتيءَ تي زنده لاش،
رهي ڪنهن ۾ بہ نہ آهہ شناس،
ٿئي ٿي انسانيت حيران،
لڳي ٿي دنيا قبرستان.

ڇون ٿا اپ دونهين جو دود،
اهو ڪجهہ آهي يا ناهي،
جي ڪجهہ ڪوڙ تہ سچ چاهي،
ملي ويو ڪين ڪي ڪيئن وجود،
ڇون ٿا اپ دونهين جو دود.

ملي ويو ڪين ڪي ڪيئن وجود،
رکي ڪو ڪين ۾ ڪيئن ويساهه،
ڪري سچ ڪوڙ جيان گمراهه،
نہ اهڙي سچ جو ڪهڙو سود،
ملي ويو ڪين ڪي ڪيئن وجود.

ڪين ڪي ناهي ڪيئن نہ وجود،
ڪين دنيا ۾ ڪيئن آئي،
جڳت تي عرش جيان ڇائي،
اچي ويو حد ۾ لامحدود،
ڪين ڪي ناهي ڪيئن نہ وجود.

ڪين جو ڪوئي روپ نہ رنگ،
سڀڻ جي اهڙوئي آهي،
رکيو سون ڏاهہ منجهان ڏاهي،
اسان ڪي آيو ڪيئن امنگ،
ڪين جو ڪوئي روپ نہ رنگ.

ڪين مان نڪري ايندو ڪين،
ڪين ڪي ڪهڙي آ هستي،
ڪين جي ڇا تي آ مستي،
اچي ڪو ڪنهن ڪي ڪيئن يقين،
ڪين مان نڪري ايندو ڪين.

اها چشم کھڙي آهہ حيات،
جنهن کو چاهي جي نہ سگهي،
مرڻ خود وس ۾ ٿي نہ سگهي،
سزا ٿي سواسن جي سوغات،
اها ئي کوڙي آهہ حيات.

هوا ان پٺائي جيت ئي جيت،
اسان جي پيٽ ۾ لک لک لاش،
جنهن لئہ وس ۾ آهہ وناش،
اسان جي آهہ موت تي جيت،
هوا ان پٺائي جيت ئي جيت.

ڪٿي آ پاپ ڪٿي آ پيچ،
لکن جيتن جي ماري جان،
جيئي ٿو پاپ ڪري انسان،
رڳو آ راز رڳو آ اڄ،
ڪٿي آ پاپ ڪٿي آ پيچ.

جڳت جو ڪھڙو آهي روپ،
ڏسون جو اکين سان سڀ ڪوڙ،
رڳو آ ڊوڙ ڏڏڙ جي دوڙ،
ڪٿي سچ ٿئي ويو آهہ لوپ،
جڳت جو ڪھڙو آهي روپ.

هتي آياسون ڇاجي لاءِ،
سرڳ جا سک ماڻڻ شايد،
نرڳ جا ڏک ڀوڳڻ شايد،
هليا ويندا سون ڪهڙي جاءِ،
هتي آياسون ڇاجي لاءِ.

ڇڻي پيا پاڻهي پيلا پن،
اسان کي رهڻ کپي ان ريت،
ڇڏيون ٿا ڇونه جڳت جي پريت،
عمر ڀر وڻ جي لوچ لڳن،
ڇڻي پيا پاڻهي پيلا پن.

جيئڻ ۾ ڪهڙي آهه ڪشش،
مرون ٿا مرض مصيبت ۾،
رهون ٿا تنگ طبيعت ۾،
نه جاڳي روح اندر رنجش،
جيئڻ ۾ ڪهڙي آ ڪشش.

لڳي ٿو باغ نه گل پنهنجو،
ٻڌايو ڪٿ مون آ ڪيرو،
بهاريءَ بند ڪيو ڀيرو،
چمن ۾ ڪونهي هل ڪنهنجو،
لڳي ٿو باغ نه گل پنهنجو.

روئي مان پاند پسايو رات،
اسر جو ڪوڙها ڪنديِ پڌرِ،
صبح جو موتي منجهم لڌرِ،
سياڪي سڪ جي آ سوغات،
روئي مان پاند پسايو رات.

پڙهيا مون گيتا ويد پراڻ،
ويس گنگا ۽ گرؤ جي دئار،
ڪڙي پيئي اوندهم اندوڪار،
اڪي ڪان اڪرو ٽيس اٽڃاڻ،
پڙهيا مون گيتا ويد پراڻ.

# نـظـــم

●

ديس جي خاطر دل مان ڏينڊس،
دل جنهن ۾ ايمان بہ هوندو.

سر ڏيئي مان سرهو ٿيندس،
سر جنهن ۾ ايمان بہ هوندو.

محب وطن ڪان منهن نہ مٽيندس،
منهن جنهن مان لڄ لال بڪي ٿي.

درد مان ڪنهن سان ڪين ونڊيندس،
درد جو خود درمان بہ هوندو.

ديس جي ڌرتي سرڪ ٻٽائي،
اوج اڳيئين جا ورق ورائي.

جنهن ۾ مستقبل جوڙيندس،
ماضي حال زمان بہ هوندو.

جنني جا سينئي جنين جي،
جسم بہ ان جو جان بہ ان جي.

”فاني“ فرض جو قرض سڃاڻان،
فرض سان گڏ احساس بہ هوندو.

●

محل جي پاڇي پٺيان ڪنهن جي آ جهرندڙ جهوپڙي ،
جنهن منجهان دونهون ڪڍي چنتا جي ٻرندڙ چوچڙي ۰

ڏينهن سارو جنهن کي پورهئي جي پريشاني لڳي ،
رات ساري عمر گذر جي جنهن کي حيراني لڳي ،
ڪيئن ڪٽي مفلس مهانگائيءَ جو سر تي پهاڙ ،
هوريان هوريان ٿا وڃن آباد گهر ٿيندا اجاڙ ۰

جوڙ ساڳي جوڙي سو ڪيئن بخت جوڙيندو جدا ،
هيءَ بندو ٿو ڏئي بندو ٿي بندن کي سزا ،
دردمندن جو نه ڪو دنيا اندر همدرد آهه ،
گرم دل غمخوار جو سينو پيو ٿي سرد آهه ۰

مفلسن جي روز آهن سان ٿو پرجي آسمان ،
پرجي پرجي نيٺ ڪرندو فرش تي طوفان جيان ،
ڪيئن خدا خود غرض دنيا دار کان وسري ويو ،
پروسو پڳوان جو دل سان سندس نڪري ويو ۰

محل وارا بجلين سان پل تون روشن گهر بڻاءِ ،
پر نه ڏيئو ٽمڪندڙ مفلس جو ڦوڪن سان وساءِ ،
آ غريبيءَ جي غمن جي رات ڪاريءَ جي پٺيان ،
سج لڪل "فاني" اميدن جو اونداريءَ جي پٺيان ۰

## نئون دؤر

هــي دور حسرتـن جـو، هردم نه هلنــدو رهندو،
صدما نـه کو سدائين، سختيون ۾ سـور سهندو.

۱- مورت تون پنهنجي من مان، مـاضـيءَ جي ڇڏ مٽائي،
ڪجهه حال لاءِ حيـلا، همت سـان ڏس هلائي،
ڳجهه ڳوهه ۾ ڳري ڪو، ڳٽـيـن ۾ ڪيئن ڳهندو.

۲- زردار جـي ذهـن تـي، ســوارث ســوار آهـي
مفلس جـي مـقـدر جو، جنهن تــي مـدار آهي،
ڏن جو خـمـار ان جي، نيٺن تان نـيـٺ لهندو.

۳- رئـنـدي عـمـر گذارين، لهه خواب ڪنهن خوشيءَ جو،
وٽ خار مـان خفي ٿي، رستو نـه خودڪشيءَ جو،
بگڙيو جي بخت تنهنجو، تـاهـڻ سان نيٺ ٺهندو.

۴- مـغـرور جي اڪيان ڇو، مـجـبـور ٿي گذاريـن،
قاتل جي ڪات ڏي ڇو، تون رحم لئه نـهـاريـن،
چشمن مان تنهنجو چشمو، وتـرڻ وجـي ٿو وهندو.

۵- چاهين جي تون جهڪائڻ، دنـيـا جهڪي پوي ٿي،
تنهنجي پـچـي پڄڻ لئه، مـنـزل رڪي پوي ٿي،
روڪي جو راهه تنهنجي، پـربـت پٽون ٿي ڍهندو.

# تون ۽ مان

## (اتحادي آلاپ)

اچ برادر! ”تون ۽ مان“ ۾ اصل ڪان آهي وفا،
اچ ته سيني مان ڪڍي ڪينو ڪريون سينو صفا.

فڪر ناهي جيڪڏهن جهڳڙڻ رسم جي ريت آهه،
نيڻ پنهنجي پائپيءَ جي پريت تي پرتيت آهه.

پر سڄڻ پر جي اکيان گهر کي ڪنو ڪمتر ڪرين!
چو برادر، ڪير مادر جو نرادر ٿو ڪرين؟

غير جي چانئٺ تي بي غيرت جي پيشاني گسي،
پر غلامي تي چڙدي احساس انساني کسي.

سادگي اهڙي تي ڇا ڏڪار ۽ ڦنڪار ناهه؟
ٿا لڙون ليڪن هٿن ۾ تير ۽ تلوار ناهه.

پنهنجي پابندي تي روئڻ جي بجا وڙهندا رهون،
ساري دنيا جي تڏهن لعنت ملامت ٿا سهون.

فرخ پهريون آ غلامن جو غلاميءَ سان لڙڻ،
ظلم کي پاڙون پٽڻ ذلت ايامي سان لڙڻ.

هڪ ٿيون هڪوار جي هندو مسلماني چڙدي،
خودبخود ”فاني“ شرارت شور شيطاني چڙدي.

## تون ۽ مان

تون بہ اهوئي مان بہ اهوئي،
تو ۾ مون ۾ فرق نہ ڪوئي.
تنهنجي منهنجي ساڳي صورت،
تون صورت مان تنهنجي مورت.

تنهنجي گهر مان ڏکجي آيس،
هت ڇا لئہ مان ڇڪجي آيس.
تو آندو هت تنهنجي مرضي،
تو وٽ آءٌ نہ آيس عرضي.

مون کي ڪري گداگر چاڪر،
سڌ جي پاڻ سخي سوداگر.
مان جي توسان ڪريان بغاوت،
ڪيڏانهن ويندءِ سخي سخاوت.
توئي فرق وڌو تون مون ۾،
اصلي مون مليل هو تون ۾.

سمنڊ مان وير چو اڀري اٿي ٿي،
سڏيندا سڪ منجهان هوندس ستارا.
نراسائيءَ مان ڪاوڙ جي ڪري ٿي،
سهن ٿا ڦهر بي ڏوهي ڪنارا.
افق تي شام چو ڳاڙهي ٿئي ٿي،
ڇڏي ٿي ڏينهن جا پيارا نظارا.
سندس غم ۽ غصو ويتر وڌي ٿو،
اچن ڪارنهن مان ڪڏندا ڀوت ڪارا.

[ ٢ ]

تنهنجي منزل آهه منزل ڪان پري،
دور ڏس ويجهي ڪڏهن منزل نه ڏس.
مرد مانجهيءَ لاءِ ڪٺنائي نه ڪا،
حل ملي مشڪل جو پر مشڪل نه ڏس.
زندگيءَ جو نانءُ ٻيو آ ڪشمڪش،
راڳ رنگت جي رکو محفل نه ڏس.
پنهنجي محنت سان مقدر کي بڻاءِ،
پاڻ کي قسمت جو تون قائل نه ڏس.

## بـونـد

بوند تون آهين بحر جي، يــا ڪنهن آســمــان جي،
تــون پيدائـش پيار جي، يـا ڪنهنجي ارمـان جي.

١- بحر جو بي پايان ڇڏ جي، عـرش ڪشادي مان لڏ جي،
توکي تنگ وٽي ويئي، زحمت هــت زنـدان جي.

٢- مکڙي گــل بڻجي پوي، گل تــي ڇن ڇڻجي پوي،
تو وٽ ڪا تفريق ناهه، خــار يــا گــل خندان جي.

٣- شيشي جئن تون صاف صفا، تــو وٽ نـاهــه وفا جفا،
تو مان صورت ٿي بکي، نيڪ يــا بــد انسان جي.

٤- تنهنجو ڪن پل جو گذر، ڪال قـضـا ڪـان بيخبر،
تون ڇا پريت سچي سڏين، جـوئـي هـــن جهان جي.

٥- "فاني" پــاڻ فنا ڪرين، تون لـڪـــ بوندن ۾ پرين،
ايڪي ۽ اتـفــاق جي، خــوشبو گــڏ گــذران جي.

# حقيقت

کهڙي دل آهه جا زحمت کي به رحمت ٿي چوي،
رنج راحت چوي فرقت کي به فرحت ٿي چوي،
سان حقيقت ۾ حقيقت نه لڪائي ٿو سگهان.

منهنجو غم منهنجي لئه چشمه ڪيئن خوشي ٿي ٿو سگهي،
دل دکي وارو نه صورت ۾ سکي ٿي ٿو سگهي،
نير نيڻن جو نه چپرن ۾ ڇپائي ٿو سگهان.

هو نه موتي نه جواهر، رڳو تارا آهن،
پر ڪوئي جي رڳو ديدن جا دلارا آهن،
اهڙي دولت سان مان غربت نه مٽائي ٿو سگهان.

منهنجي اک ڪين فريبن کان ڪو کائي ٿي فريب،
منهنجي سچ سامهون ساکي ٿيا سوري ۽ صليب،
مان نه اڳوان کي پيڳوان بڻائي ٿو سگهان.

بيوفا شان مان وفا ڪين ڪرڻ ٿو چاهيان،
دل ڏيڻ کان به اول دل مان وٺڻ ٿو چاهيان،
نينهن جو ناتو نه نالي ۾ نڀائي ٿو سگهان.

مان ٿو جذبات جي دنيا کان دور دور رهان،
سان ٿو حالات جي مجبوري کان مجبور رهان،
سان ستل پاڳ جفا سان نه جڳائي ٿو سگهان.

ڇا نه بادل ڇا نه بجلي ڇا نه بوندن جي بهار،
سان مفلسي تي مصيبت ٿو ڏسان مينگهه ملهار،
سان ان جي آگ جلائي نه بجهائي ٿو سگهان.

سون کي اوچو نه اڏامڻ جي لاءِ عرش ڪپي،
سون کي فرحت پريو ”فاني“ ٿو فقط فرش ڪپي،
سان امنگن جي عمارت نه اڏائي ٿو سگهان،
سان حقيقت ۾ حقيقت نه لڪائي ٿو سگهان.

## هستيءَ جو راز

اوچتو هڪ پـن جڏهن ٽاريءَ جي ٽاريءَ مان ڪريو،
ٽڪندو ڏرتيءَ تـي ڏسندي چوٽ هڪ دل ۾ لـڳي.

۱- هاءِ جـت رنگين جهوليءَ ۾ ٽـي ساٿين سـان لڏيو،
اڄ عـدم جـي چـپ چـپـاتـي آهه محفل ۾ لڳي.

۲- زندگي جنهن جـي بـسـر ٽـي برڇ جي آغوش ۾،
پـن گهڙين گهارڻ لئه سا جيوت ٽـي مشڪل ۾ لڳي.

۳- در بـدر دل ڪيئن نـه گوليو گهر ٽـي دائم منتظر!
ليڪ دل دوري لئه اـيـلائـڻ ٽـي منـزل ۾ لڳي.

۴- هئي خبر ڪهڙي ته هستيءَ ڪي نه آ جڳـ ۾ جٽا،
پڻتي موڻ لئه ٽـي شـايـد لـهـر سـاحـل ۾ لڳي.

۵- ويو سڪي نازڪ رڳن مـان خـون لاغرضيءَ سندو،
ڪيئن جـوانـي ٽـي آيـامـي شوق باطل ۾ لـڳي.

۶- هي چا! هڪ وڻ تان ڪري پئي جي ويو چاڙهي چڙهي،
ڪيئن لـڏي ٽـو لاڏ مـان تـازي تنزل ۾ لـڳي.

۷- اڄ ٽي بلبل سرءَ ڪي گلشن مان ڪاوڙجي ڪيڍي،
بـي بقا شـي لئه خوشي جـي خـار غـافـل ۾ لڳي.

۸- آهه هڪڙن جـي خزان پڻ جـي بهاريءَ جو ثبوت،
بي خبر 'فـانـي' مگر ڪڏل ٽـو رهي گل ۾ لـڳي.

## شڪايت

ٻڌ نہ ٻڌ ليڪن ٻڌائڻ کان ٻڌائڻ جو حواس،
هچڪندو هرگز نہ جيسين ساهہ جو سر ۾ نواس.

هي ڇا اڪين سان ڏسي ذلت تباهي گندگي!
تنهنجي بندي کان ويئي پلجي آ تنهنجي بندگي.

لفظ آزادي جي آڻن ديس پريمي وات تي،
بي خطا تن جو ٿئي سرگهات ڦهري ڪات تي.

جت غريبي ٿي جهلي دولت جي در تي نوڪرون،
ڪن کي بندوقون ڪلهن تي ڪن کي آهن ڪوڏرون.

جت ٻڙن معصوم جي اکين مان لڙڪن جون لڙون،
جت پون زخمي ٿي ڪنڊن کان گلن جون پنکڙيون.

پورهيت جي جت جلي دل مان گرم آهون اچن،
فئڪٽري جي چمنين مان ٿا جيئن دونهان وچن.

جت نپن ٿا ڏينهن ڪل ڪنگال جا جنجال جا،
جت بکايل ڳل ڇمي ٿي زال بيواه ٻال جا.

جت ملي مشڪل ٿو هاريءَ کي فقط اٽي جو پاءُ،
پر زميندارن جي ڪتن کي ملي ٻوڙ ۽ پلاءُ.

قوميت جي دهل تي جت ڍونگ جو ڏونڪو هٽي،
تـا اچـن اجـلاس ۾ اڳـواڻ خـود غرضي ڪٽي.

جت آڳوجهن ڪي ڦري ڪن ڦـوڪ ٿـا مذهب فروش،
ڀـورڙن جا ٿا ڀـرن نـفـاق ۽ نفرت سـان گوش.

ڌرم جـي نـالـي ڪان ناواقف چـوائـن ڌرم وير،
ڪرم ڪانئر ٿـا سـڏائـن ڪرمـچاري ڪرم وير.

جت جـوانـن جـو نـتـو جـاري ٿئي جبرو جهاد،
تن سـان جن سرمائيدارن ڪـي آ ميڙيءَ جو سواد.

سـود خـورن جي طـمـع جـو تس ڀريو ڀرجي نٿو،
قهر غـربـت تـي ڏسـي آڪاس جـت گرجي نٿو.

هـرطـرف ڪـان غـم نصيبن جـو اهـو آواز آهه:
”ڇا اها آ تنهنجي دنيا جنهن تي توکي ناز آهه“.

تنهنجي ”فاني“ بـنـدي ڪي خاوند ڪئن ايندو يقين!
تنهنجي دنيا هيءَ! جنهنجو تون ٿئين مالڪ مڪين!

## پرڀات

ڳلي لڳي آڪاس ۾ وڇڙيا ٽسي ڏينهن رات،
ٻن پريمين جي ڪنٺ ۾ هئي ٻرهه جي ٻات.

پسيل پنبڙيون رات جون ڏينهن ٻه ٽي ڏلڪيو،
ڳوري ڳاڙهي نيڻ مان نير ڇٽي ڇلڪيو.

ڏلڪي رات ڏهاڳ ۾ ڏيل وڃهي ڏاريو،
چيري چاڪ جگر جو ڏينهن ٻه ڏيکاريو.

ٻاڏائيندي راتڙي ٻوٽيا نيڻ نراش،
ڪڙيو خوشي خومار مان پربت تي پرڪاش.

ٽٽو نشو ننڊ جو جاڳيو سڀ سنسار،
گل ڦل باغن ۾ ڪڙي ڪيو سڄر سينگار.

ڪوئل 'ڪوڪو' برڇ تي ڪئي عجب آواز،
بلبل ٽي گل سان ڪيو نئون نرالو ناز.

نڪري نور نقاب مان پکڙيو پورب ديش،
اوفده ۾ آڪاس مان آيو سهنج سنديش.

آيو ڌرتيءَ-ديوتا هٿ ۾ اگني ٻاڻ،
سورج سان ساٿي هيا موين سپاهي ساڻ.

ڇيلهه ۾ ڊپٽو تيج جو سر تي سندر تاج،
جرڪيا سوتي منڪ تي سيلمءَ پکراج،

ڪرڻا ڪڏ ڪيا موج مان ڪٽي هٿن ۾ هار،
سرشٽي ديوي ٽي ڏنو هرش ڀريو ديدار.

'فاني' روشن ٿي ويا ٻئي پڙ فرش اڪاس،
ٻن پريمين جي فراق تي ڪيو نه قدرت قياس.

## رات

سج سنياسي رتن ڪري ٿو ڪري ورڻ جي وائي،
شام سنياسڻ ويس شفق جو پـائي اپ مان آئي.

١- جوڳي- جوڳڻ پل جو ميلو وڇڙڻ ويلو وري اڪيلو،
ڏ ڏينهن جـي مالها جوڙي ٿي هڪ ٻئي کي ڦهرائي.

٢- لنبا پاڇا پيچندا پـردن وانـگر ڪڇندا ڪڇندا،
کهڙي غفائـن جـي اونـداهيءَ ۾ ٿـي رات نيائي.

٣- دريا ٻيئي ٻانهون کوليون سمهي پيون ساٿيون ٿي ڇوليون،
بـن اپـون ۾ پـون پنن ۾ سـپ ۾ سـانت سمائي.

٤- نيڻ نـکنڊن پل ٻه نه ٻوٽيا جهٽ جهٽ ڏيئي اباسون جهوٽيا،
عـرش فـرش کـي ڪاري چادر پرڪرتي ڦهرائي.

٥- رات سفر جي ڪاري ڪاري پنڪي پنڪي رات گذاري،
سـا ٿـي صبح سهائي لئه ٿـي پل پل آس وڇـائي.

٦- مکڙيون مشڪڻ جي لئه آتيون پکين اپ ۾ پاتيون جهاتيون،
رات متان پـريـات کٽي سـوغـات صبح جي ڇائي.

# حضرت انسان

عجب آ منش جي حالت عجب آهي سندس چرتر،
سندس دل ۾ پريل آ نيڪ بد جو هڪ عجب دفتر.

۱- نہ پلجو يا پنہلجو تنهنجي پولي پالي صورت تي،
حقيقت ۾ نہ آ ابليس کان ڪنهن ڪار ۾ ڪمتر.

۲- فرشتن جهڙي لياقت آ ڪڏهن هنجي طبيعت ۾،
شرارت ۾ هي شر آهي ڪڏهن شيطان کان بدتر.

۳- ڪڏهن بيمار جي شيوا ۾ ويهي رات ڏينهن ڪاٽي،
ڪڏهن سمهيلن جي، ڪاسائي وهائي، حلق تي خنجر.

٤- ڪڏهن همدرد بڻجي ٿو ڏئي جند جان ڏارين تي،
ڪڏهن سنہنڏين جي سيني ۾ نرد ئي هڻي نشتر.

۵- ڪڏهن دوستن جو ٿي دلبر، صفا تن جا ڪري پادر،
ڪڏهن ڏسنديئي تن کي ٿو سندس کاسي جلي اندر.

٦- ڏري چرڪي ڪڏهن ڪانئر ٿي پٽ کي پوت ٿو سمجهي،
ڪڏهن هٿ سان ٿو پالي شير، ناهر، آفتون اجگر.

۷- ڪڏهن باتيون فلسفي جون ڪري ٿو آتمائن سان،
ڪڏهن پوجي پپل، قبرون، نہ واتا، ڏوڙ ۽ پٿر.

۸- ڪڏهن قارون جي ڌن مان نہ ڍاپي لالچي جو من،
ڪڏهن خود موه مايا جو ڇڏي راضي رهي بي زر.

۹- ڪڏهن دنيا جي فتني فريب کان گهاري ٿو غارن ۾،
ڪڏهن خود فريب ۾ ڦاسائي موڳن کي ڪري مضطر.

۱۰- مليل انسان کي آ نيڪ بد بخشيش ڏاتر جي،
تڏهن 'فاني' سڏارين ڇو نہ تون پنهنجي اول آخر؟

# سورداس

عمر منهنجي سدا اهنجي ڪريان ڪٿهن جاءِ اوراڻو،
بدن بي وس وجي پرندو جگر ۾ جوش جهوراڻو.

نه ڪو جس آهه جيوت ۾ حياتيءَ ۾ هلاڪي آ،
سچائي ڏنڊ واويلا وهاريو وئل ويڳاڻو.

شڪل جهنٽيون ڪٽان پنٽيون هٽان هرجا هٿوراڙيون،
ڏسان لاهيون نه ڪي چاڙهيون لهان ٿر ٿر ڪري ٽاڻو.

ڏچا در پاڳ جي سٽ ۾ جهلي سر هيٺتي لاهيان،
اها لٽ پروسو پايان سلي جا ڏاج ڏاڏاڻو.

بدن گهر جا بنديل در ٿا وجهن جهڳمڳ اندر جهل پل،
بنديخاني اندر بلڪل وڏي ڳڻ ڳوت ڳاراڻو.

چون "ڪوئي ڪنين ٻڌجي ڪري چئجي اکين ڏسجي"،
خبر نابين منهنجي تي اچي ويسه اڏوراڻو.

سفر سنسار جي ۾ ٿا ڏڪا ڏوسا وڏائن غم،
ڏکن جي ڪاڻ ۾ دم دم بدن بيحال تي ڪاڻو.

جيئن خوش ٿي ڪلن ساڻهو تيئن منهنجو وڏي ڏنڊ ٿو،
چڙهي پردي مٿان پڙدو مچي من ۾ تو ماندڙاڻو.

نه ڪا گردش سيارن جي نه ڪارن جي نظارن جي،
نه مون لئه لاٽ تارن جي نڪو چمڪاٽ چانڊاڻو.

ترڻ سنسار ساگر پنهنجي ٻانهن ساڻ مشڪل ٿيو،
مصيبت ساڻ شامل ٿيو گذر منهنجو غريباڻو.

نہ ساري ڏوجهرو، دل ۾ اگر ٿي سوجهرو ساڪي،
اجالي آتما سان هي ڪجهي ڏي موج ماندڙاڻو.

شڪر آهي ذڪر مون لئہ ڇڏي هوس ۽ ملڻ ويا،
”وڏا در جي ڪٽي بند ٿيا، نندن ۾ سهنج ساماڻو“.

عذابن جو عڪس مون ٿي فقط ”فاني“ دنيا اڇليو،
لکيو جو نيٺ پاڙڻ پيو مڃان ڀڳوان جو ڀاڻو.

---

# زندگيءَ جي شام!

آوندهه نگريءَ مان ٿو سورج ڪري وڃڻ جون وايون،
تارا ٻڌجي نڀ-منڊل جون اکڙيون پرجي آيون.
سرڪي ڏرڪي وئي شفق مان جوڀن جي لالائي،
انڌيريءَ کي شام هٿن کان هوريان وٺندي آئي.
ساگر ۾ سورج جا ڪرڻا ترڪن تپت ٻجهائي،
ويندا وڃن پرندن کي ٿا گهر جي واٽ وٺائي.
ڇايا ديوي وار کنڊيڙي ڇاڻ اڇي اولاهون،
ٻاپيهي پڻ اکيون ٻوٽيون ڪڙڪو ناهه ڪجيءَ ۾،
سمنڊ سطح هن سانت سمي کان ڪونهي گوڙ ڳجيءَ ۾.

(٢)

ڪشتيبان! اجها جيوت جي شام جي شامت آئي،
پار پڄي شل سک سان جا هت ناوَ سلامت آئي.
واءُ وٽائو، وقت اٽائو ويتر منزل دوري،
"اڇ وڃ" جي پر وهڪ تکي ۾ وڃڻو آهه ضروري.
هي ڇا؟ ٻيڙي ٻري ڇڏيندين غم جا لڙڪ وهائي،
ٻوساگر مان ڪٿن تون سگهندين جيون-ناوَ بچائي؟
تو سڄڻ سان بيشڪ ڪاٽيو سک جو وقت سڪاني!
سي سک ياد ڪري ڇو لائين هردي کي حيراني؟

جيون ـ نئيا هن دنيا جون چوٽ تي چوٽون ڪائي،
ساگر جي لهري لوڏن ۾ چو همت هارائي؟
دک جي جلدارا ۾ تنهنجي ڏيرج نئيا تاري،
لڏندي ڪڏندي مور نہ ٻڏندي پڄندي پرئين ڪناري.
ساحل جي خاموشي تنهنجي آئت لاءِ اچي ٿي،
موج بحر ۾ ميربحر جي سواگت لاءِ مچي ٿي.
ساگر جي لهرن جون تارون تنهنجو ونجهہ وڄائي،
نچندي ٽپندي ٻيڙيءَ جي ٿو سر سان تال ملائي.
ڪو لاهل ڪان نڪري هل هن شانت ـ نگر هاڪاري،
جت سڀ کي اڏڪار جيئڻ جو، جيئري موت نہ ماري.
جت جيوت جي صبح شام جا پڙدا ڪجي وڃن ٿا،
موت مداهيءَ ۾ جت "فاني" ابدي ـ لات لنون ٿا.

—

# آيو، ويو هليو

١- آڪاس تان آيو هو ستارن جو ستارو،
سورج جو ترورو ٻٽيو ڌرتيءَ جو دلارو،
هو چنڊ جي ريڪا ۾ نظارن جو نظارو،
جنهن زندگي جو هرش سان هرهڪ ٿي پل پليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٢- شبنم ٿي لٿي ابر جي باريڪ تهن مان،
گل چونڊ جي، فردوس جي، آيو هو چمن مان،
موتي هو صدف جي هليو آيو هو دهن مان،
پنهنجي خوشي نه آيو نه پنهنجي خوشي چليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٣- ان غنچه ڪي گلزار ۾ هرگل سان وفا هئي،
پر هاءِ فنا ڪي ڪا وفا سان به جفا هئي!
مڪڙيءَ جي قضا هئي يا هي مالهي ڪي سزا هئي،
هن واءُ سان ڇو جسم اجايو هو روح رليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٤- خود راز لڪل آهه اچڻ ۾ ئي وڃڻ جو،
خطرو تو گهڙي ڪي رهي گهڙجڻ ۾ ڀڄڻ جو،
امڪان لڪل سڀ ۾ آ ايرڻ ۽ لهڻ جو،
آيو ۽ ويو ڪنهن به نه دنيا جي جهل جهليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٥- اي زندگيءَ جا سوز پريل ساز سراپا!
هستي ٿي ڪري هرگهڙي توکان هي تقاضا،
هيءَ آهه فنا ڇا ۽ فنا-گهر ۾ بقا ڇا؟
”فاني“ جڳت جو ڪنهن به سياڻي نه ڳجهه سليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

# ڳوڙهو

مان آهيان وڏوا جو ڳوڙهو،
سڏڪن ڪان سينو ٿيو سوڙهو،
ڳهٽ ٻوسٽ مان ٻاهر نڪران،
ڪيئن لتاڙيان لڄ جو لوڙهو.

اٻلا جي اڪ هردم آلي،
هڪ وارث ويو سو ٿيا والي،
جيوت آهي اڪيلو ڳهاريان،
پرجي خال به هوندو خالي.

منهنجو گل ڪئن سائو ٿيندو،
پنور پيلي ڪئن مون وٽ آيو،
چئني طرف چمن ۾ چاري،
ڪيئن اڇي کو حال ونڊيندو.

شبنم جهڙو شعاع نه منهنجو،
پرجي پريو ڳهاءُ نه منهنجو،
گل قل بلبل کي به وٽي ٿو،
ڏک وارو ڏيکاءُ نه منهنجو.

آهي پليس پيڙائن سان گڏ،
دک جي دردي دانهن سان گڏ،
مان ئي ٻيوء جو دک پاڻي،
رهان نراس نگاهن سان گڏ.

دل جا بادل اک تي چانيل،
ٻوند ۾ منهنجي بحر سمايل،
دل ۾ آلو دود دکي ٿو،
"فاني" ٻاهر آگ اجهايل.

## او منهنجي دل

او منهنجي دل ڪنهن اداس دل،
توکي سوز سڪ مان سنڀاريو هوندو،
اڪيلي ڪنهن تنهنجي آئيني ۾،
نظر نماڻي نهاريو هوندو ـ او منهنجي دل....

۱- او منهنجي منڙي! تري اچي ٿو،
اهو ئي اکين اڳيان زمانو،
ٻڌيو اسان جو ڇا نينهن ناتو،
هزار نظرن جو هو نشانو،
ملڻ ۽ وڇڙڻ اسان جي شاهد،
اڃان نه هن وڻ وساريو هوندو ـ او منهنجي دل....

۲- وٺي وندر وات وڻ جي هيٺان،
مگر ڪي صدما ٻه سامهون آيا،
زماني وارن ذمن ۽ زارين،
ٿي پاند ڇرڪن سان پئي ڇڏايا،
ائين ٿي پيارن لڪن هزارن،
اسان جيان هيانءَ هاريو هوندو ـ او منهنجي دل....

۳- انهيءَ ڪنان پڻ اشڪبار آهيان،
جو تنهنجو هوندي ٻه تنهنجو ناهيان،
اونداهي جيوت جي راتين ۾،
اڃان ٿو چانڊوڪي تنهنجي چاهيان،
اسان جي هن سات سڪ ڪي شايد،
دکي دلين ڪن پڪاريو هوندو ـ او منهنجي دل....

٤- او دل جي ديوي! حياتي ۾ بس،
سکڻ ۽ وسکڻ ئي پيار ناهي،
هلون ٿا اچ غمزدن ڏي جنجو،
جڳت ۾ کو غمگسار ناهي،
انهي لئہ پيدا ٿيو پيار دنيا ۾،
جن کي دنيا ڌڪاريو هوندو- او منهنجي دل ....

٥- اچين جي ان پريم-وڻ ۾ جوڙيون،
اسان بہ اڏڻ لئہ آشيانو،
اڏامي تارن جو اپ تان لاهيون،
غريبخانن جي لئہ خزانو،
کنور قدرت جا دور موتين،
جو ميڙ اپ تي اياريو هوندو- او منهنجي دل ....

٦- سڄي جهان جي ڏين ڏکين جون،
شل اسان پيئي پشون تي اکيون،
اهي اکيون جن پرايون پيڙائون،
پنهنجون سمجهي جگر ۾ رکيون،
عجب اهي نيڻ جي نمڻ سان،
پين جي نيڻن کي ٺاريو هوندو- او منهنجي دل ....

٧- اکيون نہ جي آبشار بڻجن،
جڳت جي وسرام لئہ رات بڻجون،
يا اپ جا بادل يا وڻ جي ڇانول،
يا 'فاني' کوئل جي لات بڻجون،
جيئڻ جڳت ۾ آ تن جو سڦلو،
پين جو جن جيءُ جياريو هوندو- او منهنجي دل ....

—

# احساس

پٿر جي ديوتا ۾ هڪ ڏينهن جان آئي،
ورهين جي ويدنا جنهن باقي نه ٿي بڌائي،
لڙ لڙ ۾ لوچ لاشڪ لوڪن کان پئي لڪائي،
آواز ڏيئي آخر پٿر جي چپ پوليو،
پيڙا کان پاپ پوليو:

ڪنهن سنگتراش سنگدل منهنجو هي جسم جوڙيو،
پڳوان مون کي پائئين سڀڪوئي مون ڏي ڊوڙيو،
پولن ۽ پورڙن کي ڪوتھ ـ نظر نهوڙيو،
بي سمجهه صدق آيو ويچهو نه سمجهه آئي،
وشواس لنو لڳائي.

ڪمري ۾ بند منهنجو قائم آ قيد خانو،
هيرن جا هار مون وٽ خاصو رهي خزانو،
پڳتيءَ جي اوٽ ۾ آ عشرت جو آشيانو،
پيرن ۾ منهنجي امرت استان ۾ گنگاجل،
پيٽا ۾ پشپ گل ڦل.

گهبرائجي ويئي آ حالت گلن ڦلن کان،
من مونجهه ۾ مري پيو ويسن ۾ وسترن کان،
بيزار ٿي پيئي چڙ بلبل جي دل چمن کان،
هن روز جي رسم کان دل ٿي اداس آهي،
چوڌس اماس آهي.

هن واس ڏوپ دونهين گھنڊن کان من ٿو گهنجي،
دوکي ۽ دنب کان ٿو پيٽيءَ جو پاءُ لنجي،
هن دل جي بيقراري ڇن-پٽ کان ڪيئن ڇنجي،
آجلو ڏسي افق ۾ منهنجو ڇو من لڏي ٿو،
اونده ۾ سج ٻڏي ٿو.

مرجهائجي وڃن ٿا پشپن جا ڍير مون وٽ،
پوتر ٿيڻ اڇن ٿا پاپن جا پير مون وٽ،
افسوس ڇا ٿين ٿا ايذا انڌير مون وٽ،
هن ڏيک کان ڏکي ٿي منهنجي نگاهه روئي،
سنهنجو گناهه ڌوئي.

پٿر جي مورتيءَ ۾ احساس ڊوڙي آيو،
سالن جي سڌائن جو اکين مان جل وهايو،
پنهنجوئي پاڻ تي سر پيٿا ڏيئي چڙهايو،
مورت جي دل ٽٽي پئي پٿر پري ٿيو واري،
وسمئه ۾ پيا پجاري.

—

## احسان

منهنجو چاهي جنهن کي مان پنهنجو چوان،
منهنجي ڪوتا تي ڪرم ڪنهنجو چوان.

شبد ـ رس لوليءَ جي لفظن مان ملي،
گيان رس ماهر معلمن مان ملي،
جوت ڪجهه جيوت جي جذبن مان ملي،
شاعري نغمن جي نظمن مان ملي،
منهنجي ليکڻ تي لکين احسان ٿيا،
واهرو منهنجا سوين ودوان ٿيا.

ڪنهن اٿاريو آهه اندر ۾ امنگ،
ڪيئن امنگن تي چڙهيو رچنا جو رنگ،
ڪنهن چڙهي چوريو چپن تي آهه چنگ،
جنهن جي لرزش کان لڳي ٿو انگ انگ،
ساز تون آواز انجو راز تون،
ناز منهنجو ناهه منهنجو ناز تون.

## تجربو

مون کي وڏڙن کان پڇائڻ سان هي پرپوڙ مليو:
جيڪي دل ۾ هجي، چپ کر ته سنڌ چپ نه چري،
مون کي سنتن کان هي سنتوش جو سنيوگ مليو:
جيڪي چپ تي هجي، دل ڏي نه رڙهي سرت سري،

يعني دنيا ۾ سمجهدار رياڪار ٿيان،
نيڪ نامي تمنا ۾ گنهگار ٿيان.

در کليل اميد جو جيئن گهر ڇڏي بي گهر ٿئي،
دل تڏهن خوشحال ٿئي، مشڪل ۾ جيئن ششدر ٿئي،
سچ ته هي پنکيون چڙهي ڪن ٿيون سجاڳيءَ کي سجاڳ،
آدمي انسان بڻجڻ لاءِ گهٽو لاغر ٿئي.

نه تو سمجهي سگهان هي زندگي جو راز آ ڪهڙو؟
سندس انجام ٿيو ڪهڙو سندس آغاز آ ڪهڙو؟
پڇو جن کان اتر سي خود پڇن منهنجي پڇائڻ کان،
تڏهن هن روز واري راز جو همراز آ ڪهڙو؟

’فاني‘ ٿا چون جنهن کي سا دنيا مون ڇڏي آهه،
ڪامل ٿا چون ڪامنا ڪتڙي جي هڏي آهه،
گمراهه نه ڪر مون کي تي همراهه هٿي ڏي،
دنيا ٿا چون جنهن کي سا دوزخ کان وڏي آهه.

## شڪوه

توکي تمنا ڪانہ هئي، جي پنهنجي پاڻ پسائڻ جي،
تنهنجي واندي من کي هئي، ڪا گهرج نہ من وندارڻ جي،
تو ۾ خاوند بڻجڻ جي، جي خالق خواهش ڪانہ هئي؛
کهڙي هئي ضرورت توکي، جڳ جي راند رچائڻ جي.

مون کي ڏاهي منهنجي گهر ۾ تو پنهنجو گهر ڏاهيو آهہ،
تو مون کي چاهيو يا پنهنجو پاڻ کي تو چاهيو آهہ،
ڪجهہ بہ نہ چاهي سڀ ڪجهہ چاهين تنهنجي راند رنگيلي؛
ٻالڪ وانگر ڏاهين ڏاهين ڏاهڻ لئہ جڳ ڏاهيو آهہ.

'فاني' هوندي آءٌ بڻايو توکي آ لافاني،
پر - لئہ ۾ هت جي ڪا رهندي ڪنهنجي ڪانہ نشاني،
تنهنجي آهہ حڪومت جيسين آدم ۾ دم آهي؛
آدم بعد عدم - آباد رڙهي ٿيندي نہ رواني.

## جوانيءَ جي آرزو

مڪاني! تنهنجي آذر تي مون نئيا نير ۾ لاٿي،
مگر افسوس! ڪيئن بي سڌ اچي وچ سير ۾ ڦاٿي!
نه ڪنهن اميد آشائن جي ساحل تي وٺي آئين،
ٻڌائج مون کي رهبر! ڪهڙي منزل تي وٺي آئين؟
هتي تجويز ۽ ترڪيب سان ٿيندي جفا حاصل،
رتن ۾ ڪا رتا ڪانهي رتن مان ارٿ ڇا حاصل؟
جتي تهذيب جي پرڙدي ۾ آ زوراوري پنهان،
جتي تڪرار جي تيزي نمايان آ تمدن مان،
اهو مڪتب سبق ٿو بزدلي جو ڏئي جوانن کي،
گهٽي ٿو گهيرڻ سان ڪيئن وطن جي پاسبانن کي!
غلاميءَ لئه ڪري تيار جوڌن جي جوانيءَ کي،
مٽائي ٿو ڇڏي عزت ۽ عظمت جي نشانيءَ کي.
غنيمت ٿا چون عهدو غلاميءَ جو عجب ناهي؟
جهڪي انسان ٿو انسان جي در تي غضب ناهي؟
هتي زر سان ضمير جي ٿئي سستي خريداري،
نظر هت هر طرف ڪان ٿا اچن سي پيٽ پوڄاري.
ابوجهن پورڙن کي چيچ تي نگرا نچائن ٿا،
خدائي ۾ خدا جي نانوَ تي مرٽا مچائن ٿا.
نفاقن امن ۽ آرام جو ڏينگو وڌو ڏاهي،
جوانيءَ لاءِ آخر رهنما! هترڙي رکيو ڇاهي؟

زياده ڪين رهبر! منهنجي قسمت آزمائي ڪر،
تون منهنجي بيوسي تي رحم ڪائي رهنمائي ڪر،
اها منزل، هجي جنهن جاءِ تي جلوو جواني جو،
نه نڙگهٽ جت زبردستي ڪان گهٽجي زندگاني جو،
جتي مظلوم جي آهن تي دل ۾ آگ پڙڪي ٿي،
اها ڪاوڙجي بجاي ظلم جي گردن تي ڪڙڪي ٿي،
جتي هردم منش جي آهه منشا حق شعاري جي،
جتي همت هٽي ٿي هام حق لئه جان نثاري جي،
جتي ٿو ننگ ۽ ناموس لئه سينو سپر بڻجي،
جتي غيرتمندي جي نيڻ ۾ نشتر نظر بڻجي،
اتي هل جت فقط ٻانهن جي ٻل جي آزمائش آهه،
جتي زوراخ زوراور اجل جي آزمائش آهه،
جتي احساس غم جي بيوقوفي ٿا چون عاشق،
جتي تلوار جا سڀ وار گدگد تي سهن عاشق،
جتي منجي وچي ٿو تيغ سان تقدير جو چڪر،
جتي هڪ ڏينهن جي حسرت آ ذلت عمر ڪان بهتر،
جتي سڀند رکندي آهه آزاديءَ سان سرباري،
جتي جوڌن کي قرباني بڻائي شير شهبازي،
جتي مان سر ڏيئي ٿيان سرخرو اهڙي ڪا محفل ڏس!
جتي مشڪل نه "فاني" حل ٿئي اهڙي ڪا مشڪل ڏس!

—

# تون ۽ مان

١- اڄ سڄڻ ساٿي اچي ڪر قرب مون سان قربدار!
منهنجون ٻانهون تنهنجي ڀاڪر لئه رهن ٿيون بيقرار.
اصل کان آهيون هتي هندو مسلمان هم شريڪ،
چو تڏهن اڄ ڇاڻ ٿي هڪ ٻئي سان اڻڪن ٿا عزيز؟
خود مطلبي هي خيانت پنهنجي خاطر ٿي ڪري،
پر برادر کير مادر جو نرادر ٿي ڪري.
ٻلبليون لڙنديون لتاڙن گل ڪيو ڪهڙو گناهه؟
باغبان ٻڌجي ڪريون چو باغ پنهنجي کي تباهه؟

٢- سوچ ڪر، تنهنجو ۽ منهنجو عمر پر ٿيو گڏ گذر،
آهه سيلانين مثل هڪڙي ئي ساگر تي سفر.
ڏس جدائي جهل ڪان پٽرن سان ڪشتي کي پريون،
پنهنجي ٻيڙي ٿا هٿن سان بحر جي پيٽا ڏريون.
عقل کي هر دم اچي ٿو سُود ۽ تاون سجهي،
پر فقط اکرن جي الجهن ۾ پيو مقصد منجهي.
تون چوين الله اڪبر، آءٌ اچاريان رام رام،
ساڳئي سائينءَ کي پڪاريندي نه ٿيون ٿا هم ڪلام!

٣- منهنجي چوٽيءَ مان نه ڪو اسلام کي جوکو رسيو،
تنهنجي ڏاڙهيءَ مان نه ڪوئي ڌرم کي دو کو رسيو.
مون ڪٽي لوٽو اگر منهن هڪڙي هٿ سان صاف ڪيو،
تنهنجي ڪنئري ٻن هٿن سان ڪهڙو بي انصاف ٿيو؟
منهنجي ڪيسي مان پيلا ڇا ڌرم کسڪي ٿو وڃي،
تون اگر وهنجي ڪٽي ڪپڙا ڍڪيا آلي لڳين؟
هي ته جسماني صفائي جو اچي جاڳيو غرور،
آهه ڇا الله جي در اهڙي زينت جو ضرور؟

٤- تنهنجي سجدي ۾ سمايل آهه منهنجي ساڌنا،
منهنجي پاريل واس مان توکي به ملندي واسنا.
بانگ تنهنجي کي ٻڌي، ڏس، آءٌ به بيخود ٿي چوان:
”خير جا والي کندين تون خير پنهنجي مهر سان“
تنهنجي مسجد ۾ اگر آءٌ پريم سان آيس گهڙي،
کل فرشتا عرش تان منهنجي متان آيا مڙي.
منهنجي مندر ۾ اگر تنهنجو مبارڪ پير پيو،
سچ تہ پوءِ انسانيت جو شان ۽ رتبو وڌيو.

٥- پر عبادتگاهہ جي تنهنجو رهيو مون کان جدا،
فرض منهنجو آهہ، ٿيان قربان تنهنجي تان فدا.
غرض ساڳيو آهہ هڪڙي پاڪ پرميشر طرف،
تون کرين اولهہ ڏي منهن آءٌ ٿو کريان اوپر طرف.
حرف هڪڙوئي پيل آ اوم ۽ الله ۾،
ساڳي مالڪ جو سمايل ساهہ آهي ساهہ ۾.
قربداري جي نصيحت ٿو کري توکي قرآن،
پريم، ايکي جي سکيا مون کي بہ ڏي پنهنجو پران.

٦- ڏس تہ جنهن انسان جو خاوند کيو عضوو خراب،
اڻ لکو آگر ۾ پيدا ٿي پوي هاکو حساب.
پير ڌرتيءَ تي فقط گهمٽي ۾ جو پٽري الڳ،
عام جي نظرن ۾ سو انسان ٿو نظري الڳ.
عيب اهڙي جو جراحن کي بہ ٿيو سمجهڻ محال،
آهہ قدرت جي بگاڙيل چيز جو ٻڌڻ محال.
ڏس تہ قدرت کي اگر ويچو هجي ويچار ۾،
توکي اک کاڏيءَ تي ڏي ها، مون کي اک کاپار ۾.

٧- شڪل هڪ، هڪئي مصور جا ٺٽيا آهيون ڪمال،
جوت هڪڙي جو ٺٽياسون نُور ۽ جلوو جمال.
مختلف تصوير جو تي رنگ ۽ رونق جدا،
پر هلي هڪ رنگ تي ساري سرشتي جي سمّا.
نقش هڪ جهڙو ٺٽايو آهه ڪاريگر عجيب،
پو تڏهن ڪمبخت ڪهڙو تيو قريبن جو رقيب؟
قلب ساڳيو، ناهه ڪو قالب ۾ ذري جو فرق،
تي تڏهن ڪهڙي ڪٽر ڪان ناهه ڪا غيرت غرق؟

٨- هاءِ حسرت! هڪڙي آدم جا ٻچا ناساز تي،
هڪڙي گهر جا گڏ گذاريندڙ رهن ناراض تي!
بدنصيبي! تو جڳايو پائپيءَ ۾ بدگمان،
ساري دنيا ۾ ٺٽايو تو ٺٽوليءَ جو نشان.
قرب ونڊن ڪي اچان ڪيتر نهوڙيندين نفاق؟
خون الفت جو اچان ڪيتر نپوڙيندين نفاق؟
مفلسن وٽ مفلسي در تي جهليو آهي پلاند،
هاڻ ناسازي نه ڪر ميلاپ سان ڪا هٿ چراند.

٩- پتري پتري ڪي ملائي ڪنهن وڏو دفتر ڪيو؟
قطره قطره سان رلائي ڪنهن مها ساگر ڪيو؟
ڪيئن ملي ريتيءَ جي ڪڻ ڪڻ مان بيابان تي تيو،
قسمين قسمين گل ڪٽريا، گڏجي گلستان تي پيو.
داڻي داڻي مان لنگهي زنار جو ڏاڳو ويو،
فرق پو ڪهڙو پلا تسبيح جي داڻن ۾ رهيو؟
ڏس تہ قدرت جي ماڻي تو ذري ذري مان سبق،
روشني ڪان سنهن منّي ڳوليون چو اونداهو طبق؟

١٠- اڄ تہ ٽڪرن ڪي ٽڪيون اتحاد جي آلاپ سان،
اڄ تہ ڏاريون ڏيل جهان جو ملي ميلاپ سان.
ڏس تہ هٿڙن ڏي نهاري ٿي ٽنل اجڙيل ستار،
ساز واري ساز هن غمگين جا ٿيون غمگسار.
پوءِ سندس اڪليل رڳون الفت سان ٿينديون بيقرار،
هن ڏنل تارن ڪي اڄ اتفاق جو آ انتظار.
سوز جون لهريون هليون جيئن ساز جي آواز ڏي،
ايڪتا هاري هنجون ايندي هلي همراز ڏي.

١١- هيڪڙائي! اڄ اچي هندو-مسلماني مٽاءِ،
ابر-رحمت سان اچي هيءَ چٽنگ ويچي جي وساءِ.
ڏس عداوت ڪان نہ جيئن دامن محبت جو جلي،
پل تريون افسوس جون پاٿيهي پشيماني ملي.
ايڪتا! تعصب مٽائي تو سچو انسان ڪيو،
۽ فقط انسانيت ئي عام جو ايمان ٿيو.
فرق 'فاني' "تون ۽ مان" ۾ ڪونہ ڪو رهندو قيام،
ساز بدلائي ڇڏي ساري سرشٽي جو نظام.

## تون ۽ مان

۱- سنڌ ۾ سرمايداريءَ سان نہ منهنجي ڪا عداوت آهہ،
مگر انسانيت جي تنهنجي در تي هي شڪايت آهہ.
ڌرم تون تو سدا سمجهين ستايل ڪي ستائڻ ۾،
مگر منهنجو ڌرم ايمان انسانن جي خدمت آهہ.
جي دنيا جو پڄاري ٿي تون پيسو پرمہ تو سمجهين،
تہ مون ڪي اهڙي ٺڪريءَ لاءِ نفرت ۽ قناعت آهہ.
تون حرفت سان ۽ حرڪت سان پلي پر پيٽ ڪي، ليڪن،
پرائي نان ڪان فاقہ ڪشي مون لاءِ برڪت آهہ.
شرابي شوق ۾ ليئاءِ پل تون ڏنگ داروں جا،
مگر مون وٽ وطن جي سڪ سنڌي مستي مسرت آهہ.
تڪبر ڪر پلي تون تير تلوارن تفنگن تي،
منهنجي فخر جو باعث نيازي، ناز نئڙت آهہ.
سنڌ ۾ محلات پل روشن هجن قنديل بجليءَ سان،
ڪکائين جهوپڙي ۾ منهنجي لئہ ڏيئوئي راحت آهہ.

٢- مگر انسان آهيان، هڪڙي آدم جا جڻيا آهيون،
ڪيو قسمت اسان جي ۾ تفاوت ڪونہ قدرت آهہ •
گهڻا ڏينهن ڀوڳ ڀوڳي ڀاڱ ڪي دريا ڪ ڀائيندس ؟
ڏسان ٿو، تنهنجي عشرت ۾ سمايل منهنجي حسرت آهہ،
وڏيا آهيون گڏوگڏ تون تونگر، مان مفلسي ۾،
ڳران ڳڻتيءَ ۾ مان، تو وٽ ڏراوت جي طراوت آهہ •
سنڌ محلات جي سِر سِر ۾ منهنجي خون جو ڳچ آهہ،
جو تنهنجي لاءِ شربت سو پسينو منهنجي محنت آهہ •
جفائون تو وٽان نڪرن، بلائون دور تہ بہ تنهنجون،
هتي هڪڙي نہ پي منهنجي شرافت تي مصيبت آهہ •
حڪومت جي طمع توکي مگر آهہ آرزو منهنجي،
اڪيلي جڙ غلاميءَ جي، ايامن ڪان جا عادت آهہ •
غلامن، حاڪمن ۾ فرق آ "فاني" فقط هڪڙو،
تہ توکي مون سان رغبت آ مون کي تو لاءِ نفرت آهہ •

---

( الف )

هردي ۾ هيس ڪيئن پيدا ٿي،
سيني جي جا سوڙهه سهي نه سگهيو،
دک پاڻ کي پر گهٽ ڪرڻ ٻنان،
اندر ۾ اداس رهي نه سگهيو،
اوپر کان امنگن جون بوندون،
اڪ جي آفق تي ترڻ لڳيون،
مان وس کان بوند وسڻ نه ڏني،
مڌ دل جي ڪوٻه لهي نه سگهيو،
آهي قطره قيمت وارا هئا،
هڪ هڪ هئو موتي جو داڻو،
اکرن جي مالها کان وڌ پيو،
موتين جو هار ٺهي نه سگهيو.

( ب )

## ڪونا

پرهه ڦٽي جو صبح سويرو،
سج ڪي هو ڪرن جو گهيرو،
ماڪ اگهيو گل جو منهن ميرو،
شايد شڪبي شڪتي ڪائي،
سون وٽ اپ مان اڏري آئي.

نرم گلن تي ٽپڪي لائي، مان جاڳيس هوءَ گهرڪي ويئي،
ٻنڊٽن ۾ ڪي ٻول ٻڌائي، شعاءَ پسائي ترڪي ويئي،
اڏڪن سپنن ڪي جاڳائي، چرڪ پرائي چرڪي ويئي،
سڪ سان چڪ مان سونڪي سوريو، مس مس جيئن مون پاڻ سنڀاريو،
منهنجي ڪومل چت ڪي چوريو، سون ڏانهن هن جي ناز نهاريو.

نپ جي نور نظارن اندر،
ڪند رائن ڪهسارن اندر،
گهرايـن گلـزارن اندر،
سڀ هنڌ جو تي سير ڪرايو،
پـل ۾ پـاڻيهي پٺي پڇايو.

جت سورج پهچي نہ سگهيو تي،
چنڊ جتي چمڪي نہ سگهيو تي،
واءُ جو سر ڦڏجي نہ سگهيو تي،
ات پـر ڪـولـي آئـي ڪلپنا،
هـر آستان تـي ڇـائـي ڪلپنا.

نـدي جيان ڪٿ ٽپندي ويئي،
ڏيل مـشـل ڪٿ نچندي ويئي،
پـورن ۾ ڪٿ پـچـنـدي ويئي،
ڪـٿ وڏوا جـي ورلاپـن ۾،
غـم جـي مـاريـن محتاجـن ۾.

دکـ سکـ سڀ دنياداري ڪان،
چت جـي چـنتـا چنگـاري ڪان،
ڪير بـچـائـي بـيـزاري ڪان؟
ڪوتـا ڪومـل آهـم ڪماري،
نـرم نـفـيـس نـزاڪت واري.

# تنهنجي قدرت

قطره قطره ۾ سمايل آهي قدرت تنهنجي!
ذري ذري منجهان ظاهر آ حقيقت تنهنجي!

( ١ )

ڪهڙو سر آهه، نه جنهن ۾ آهي سوداءَ تنهنجو؟
ڪهڙي دل آهه نه جنهن ۾ آهي الفت تنهنجي؟

( ٢ )

آهي هر جان ۾ جاني تنهنجو جلوو ئي ڇپيل،
آهي هر گل جي اندر گپت طراوت تنهنجي!

( ٣ )

آهي انسان فقط هونءَ ته هڏن جو ئي مچو،
پر منجهس نيڪ ۽ بد جي آ شناخت تنهني!

( ٤ )

آهي هر چيز تنهنجي حڪم جي ڏوري ۾ ٻڌل،
آهي هر هاج ۾ حاجت ۽ ضرورت تنهنجي!

( ٥ )

تون مون کان ڇو پيو 'ڇپڇپ' ڪندو لڪندو ٿو وتين؟
منهنجي اکين ۾ جو سهڻا آهي صورت تنهنجي!

( ٦ )

پنهنجي گيرب ۾ ئي ڪيڏا ها ڪريان ظلم، مگر،
منهنجي هستي کي فنا ٿي ڪري حشمت تنهنجي!

( ٧ )

تنهنجي ڪاوڙ ڪان مان ڪوليو نہ ليان ڪنهن دس تي،
منهنجي عيبن تي مگر آ سدا شفقت تنهنجي!

( ٨ )

رهي ٿو خوف تنهنجو دل ۾ سدائين خاوند!
جنهن منجهان جاڳي اندر ۾ ٿي عبادت تنهنجي!

( ٩ )

ڪري پيچ دان تي انسان ڇو پنهنجي نيڪي؟
تون سخا جو سچو سائين، آ سخاوت تنهنجي!

(١٠)

سوين سينگار ڪيئہ يار يگانا ڇا لئہ؟
ڪري حيران ٿي وحدت منجهان ڪثرت تنهنجي!

(١١)

تون مثل انب جي آهين، نہ تو جهڙو ٻيو مٺو؟
ڪهڙي ميوي سان ڪجي لاثاني نسبت تنهنجي!

(١٢)

"الف" ۾ ڏي پيو منجهي، پيا تہ اکر پوئتي رهيا،
ڪهڙن حرفن ۾ لکي 'فاني' عبارت تنهنجي!

—

# ڪامل جي قدرت

هر طرف ٿو ڏسان ڪامل آهي قدرت تنهنجي،
هر ذري ۾ آهي هستي ۽ حقيقت تنهنجي.

تنهنجو هر جان ۾ جاني ٿو وسي جلوو جمال،
آهي هر گُل جي اندر گپت طراوت تنهنجي.

تون ئي ڪاري ۾ ڪٿي ۾ ۽ مٺي ۾ موجود،
ڪهڙي شيء آهه نه جنهن ۾ آهي لذت تنهنجي.

تون سون ڪان چو پلا چپ چپ ڪندو لڪندو ٿو وتين،
منهنجي اکين ۾ جو سهڻا آهي صورت تنهنجي.

تنهنجي غصي ڪان مان گوليو نه ليان ڪنهن دس تي،
منهنجي شمع ڪي هوا ڪان آ حفاظت تنهنجي.

خوف تنهنجو آ فقط دل ۾ سدائين خاوند،
جنهن منجهان جاڳي اندر ۾ ٿي عبادت تنهنجي.

تنهنجي قطره مان ٿو درياهه جو ديدار بکي،
ٿي عجب ۾ وجهي وحدت منجهان ڪثرت تنهنجي.

تنهنجي ڏن مان ڪو ڪري دا چو ايمان ڪري،
تون سخا جو سچو سائين آن سخاوت تنهنجي.

الف ۾ ئي پيو منهنجي پيا تم اکر پوئتي رهيا،
ڪهڙي حرفن ۾ لکي ”فاني“ عبارت تنهنجي.

# هٽ ۽ پڻڪي جو جهڳڙو

يارو مون ڏٺو هڪ دفع "لڙ ڦڙ" جو نظارو،
جهڳڙو هيو هي دنيوي جهڳڙن کان نيارو.
هڪ نينڍ تي ننڍا وڏا يڪجاءِ هئاسين،
هڪ ٻئي سان حال پريت مزي جا ٿي ونڊياسين.
ديوان اچي هٽ رکي ميز تي لاهي،
ڀائيءَ به رکيو رعب سان پڻڪي کي وڏائي.
ڪنهن ٿي ڪيون گذران جي تنگيءَ جون ڪهاڻيون،
ڪن جون خوشيون نه عيش کان سيني ۾ سمائيون.
ڪنهن ٿي چيو آرام جي تنهنجي آ ڪمائي.
ڏيئي جو ٻڌين کهڙي مٿائي تو ڪارائي؟
ڪنهن ٿي چئي ڪاليج جي بيڪار حياتي،
ڪنهن ٿي چئي ڏنڌي مان ٿي بيزار حياتي.
هڪ ڪنڊ ۾ ويهي مون ٿي سارو لقاءُ ڏٺو،
هيئن هٽ کي پڻڪي سان مون جهڳڙو ڪندو ٻڌو.
آءُ سو آهيان جنهن جي اڳيان پاڻي ٿو ڀرين تون،
مون کي ڏسي تقدير تي هٿڙا ٿو ڌرين تون.
شهرين جو شان آءُ ڳوٺاڻن جو مددگار،
هر وقت هر طرح سان غريبن جو غمگسار.
منشي هجي منصف هجي ڪلڪٽر يا ڪمشنر،
منهنجا به لفظ تن سان، عجب ڪن ٿا، مختصر.

ڪيو ليءِ کي تو هاٿي جي چنبي مان مان ڇڏايان،
ڪريءَ اڳيان تو شير جي گردن کي جهڪايان.
ڪلهه رات سائيڪل تي هيس سوار بڻ ٻتي،
سلام فوجدار ورايو مون کي ڏسي.
بدزيب ۽ ڪوجهي جو منهن سلوڪ بڻايان،
بي علم کي بہ عقل جي درجي ۾ ڳڻايان.
مالڪ کي پنهنجي مغز تي ايڏو غرور ناهہ،
مان سر تي آهيان تہ علم جو ضرور ناهہ.
آهيان تتي ٿڌي ۾ عجب ڇانو ڇپر مان،
تو ڪان مقابلي ۾، ٿيس زور زبر مان.
پائي نہ پلئہ آهه جي پڻسي جو غرض ٿئي،
مون کي سڏي تو گهر گهڙي سيڪوئي قرض ڏئي.
آهي ڪٿي ديوان کي درڪار نوڪري،
مون کان سواءِ ڏئي نہ ٿي سرڪار نوڪري.
عينڪ ٿي ڪري منهنجي نمائش کي دوبالا،
مون سان ٿا ٿين بوٽ جا چيڪٽ ٿي نرالا.
آءٌ رنگ ڍنگ ۾ آهيان دنيا کان نرالو،
يورپ جو آهيان پٽ آمريڪا جو سالو.
تهذيب سندم چال ۽ رفتار مان ظاهر،
بي قاعدگي تنهنجي آ مقدار مان ظاهر.
پهريائين ٻڌي حال هي پنڪو ٿيو پريشان،
پوءِ جوش کان جلندو رهيو، تڙتڙ ٿي ڪنبيس جان.
تنڪي کان اهڙو ولولو تڪري ۾ ٿيو پيدا،
مستيءَ ۾ اچي مور ٿي جڻ پنک پکيڙيا.

هيئن هشت سان ٻنکي ڪئي تيزيءَ مان گفتگو،
تون ڪير جو منهنجي اڳيان ڪانئر ٿئين دوبدو!
گذري جا سپيتا، تنهن جو روشن ها ڏيئو مان،
زيادهہ آهي اقبال سندم تنهنجي شان ڪان.
شعلو تنهنجي تهذيب جو پڙڪايو اٿم پر،
وچڙين ٿو وري مون سان اڄ پڻ تنهنجي بي اثر.
اڄ پڻ مان توکي پنهنجي پگهر تي ٿو نپايان،
تنهنجي خوشي لاءِ ڪيترا حيلا ٿو هلايان!
ليڪن خبر نہ هئي تہ زمانو آ بي ادب،
پنهنجي خوشي ڏيئي مون خريديو آهي غضب.
مون ۾ آ لڪل زيب ۽ زينت جو خزانو،
مستڪ تي ڌريو تاج اٿم شاهہ جهانو.
وچ ۾ ٿو ويهي مان ڪريان دنيا جي دريافت،
ظاهر آ منهنجي ذات مان چهري تي شرافت.
آءٌ بزرگي، درويشي، ديانت جي نشاني،
تون آ عاقبت ۾ تنگ، ندامت جي نشاني.
هڪ ڏينهن جو خط وات تي ماڻهوءَ ٿي پڙهايئہ،
چاٽين نہ اکر، پاڻ کي ڪيڏو ٿي پسڏايئہ!
ڪيسن ۾ هئي هٿ چيئہ عشق نہ اٿم ساڻ،
هيئن پنهنجي جهالت کي ڏڪيئہ واهہ ڙي اڻ چاڻ!
مون کي نصيب ٿي آ هندوستان جي پومي،
رشين منين ڪان آهہ جا ايمان جي پومي.
هي اسپتالون باغ بغيچا بڻايا ڪنهن؟
منصف ٿي چئہ تہ تاج ۾ هيرا هٽايا ڪنهن؟

بيڙا تو شروعات شرارت جي ڪئي آ،
پنهنجن ۾ ٻري آگ عداوت جي وئي آ.
ڪجھ ڪال ٻنهي ڇهچٽو وهم وهم جو لڳايو،
تي دهل دمامن جو شغل، شور گهمّايو.
هي حال ڏسي اوچتو ڪاڏي جي ڪئب ڇيو،
منهنجو اوهان کي قدر سراسر آ وڌي ويو.
آءُ ماڻ ڇنڊي تي آهيان نئرت ۾ نماڻي،
پوئني تلڪ جي آهيان گانڌيءَ جي نياڻي
”فاني“ نه اتم فخر اگر آهيان طليدار،
ليڪن اوهان ۾ ڇو وڌيو آپي جو انڌڪار؟

—

## ترائيل

صرف اڪين ڪان پـري ڪيئن پـرين ڇنبو پري،
هـو پـري جـيـتـرو آهـ اوتـرو اوري آهـي،
دل تي دل ڪي ڇڪي ڪوهن تان ڪٺي ويجهو ڪري،
صرف اڪين ڪان پـري ڪيئن پرين، ڇنبو پري؟

پل ۾ پر گهٽ تي سا صورت اچي تارن تي تري،
ڪو تـصـور جـي، جي دنيا ۾ اڏامـڻ چاهي،
صرف اڪين ڪان پـري ڪيئن پـرين ڇنبو پري،
هـو پـري جـيـتـرو آهـ اوتـرو اوري آهـي.

* * *

ڏسي جي ڪين سگهان سي مان ڏسڻ چاهيان ٿو،
ڪئي مـون خورد بيني آهـ انهيءَ لئہ ايـجـاد،
مگـر اوزار پنهنجي پـرکـ لئہ نـہ ڳاهيان ٿـو،
ڏسي جي ڪين سگهان سي مان ڏسڻ چاهيان ٿو.

مون ڪي خود پاڻ سڃاڻڻ جي نہ آهہ من ۾ مراد،
مان خورد بين ڇـو خود بين ڇـو نـہ ڳاهيان ٿو،
ڏسي جي ڪين سگهان سي مان ڏسڻ چاهيان ٿو،
ڪئي مـون خورد بيني آهـ انهيءَ لئہ ايـجـاد.

دنيا جي دورنگي آهي تصوير ڇنيل ڏس،
جيوت جا ٻيئي روپ ته آشا ۽ نراشا،
سک دک ۽ سرڪ لڙڪ ڪي هڪ ٻئي سان مليل ڏس،
دنيا جي دورنگي آهي تصوير ڇنيل ڏس.

ڪي پل خوشي جا گل ڪي تون صحرا ۾ ٽڙيل ڏس،
اس ڇانو ۾ پاڇا اٿي هڪ سج جا تماشا،
دنيا جي دورنگي آهي تصوير ڇنيل ڏس،
جيوت جا ٻيئي روپ تي آشا ۽ نراشا،

* * *

لڙڪن جو ڪٿي جام جو مرڪي ته ٻئي پيو،
آشا ۾ نراشا ڪي سو بدلائي ڇڏي تو،
چوڏس جي اماوس ڪي تو دلڊير ڏئي پيو،
لڙڪن جو ڪٿي جام جو مرڪي تو ٻئي پيو.

جيوت جهان ۾ اهو مڪمل تو جئي پيو،
جو هار ڪي ۾ جيت جا گل پائي ڇڏي تو،
لڙڪن جو ڪٿي جام جو مرڪي تو ٻئي پيو،
آشا ۾ نراشا ڪي سو بدلائي ڇڏي تو.

—

# مخمس

# راحت جي ڳولا

رات ساري مون گذاري رنج ۾،
جو ڏٺم فرحت نہ پنهنجي گنج ۾،
"اڄ" چيو اميد لوڏي هنج ۾ —
"ڇڏ ستت گوندر گنوائڻ ۾ گسو،
ڪر وڃي راحت جي ڳولا اي پسر!"

(٢)

صبح جو ساجهر سجهي آيم سفر،
نهر تي نمندو نظر آيو نڪر،
خوش ڏٺم ويٺو پرندن جو ولر.
هيج مان هر هر هوا کهوگهات ڪيا،
وڌ پريشاني جا مون کي پور پيا.

(٣)

مون پڇيو تن کان: "ڏسيو راحت جو گهر،
جنهن جي ڳولا ۾ ڦران ٿو دربدر"،
چيچلائيندي چيائون "بي خبر!
دردمندن کان پڇين راحت جو گس!
ساري عالم ۾ ملي جنهن جو نہ ڏس".

(٤)

بس وسوڙو ٿي گهڙيس وٽڪار ۾،
پريم کان آٽت گهريم آزار ۾،
جنهجو جلوو آ سچي جنسار ۾.
پر وراٺيائين تہ هن جو سوجهرو،
ويو ڪري ڳوڙهن سان جهيڻو ڏوجهرو.

(۵)

ات اچي يارن جي ياري ياد پئي،
تنهن به ليڪن غمگساري ڪانه ڪئي،
آنلندو منهن کي گهنجائي وئي چئي:
”دوست، جي در ياڳ کان رلندا رهيا،
قبر ۾ آخر سي ڏانئيڪا ٿيا.“

(٦)

آسمان تي تهه رنگين آيو نظر،
نازنين تهه ڪئي ٿي جنهن اندر،
مون چيو خوش ٿي ته ڏيندي خوشخبر.
پر چيائين: ”منهنجي ڪل آ هڪ گهڙي،
جو پون ڪن پل اندر ڳوڙها ڳڙي“.

(٧)

عرش تان لاهي نگاهن مان نقاب،
مشڪندو اوير کان نڪتو ماهتاب،
مون وچايو ساڳئي رودن جو رباب.
”خوش نه پائنج مون کي“ چياءِ ڏس! مگر،
داغ فرقت، زرد رؤ، زخمي جگر“.

(٨)

نا اميدي آندو جو نيٽن مان جام،
اوچتو آيو اجل کان خوش ڪلام،
جنهن چيو: ”مون ۾ وسي آنند دام.“
نيڪنامي رهبري جنهن جي ڪري،
سو ڏسي راحت کي ”فاني“ سر ڌري.

---

## ماضي ۽ حال

سچ چوڻ آ جهالت، آهي جوٽ عقلمندي،
آهه مال يتيمن جو چرچ صوف سمرقندي،
آهه مرڪ مڙس جو اڄ دوستن سان دغا بازي،
اشراف هار ڪاڏي، بي شرم جي آ بازي،
هئو اؤر زمانو هو، هيءُ اؤر زمانو آ.

چا آه ۾ اثر هو، چا خوف هو خدا جو!
مظلوم جي صدا تي آڪاس گرجندو هو،
ڪوليي ڪي ستائڻ پي چوندا ها پاپ ڀاري،
اڄ آهه بيڪسن جي گردن متان ڪٽاري،
هو اؤر زمانو هو، هيءُ اؤر زمانو آ.

بيوه جو ست بگاڙڻ اڄ ڪلهه بحال سمجهي،
ڏارين جي بغل ۾ اڄ خود خواب خيال سمجهي،
هنسن جي جاءِ تي اڄ افسوس ڪانگ ٻڌجي!
وينا ڏسون اکين سان استرين جي لاج لٽندي،
هئو اؤر زمانو هو، هيءُ اؤر زمانو آ.

استاد لئه ادب هو، وڏڙن لئه نياز نئڙت،
اڄ بزرگن لئه جاڳي نندي وڏي کي نفرت،
ڏارين لئه دل اندر هئي همدردي وفاداري،
پنهنجن پرين سان لازم ناهي ڪا قربداري،
هئو اؤر زمانو هو، هيءُ اؤر زمانو آ.

رشوت جي کوڏي چڙ آ مادر جي ٽيج ٽٽن جي،
دکو به کين چڏجي منشا رهي مٽن جي،
کجهه پي حرام ناهي، سڀ ڪجهه حلال آهي،
دنيا جا عيش تيا ڳڻ مشکل محال آهي.
هُو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

اقرار سچ جي تي ملندو هو قرض ڪافي،
هئي ڪارپت نه اج جيان، انجام جي خلافي،
پائيءَ جي لئه به اج ڪاهه اکرن جي گهرج آهي،
جنهن هٿ ۾ اج ملي ٿو سو هٿ سوال ناهي،
هُو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

جت ڌرم جي نالي تان قربان ٿي ٿيا ڪوندر،
ليڪن نه جذبو جاڳي دل جا سکي ويا سرور،
تنهن جاءِ تي به اج ڪلهه رت جا نشان آهن،
اج راند سمجهي هڪ مان پيو ڌرم ٿا مٽائن،
هُو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

چا دوُر آ دنيا جو سورج چڙهيل لهي ويو،
ليڪن ڪڏهن نه ورندو هڪوار جو وهي ويو،
ايري يا کين ايري ڪائي خبر نه آهي،
سو شمس، شمس ناهي، سو چنڊ، چنڊ ناهي،
”فاني“ فضول سارو تنهنجو هي فسانو آ،
هُو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

—

# ڪونج

نوٽ: هيٺين شعر ۾ پدري پريم جا جذبا، پنهنجي نماڻي نياڻي ڪوشليا (ڪونج) جي اوچتي مرتيي تي اظهار ڪيل آهن. سندس اوستا لڳ ڀڳ ڏهه ورهيه هئي. هيءَ ٻوٽيل مڪڙي ٣-مئي ١٩٤٤ع جي اسان کان رسي، هميشه لاءِ جدائيءَ جو داغ ڏيئي، وڃي ايشور جي جهوليءَ ۾ جاءِ نشين ٿي. [ ڪيئلداس فاني]

(١)

ڇا لڪان، ڇا سان لڪان، ڇا تي لڪان،
ڪيئن لڪان، ڪنهن ڏي لڪان، ڪنهن کان پڇان،
تو رڙان ڳٽيءَ ڳران جهوريءَ جهڄان،
دل اندر تو درد جو ڀارڻ ڀري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٢)

جل جلي ويو آ جگر جولان کان،
خون دل جو ويو سڪي ارمان کان،
آگ وڌ هيءَ آهي آتشدان کان،
ٺار ڪنهن کان ڪين تو ٻرندو ٺري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٣)

آگ کان آنڌي جي آهي چر تڪي،
آ جگر واري جگر کي جهر تڪي،
ٿي چڀي سيني ۾ چٺ نستر تڪي،
جسم تو اولاد جي چر ۾ چري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٤)

جان جهوراٽي ڪان جهرٽو ٿو وهي،
هڪ وهي نڪري تہ پيو ٿهہ پهہ ٿهي،
چشم-پيالن ۾ نہ ٿو چشمو رهي،
ڇولين جي ڇوهہ ڪان ڇاتي ڏري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٥)

غم ڀري منهنجي غريبيءَ ڪان رسي،
ٻهڪندڙ دنيا ڪري ويئي ٻُسي،
ڪيئن پيئي قدرت هٿان قسمت ڪسي،
منهنجي غم تان غم نہ ٿو ٽرندو ٽري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٦)

ورهيہ گذريا منهنجي غم سان غم رهيو،
ڪم فقط آهي تہ غم سان ڪم رهيو،
غم سوا غم ڪان نہ خالي دم رهيو،
هيءَ نئين سر ساس چنتا ٿي چري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٧)

سڌ نہ ديپڪ کي قضا جي واءُ جي،
ڪونج وئي سنگت وڇوڙي ياءُ جي،
آس ويڳاڻي ڪري وئي ماءُ جي،
اوچتو صدمي جي ڳٽي ۾ ڳري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٨)

ڇا سندس مٺڙو رسيلو راڳ هو،
ڄڻ ڀريو ميران منجهس ويراڳ هو،

منهنجي لاءِ سو راڳ بيشڪ ڀاڳ هو،
پر قضا قهري کان قسمت تي ڪري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(۹)

ويو سندس آلاپ تي سڀ کي وٺي،
تي سندس ساهيڙين ۾ گهر گهٽي،
ڪونج ڏاران ڪيئن نچن ٽپڙو هٽي،
تنهن بنا تن جي نه ساعت تي سري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(۱۰)

هاءِ ڪيئن مکڙي ويئي هتڙان هلي،
ڪين جا ڦلواڙ ۾ ڦولي ڦلي،
ڪيئن وئي ڪومائجي ڪومل ڪلي،
اڄ نه ڦوڙائي کان ڦلواڙي ڦري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(۱۱)

ڪونج وئي ڪانگن جي دنيا کي ڇڏي،
هنس-مک هنسن ڏي وئي لاشڪ لڏي،
گهر امر-پور ۾ وڃي ويٺي اڏي،
دور هن دنيا جي ٻيڙا کان پري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(۱۲)

منهنجي وس ۾ هاءِ جي ڪو وس اچي،
ڏيهه ڏورانهين مان ڪوئي ڏس اچي،
۽ روئڻ سان ڪونج جي واپس اچي،
مان ڇڏيان دنيا کي ٻوڙهن سان پري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(۱۳)

گرچہ جسماني طرح آهي جدا،
تہ بہ منھنجي موجود آهي جابجا،
منھنجي تن تنبور مان نڪري صدا،
پاڻ تي جوڳو جڏهن هٿڙا ڌري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(۱۴)

زندگي چاهي ڪتابن کان پڇيم،
موت چاهي فيلسوفن کان پڇيم،
عالمن، سادن ۽ سنتن کان پڇيم،
ڪير پهچي پر سمندر جي تري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(۱۵)

نام هت ڪنهن جي بہ هستي لازوال،
پيش رک پيرن فقيرن جو مثال،
موت کان ناحق نہ ڪر جيوت وبال،
جو جميو آهي اوس "فاني" مري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

—

# آيو، ويو هليو

١- آڪاس تان آيو هو ستارن جو ستارو،
سورج جو ترورو ٻٽيو ڌرتيءَ جو دلارو،
هو چنڊ جي ريکا جو نظاري ۾ نظارو،
جنهن زندگي جو هرش سان هرهڪ ٿي پل پليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٢- شبنم ٿي لٿي ابر جي باريڪ تهن مان،
فردوس جي، گل چونڊ جي، آيو هو چمن مان،
موتي هو صدف جي هليو آيو هو دهن مان،
پنهنجي خوشي نه آيو نه پنهنجي خوشي چليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٣- تنهن غنچه کي گلزار ۾ هرگل سان وفا هئي،
پر هاءِ فنا کي ڪا وفا سان به جفا هئي!
ڪڙيءَ جي قضا هئي يا هي سالهيءَ کي سزا هئي،
هن واءَ سان ٻوٽي چو اجايو هو روح رليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٤- خود راز لکل آهه اچڻ ۾ ئي وڃڻ جو،
خطرو رهي پانڊي کي گهڙڻ ۾ ئي ڀڃڻ جو،
امڪان آ سورج ۾ ئي اپرڻ ۽ لهڻ جو،
'آيو ۽ ويو' ڪين ڪي دنيا جي جهل جهليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٥- اي زندگي جا سوز پريل ساز سراپا!
هستي تي ڪري هرگهڙي توکان هي تقاضا،
هيءَ آهه فنا ڇا ۽ فنا-گهر ۾ بقا ڇا؟
"فانيءَ" جي اندر ۾ اچا ڌيرج نه ڌڙ جهليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

# گل ۽ ڪنڊو

(۱)

هڪ دفعي جيئن ٿيو گذر گلزار مان،
قدرتي سينگار جي سنسار مان،
درد دل ۾ ويو لنگهي ديدار مان،
مون ڏٺو ڌرتيءَ تي گل کي ٽهڪندو،
۽ ڏٺم بي درد ڪنڊو مشڪندو.

(۲)

هڪ ٻي ھوٽي تي ٿيو تن جو گذر،
آهه سورج جي مٿان ساڳي نظر،
ٿو وسي ٻي رياءُ رحمت جو ڪڪر،
چانڊني ساڳي ٻنهي تي شعاع ڪيو،
سرڳ ڪان ورتاءُ ساڳيو واءُ ڪيو.

(۳)

هاءِ پر، ڇا پيدا پياري ٿي پيو!
گل نبل، ڪنڊو ڪناري ٿي پيو،
دشت هڪ، پر هيو ٻچاري ٿي پيو،
آهه گل ڪنڊي جو ساڳيو آستان،
پر ٿيو ڪنڊو ڇو اهڙو بدزبان؟

(۴)

ڪنهن جي آڱر کي ڦٽي ڦاڙي ڇڏي،
ڪنهن جي سيني کي ڇيڻي ساڙي ڇڏي،
پر پکي بلبل جي رت ڳاڙي ڇڏي،
پاونا مان ٿو پنور پٽڪو ڪري،
پر ڏسي ٿو ڏنگ کي ڏوران ڏري.

(٥)

قرب کي کنڊو تو ٺُڪرائي ڇڏي،
نيچ تي نيڪي کي اڇلائي ڇڏي،
۽ بديءَ جو طوق لٽڪائي ڇڏي،
گُل تہ بلبل کي نچائي گود ۾،
رس ڏيئي آئي پنور کي بود ۾.

(٦)

باغ مان ڇو خار خواري تو ڪٽي؟
پنهنجي پيارن کي ڇو هاچي تو هٽي؟
پاڻ کي جيئرن ۾ جاهل ڇو ڳٽي؟
ڇو ڏمرجي ڏاڍ ڏاڍائي سکي؟
ڇو نہ تو گُل کان نماڻائي سکي؟

(٧)

رنگ جت آهي چڱائي جو چڙهيل،
جو سبق آهي صداقت جو پڙهيل،
تنهن جو جامو آهہ موتين سان مڙهيل،
ماڪ تي گُل تي اچي اوتي شراب،
شوم دل ڪنڊو سڙي ٿئي تو ڪباب.

(٨)

هاءِ نيڻن ۾ نہ دورا تا ڇپن،
هر جڳہ بدڪار بڇڙا تا بڇن،
جن کي جيئڻو آهہ سي وهلو وڇن،
تارين ۾ ناهہ ڪنڊن جي ڪمي،
پر بڇن مشڪل تا گُل تن تي جمي.

(٩)

هاءِ سورج باهہ ڌرتيءَ تي ڌري،
۽ سيارو برف جون جهوليون پري،

پڻ سرءُ هر جنس کي ڪاهل ڪري،
پر نه ڪو ڪنڊي کي لوڏو لهر آهه،
هاءِ هي معصوم گُل تي قهر آهه.

(١٠)

هو ته ڏس، گل تو خوشي سان ڳاٽ ڏئي!
ڪيئن مٿان بيوس پنهنجو ولرات ڏئي،
هنيانءَ بلبل جو ڦٽيو ٽو ڦاٽ ڏئي،
هونءَ ته ڪنڊو ٽا چون گل جو بچاءُ،
پر هتي صياد سان ٽئي هم صلاح!

(١١)

هاءِ وئي جولان ۾ مڪڙي جلي!
جا نه ڦلواڙي اندر ڦولي ڦلي،
اڄ اڇي اڄ ٽي وڃي هيٺي هلي،
هاءِ ڪنڊن لئه سڄو سامان آهه!
گل فقط هت چار دم مهمان آهه.

(١٢)

آهه گلشن ۾ نه گل جو آستان،
سخت هي نالو بڻايو باغبان،
آهه هت گل جو بم ڪو نالو نشان؟
عمر پر ڪنڊن جو هت وهنوار آهه،
جن جو گلشن مان وڃڻ دشوار آهه.

(١٣)

هاءِ ”فاني“ گل ويا ڪنڊا چڙي،
بلبلين جي برهه سان گوندر گڏي،
اڄ بہ ارمانيو پنهور سڪ مان سڏي،
۽ اساڻيل پنکڙيون پٽ تي ڏسي،
رهگذر جون ٽيون پون پنڙيون پسي.

# مسدس

## او شاهہ!

ڪٿي نيڻ موڻ مان موڻ ڏي نهاري،
هٽي تير طعنن جا ڇڏ ڏيل ڏاري،

وطن ڪان سگهيا جي سگهو ساهہ واري،
جڏو جيءَ جياري آيا ملڪ ماري.

پچارن ۾ بس شاهہ! هئا سڙس ماهر،
تي طالب ۽ سڏڙيا پيا صاف ظاهر.

گواهي تواريخ ڏيندي اسان جي،
پشيمان اولاد ٿيندي اسان جي،

جڏهن شاهہ! هيءَ ياد ايندي اسان جي،
لڇا سيسرائيون پرينديي اسان جي.

جڏهن ريت-گهر پار ڊاهڻ نہ ڏيندا،
تڏهن شرم ڪان نيڻ نالا نہ ٿيندا.

تون هڪ مارئيءَ کي امر آ بڻايو،
لڪين ماريّن هت وطن ڪيئن وڃايو،

ڇنيسر کي ليلان جي لالچ رنجايو،
متس طوق لعنت ملامت جو آيو.

پنهونءَ کي ويهاري جي سسئي پڄي ها،
قلم تنهنجو ڪامل! تڏهن ڪيئن ڪڄي ها.

قلم کڻ وري شاهہ کو عالماڻو،
روئي جئن هتي هاڻ مومل لئي راڻو،

جهڳو جئن پوي کو اجهن لئي اباڻو،
لڳي شال ڪؤڙو تي ڪرهي کي لاڻو.

وطن منهنجو ميهار سهڻي وري مان،
اچان سير مان تار تهڙي تري مان.

ذري پنهنجي حب الوطن مان عطا ڪر،
اسان جي زماني ۾ ظاهر خطا ڪر،

مگر منهنجي مجبورين کان پڇا ڪر،
سزا وار آهيان نہ قائم سزا ڪر،

ڇڏيم تنهنجو دَرَّ پر، نہ دامن ڇڏيو مان،
لڏي تنهنجو گهر پاڻ سان هت اڏيو مان.

اسان سان سچ تون سدا ساڻ آهين،
اسان لئي سو موتين جو مهراڻ آهين،

اسان جي سپيتا جو اهڃاڻ آهين،
ڪلامن ۽ ڪافين جو تون ماڻ آهين.

ڇڏي پٽ درازن کي بيشڪ برو ٿيس،
مگر تنهنجي پيغام جو گهنگهرو ٿيس.

جدائيءَ ۾ جاني جدا ڪين گهاريان،
سنياريندي تو کي وطن کي ٿو ساريان،

رسالي مان رس ٿو پيئان ۽ پياريان،
سنياري صبح شام کي ٿو رئاريان.

اچان ٿار آيو نہ ”فاني“ ڦٽن ۾،
سکي ساهہ ٿي شاهہ! پنهنجي پکن ۾.

—

# او منهنجا وطن

۱- او منهنجا وطن دلدار وطن!
کيا کيڏا ڀلائڻ جا مون جتن،
لڳي لنءَ لنءَ ۾ آهي اهڙي لڳن،
ڀُل کان نه ڀُلن اهي پاڻ پون،
ڪوشش مون ڪئي ويرٽ سا وئي،
ڳاريندي رهي ڪرمن جي ڪئي.

۲- هت ڏاڍو ڏکايو آهه ڏکن،
سُک ياد ڪري اڏما ٿا اڻن،
ڳڻ ياد ڪري ڳالهيون نه ڪٽن،
پل پل ٿا دلاسا دل کان پڇن،
گهر ۾ ڇو رهي ڏاريو ٿي گهمين،
خوش رهه ڇو غمن ۾ ماريو ٿي گهمين؟

۳- مشڪل ٿي پيو واپس آ ورڻ،
مشڪل ٿي پيو ڳُٽين ۾ ڳرڻ،
چاهي ٿو هرڻ واريءَ ڏي ورڻ،
سمجهي ٿو سٺو اڄ رڄ ۾ مرڻ،
منسار جو تنگ خيال سڏي،
دل قرب جو تنهن کي ڪمال سڏي.

۴- اها جهانگين جي جهونگار ڪٿي،
اهي چنگ گهڙا يڪتار ڪٿي،
اهي ڪوهه ڪٿي اهي نار ڪٿي،
اها باغن جي آ بهار ڪٿي؟
اهي ڪير ونگا گدرن جون وليون،
اهي واڙ ڀلا ڇانهن جون ڇليون.

٦- سمجهان ٿو مگر موٽڻ آ محال،
موٽان به اڳيون ڪيئن ايندو ڪمال،

ظاهر ٿـو ڏسان هٽ پنهنجو زوال،
پـل خلق سڏي اهي خـام خيال،
توڙي ننگي-پير جي نڪري پوان،
هوندا اونڌا ڀاڳ، ٿي پوندا سنوان.

٧- ٻيوس ٿـي ڇڏيم تـوکي يار وطن،
ڇڏي سونهن ڪيئه سينگار وطن،
ياريءَ جـا ڏنا مون نه پار وطن،
گلـزار مـان ٿـي پئين خار وطن،
پلا خار ٿي پئين مون کي ڇو جهليئه،
ڇو ٿي پلئه جهلي پڪڙي نه پليئه؟

٨- هٽ جـان جـدائـيءَ ۾ ٿو ڏيان،
هڪ آس تي مان جيڪر ٿو جيان،
شـل توڏي اچـي ٿانئيڪو ٿيان،
هـر شخص ڇڏيا هٽ هاري هيان،
لاهي هانءَ جدائي ۾ جانيون جهري،
پيون پونءِ سان پاڪر پائي پري.

٩- هٽ پنهنجن پلين جا خال ته ڏس،
اهي سيٺ سگها ڪنگال ته ڏس،
گوندر ۾ گتل هـٽ لال ته ڏس،
ظالم هي زماني جي چال ته ڏس،
هـٽ هـونـد وارا حـيـران ٿيا،
ڏنـوان ولـهـا ويـران ٿيا.

١٠- پڄي جن آ پڄايو مون کي وطن!
ڇڏي جن آ ڇڏايو مون کي وطن!
لڏي جن آ لڏايـو مون کي وطن!
جـن روهه رلايـو مون کي وطن،
”فاني“ سي ڏسان دردن ۾ دکي،
سالن ۾ ٿين ساعـت نـه سـکي.

—

# قوم جي هيٺي حالت

( ١ )

اٿ قوم نمائي ٿي سنڌ واٽ نهاري،
چوڻيءَ تي چڙهي تنهنجي شڪايت تي پڪاري،
غفلت کان سنڌ رنج ۽ حسرت ۾ گذاري،
خود رنج ڪي ٿو رنج سندس خون رئاري،
مدت کان ٻڌي آهي تو ڪشڻ جي کهائي،
پر قوم سندو فرض سگهين ڪين مڃائي.

( ٢ )

اڪين سان زماني جي تون رفتار ڏسين ٿو،
هر ملڪ جي هر قوم کي بيدار ڏسين ٿو،
ڇا پنهنجي تباهي جا نه آثار ڏسين ٿو؟
گلزار بجاءِ باغ خزان خار ڏسين ٿو،
محبوب وطن جي اها رونق نه رهي آهه،
خورشيد بلندي تان ويو مغرب ڏي لهي آهه.

( ٣ )

جانباز جوانمرد جوانن جي نشاني،
توکي ٿي سڏي سوز مان سنڌوءَ جي رواني،
صدين کان ٻڌءِ پاڪ پرانن جي زباني،
آئي نه مگر تنهنجي ڇو جنبش ۾ جواني،
ناپاڪ رڳن ۾ سا حرارت نه رهي آهه،
ذلت کان بزرگن جي ڪا عظمت نه رهي آهه.

( ۴ )

گهر ۾ ئـي اگر آگ حسد جـي نـہ ٻري ها،
هيئن پنهنجي هٿان قوم جي قسمت نـہ ڪري ها،
هـرگـز نـہ ڪـهـي ڳاهجي ڳٽين ۾ ڳري ها،
آڪاس منجهان برق ڪو ڪڙڪو نہ ڪري ها،
ڏارين جي اشـارن تي تو پنهنجن سان وڇوڙيو،
تـوڪـي آ نـفـاقـن ئي نـپـوڙيـو ۽ نهوڙيو.

( ۵ )

گرداب مان ڪشتيءَ کي لنگهائڻ جو سمو آهہ،
تـلـوار تـلـي سـر نـہ جهڪائڻ جو سمو آهہ،
تدبير مـان بـگـڙي کـي ٺاهڻ جو سمو آهہ،
هـيءَ آگ ايـامـن جي اجهائڻ جو سمو آهہ،
سمجهاءِ سـنـدءِ صـبـر جـي دنيا کي پرولي،
دنـيـا تـي ڪري تنهنجي قناعـت تـي ٺٺولي.

( ٦ )

پر ڪنهن انهي افسوس ۽ رودن مان وڻيو آهہ،
آهـن ۽ پڪارن مـان ڪوگوندر نہ گهٽيو آهہ،
’هيءَ هيءَ‘ مان سنڌءِ ڏنڌ وطن تان نہ هٽيو آهہ،
تـو پـاڻ بدنصيبي جـو بـنـيـاد پٽيو آهہ،
مالڪ تـي تـون محتاج هـٿـن ڏي ٿو نهارين!
ليڪن تـون غـلامـي ڪان غمن ۾ ٿو گذارين.

( ۷ )

ڇـونـدو ٿو رهـيـن منهنجي وڏن جي آ وڏائي،
تـو وٽ بـہ رهـي ڪا عـمـلـن جي صفائي؟
ڪهڙي تو ڪريل حـال تي حڪمت آ هلائي؟
هنريت بـزرگـن جي تـي ويـتـر ٿي ڪچائي،
مـاضـيءَ کـي مصيبت ۾ فـقـط ياد ڪرين ٿو،
ڪا حـال اڳـيـان حـال جي فرياد ڪرين ٿو.

( ٨ )

جنهن قوم تي غالب آ جهالت جي انڌاري،
تنهن پنهنجي سڄي زندگي ذلت ۾ گذاري،
لڱڪي جا ستان ظلم جي گردن تي ڪٽاري،
تنهن کان نہ ڪڏهن قلب آ قالب ۾ قراري،
مشڪل سا مگر قوم کي مجبور ڪري ٿي،
جا پاڻ ستم پاڻ تي منظور ڪري ٿي.

( ٩ )

هڪڙي نہ هتي آهہ غلامن جي غلامي،
ٻنڌن کان ٿي پنهنجن ۽ پراون جي غلامي،
پنگت جي ٿي رسمن ۽ رواجن جي غلامي،
گذران جي چنتا ۽ گذارن جي غلامي،
افسوس غلامن کان غلامي ٿي پشيمان،
قيديءَ کان وڌڪ ٿي پيو زندان پريشان.

( ١٠ )

ڇو درد پريو تنهنجو غلاميءَ جو گذر ناهہ؟
ڇا قوم جي قسمت تي قيامت جو قهر ناهہ؟
يا تنهنجو وطن ناهہ يا آهن ۾ اثر ناهہ،
پٿر جو جگر آهہ هي انسان جو جگر ناهہ،
’فاني‘ نہ سگهين پنهنجو جڏو جيءَ جياري،
تان سمجهہ وطن مان وئين جيئري گذاري.

—

## ماتري پريم

آڪاس جـي بغل ۾ انـڌيـري رات آئي،
سر تي حجاب ڪان جنهن چادر ڇُري وڇائي،
تـارن سندي قـطارن جهرمـر عجيب لائي،
وڇڙيل دليون سدائي ڪن ياد هيءَ سهائي.
پونـگي پکيل ۾ آيو تنهن ويل پريمي جوڙو،
مٺين سان جنهن اڏايـو وهلور ٽـي وڇوڙو.

پاڪر ۾ جهلي پرکي چيو پـريم پوچاري:
جڳ ۾ نه ٻي ڪا پايان مٺ تنهنجي مشڪباري،
اکڙين سان گل اناري منهنجي تو دل ڏتاري،
توريءَ نه ڪا ٿي ساعت راحت ۾ مون گذاري.
من منهنجي جي تون ڪايا آهين ڪرم جي تون ڇايا،
پنهنجي پرين ڪان ڇو تون هتڙن ۾ ڳل لڪايا؟

جوين جي، روپونتي، هئي مست ميئي خماري،
چيو ناز جي نپايل:–”ڏج پريم پرک پاري“
مون ڪي جي پنهنجي ساجن! سمجهين ٿو ’پران پياري‘
دل ماءُ جي ڪڍي آڇ ٻي غم ڪڍي ڪٽاري.
تون پنهنجي دل نه مون ڪي ارپي ڇڏي سخي دل!
پر سرس پيٽ پايان هيءَ، ”تنهنجي دل مقابل.“

ٻـڌ نـڌ يئي ٻول گهر ڏي سڌ ٻڌ وڃائي ڊ وڙيو،
ماتا جي، انڌي عاشق، سيني ۾ ڪان ڪوڙيو،
تاڪين مان ڪڍي دل جيئن ڊوڙڻ لئہ هو پتوڙيو،
دل ـ هؤل ڪيس ڪيريو، انڌ جي نشي ڪي ٽوڙيو.
ڏسند يئي تـڙڦـي ”فاني“ ماتا جي دل ڪِالهايو!
”ٻچڙا! ٻڌاء تہ توکي ڏاڍ و تہ ڌڪ نہ آيو؟“

# دکي دنيا

ڪوئي روزيءَ جي فڪر ۾ ٿي دربدر ٿو رلي،
ڪنهين نصيب جي ماريي جو سدا نيڻ ڇلي،
ڪنهين جي انگ اگهاڙي تي تتو جهولو گهلي،
ڪنهين جي دانهن تي تقدير جو نه درڙو کلي.
هرجگهه هرطرف سورن جو مون سامان ڏٺو،
دکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٢ )

توڙي زر مال ۾ تمتار دنيادار رهي،
تہ ٻي قارون جي خزاني لئہ بيقرار رهي،
ڪافي ڪلدار سان گڏ هرس جو آزار رهي،
پريي ساگر کي ٿو قطره جو انتظار رهي!
مون اپرندي الهندي کي آ يڪسان ڏٺو،
دکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٣ )

اوچتي موت کان دک درد جي نوبت آئي،
زال وڌوا ٿي ۽ ٻچڙن تي مصيبت آئي،
ڪنهن کي اولاد ملي، زال تي آفت آئي،
هوريان هوريان چڙهي راحت مٿان مسرت آئي.
چاڪ جيجل جو مون ڪٽ غم ۾ گريبان ڏٺو،
دکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٤ )

ڪو چوي ٿو مون کي اولاد ملي ڇا ٿي پيو!
ڇايو نينگر آ نہ ڪڙو، جنهن کان گهر صفا ٿي پيو،
پاڳ پانيم ٿي پلو جنهن کي، سو سزا ٿي پيو،
کهڙو آرام تي رنج ۽ الم روا ٿي پيو!
بي شڪر جي مون ڦٽن لئہ نہ ڪو درمان ڏٺو،
دکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

## جيوت جو دم

(۱)

عدم کان ٿيو آدم جو هت آستان،
جڏي آيو فاني لئه باقي جهان،
۽ ڌرتي لئه آيو جڏي آسمان،
ڏيڻ مان نہ، نڪرڻ جو ڪيائين ڏيان.
سکين پيچرن مان ويو پنڌ نبرندو،
ائين ٿي ويو جيوت جو دم گذرندو.

(۲)

جڏهن هن دنيا ۾ ٿيو ٻالڪ جنم،
جميل آهه نازڪ اندر رت گرم،
رهي گم نہ گوندر سندي عرض غم،
رهي صاف دل ۽ آ هردو نرم.
سدا سج خوشيءَ جو رهي آيرندو،
ائين ٿي ويو جيوت جو دم گذرندو.

(۳)

جڏهن آيو جوڀن جو مخمور پُور،
ٿين هڪ سلي مان ٿا پيدا انگور،
نہ آ قلب قابو نہ شامل شعُور،
تپي ٿو محبت جو تن ۾ تنُور.
رهي پرديم ۾ تن سدا ترڙقندو،
ائين ٿي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ۴ )

سپاهي تي سُوره سخون کائيندو،
لگن کي لَهُو تيل جيان لائيندو،
غشي ۾ به هٿ کين هارائيندو،
اجل بوند پاڻي کي ترسائيندو.
رهي هار يا جيت ۾ مرڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ۵ )

جواني ۾ انسان جي تيو سجان،
وڏي تنهنجي طاقت وڏي شان مان،
سدس رهندو دنيا ۾ نالو نشان،
مگر ناهه نيڪي کي دائم مڪان.
پر تي ڏينهن هيءَ چندرما چمڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٦ )

زمانو ڪندو جوان کي پيرسن،
نه سا سرت رهندي نه سالم ذهن،
۽ ڪوهيل رتن جو آ موتُر ڪٽن،
رهي ڪال ڪان ٿرڪندو تن بدن.
هن آفت ڪان ڇاتي ۾ من ڇرڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٧ )

پيدايش جي سر تي ڏسي آپدا،
لڳي جيئن سفر تي هلڻ جي هوا،

وٽي دؤر خوراڪ پوشاڪ جا،
اڄهو موت جي ڪڙڪي ڪاري بلا.
ڏلائي ڪان وينڌو ڏيڙ ڏرڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

(٨)

لڙائي ۾ جيوت ڪي جيتيو قضا،
تڏهن زندگي جا ڪلا ٿيا ڏلا،
دوا ۽ دعا مان ملي ڪين شفا؟
اکيان ڪال جي ڇانئي ڪاري گهٽا.
روئيندي ولر ڪان پکي وڇڙندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

—

# جيوت ۽ موت

( ١ )

دنيا کي عذابن جو آستان ڇو چون ٿا؟
وستي کي بيابان ۽ ويران ڇو چون ٿا؟
هلڪي هوا کي هيسجي طوفان ڇو چون ٿا؟
جيوت گران موت کي ارزان ڇو چون ٿا؟
ليڪن جهان ۾ خوب آ خوشين جو خزانو،
فڪرات رنج غم آ بهانو ۽ فسانو.

( ٢ )

آئي پلا جي وار سان گلزار منجهه خزان،
چئجي ڇو: "جيئن پن ڏکن، ڇڻن ٿا ڏار سان،
ساوا سکي ڪريا ۽ جدا ٿيا شجار کان،
دنيا ۾ تئين آهه هي انسان لامڪان"؟
يڪسان هجي گرچ هي دنيا جو ڪاروبار،
مشڪل تي هلڻ آ مزو هرشي ۾ ڏار ڏار.

( ٣ )

اندلٺ جي آسمان ۾ تي جنهن وقت جهڪائي،
نچندي ڪسي يا وهڪ تڪي سان نظر آئي،
گهنڊٽي عجب! گهڙيال وقت سر جي وڄائي،
ڇو چئون: "عمر هن ريت وڃي وهندي اجائي؟"
اونده جي گهڙي لئه ڇو سهائي کي وساريون؟
ناحق ڇو وندرگاهه ۾ گوندر ۾ گذاريون؟

( ٤ )

زاهد ٿو جڏهن جهد جفائون ۽ جپ ڪري،
سورهيه جي اندر جنگ جو پارڻ به پيو پري،
چو ڪين اچي خيال موت جو ذري ذري؟
مقصد ٿو پڄي وهم انهيءَ ڪان پري پري.
ڇاڙون ٿا ڇڏي ويندا سون ڪنهن وقت هي جهان،
پر اگ مرڻ ڪان چو رهون غمگين ۽ پريشان.

( ٥ )

بيٺو جو ڪلاب برج آ درياهه ڪناري،
هيٺان جنهنجي نانگ اگر چال پيو ماري،
هاري همت فقط ڏسون نيڻن سان نهاري!
ڊ چندي بلا ڪان چو ڇڏيون ميوي کي وساري؟
هي زندگي آ امر تي درخت مثل، مگر،
مورک جي نظر زهر ۾ ڪپي ٿي سراسر.

( ٦ )

گهر ۾ جا بتي ڪاڄ هوا جي تي ٻري ٿي،
نت سوجهري سان جاءِ سموري کي پري ٿي،
جهوٽي هوا ڪان پار وسامڻ جا ڪري ٿي،
ڪنهن ڪان به گهڙي موت جي ڪنهن پر نه ٽري ٿي.
همت سان هوا جي خوف ڪان ٻرندي چو وسايون؟
جيوت جي جوت موت ڪان ڇا لئه ٿا ٻجهايون؟

( ٧ )

توکي نه ڪمي آهي ڪا ويسن ۽ وڳن جي،
ڇولي ٿي مگر ياد اچي توکي ڪفن جي!
خلعت تو ڏکي آهه ڇو وهمن ۽ خفن جي؟
ڳٽي چو ڪجي پينگهه ۾ اوڏن ۽ لمن جي؟
ڪڪرن ۾ لڪل شمس کي ڏس تون نظر ڪري،
اوندهه جو تڏهن پردو ٿي 'فاني' پري پري.

# توکي ڇا چوان؟

( ۱ )

ڏسان تــوکــي نہ تو ساري جڳت ۾،
ڇــون هستــي تنهنجي ساري امت ۾،
ســچــو سنسار آ ســڪــٽــي صفت ۾.
نہ تو ۾ خود پسائڻ جــي ڪا هستي!
رکيو ڇــا بــاقــي آ تو بي همت ۾؟
توکي ڪانئر چوان يــا بهادر چوان؟

( ۲ )

جڏهن پاپن جــو بدلو پاپ ڏئين ٿو،
نہ ڪنهن سان ڪا، رياداري رکين ٿو،
ڪئي جو ڦل اگيان سڀ جي ڌرين ٿو.
تڏهن تــوکــي چئون ڇــا لئہ ديالو؟
جو اپرادي ڏي تون مائل نہ ٿئين ٿو،
توکي عدلي چوان يا مان فضلي چوان؟

( ۳ )

وٺــي توکي بہ پنهنجي ســاک استت،
رهي اسستت ڪندڙ تي تنهنجي رحمت،
نہ سمري توکي، تنهن سان تنهنجي ڪلفت،
جڏهن تنهنجي خوشامد بــنــد ٿيندي.
تڏهن رهندي تنهنجي ڪهڙي طبيعت؟
توکي پيدي چوان يــا اپيدي چوان؟

( ۴ )

ننڊڙ آڪاس ڏي اکڙيون کڻي تو،
ڏکر روڻيءَ جي لئہ هٿڙا هڻي تو،
توکي شايد سنڌس رودن وڻي تو.
جي تون گنج بخش آهين روزي رازق!
تہ ڇو تنهنجي نہ گهٽين جي گهٽي تو؟
توکي تنگدل چوان يا سخي دل چوان؟

( ۵ )

اڄهو وڏوا تي دل ڏاري پڪاري!
هنجون هيءَ هيءَ ڪيو بيوه ڪيئن نہ هاري؟
ڪسيو تنهن ڪان ڪسم ڪهڙي هچاري؟
اها سچ پچ جي تنهنجي آهي حرڪت.
ڇڏيندي توکي آهسن سان اڏاري!
توکي ظالم چوان يا مان راحم چوان؟

( ٦ )

جي هرڪو پاڻ تو قسمت کي ٺاهي،
خود ئي تقدير کي ٺاهي ۽ ڍاهي،
مرڻ جيئڻ دمن ڪرمن تي آهي.
تہ باقي تنهنجو ڪهڙو آهي ڪرتب؟
تنهنجو پيرو هتي آهي يا ناهي؟
توکي حاضر چوان، غير حاضر چوان؟

( ۷ )

اسان تي تون اگر آهين نگهبان،
تہ پاپن کان بچائين ڇو نہ نادان؟
نہ ڪاسائي، نہ بڪريءَ تي مهربان،
بتائين ڇو نہ راهہ ٿا ٻئي کان اڳ ۾؟
جو پوءِ پڻ ڪين ٿئي پاپي پشيمان!
توکي سياڻو چوان يا اياڻو چوان؟

( ٨ )

ٻڌايو آهه تو ڪنهن شيءِ کي ڪامل؟
ڪيو تو نقص آ هر شيءِ سان شامل،
جو پورن شيءِ نه جوڙي ڪيئن سو ڪامل؟
مرگهه ۽ چنڊ جي سو پيا بي آرام،
سڪي جاهل، پڻي عالم ۽ عامل!
تو کي پورن چوان يا اپورن چوان؟

( ٩ )

بهاريءَ جا ٻه ٽي ڏينهن عيش وارا،
پون پيا ڏينهن مڙيئي گرميون ۽ پارا،
پتا آهين ته ڪر تون لال پيارا.
سڪن جي هڪ گهڙي، ڏک چو وڌائين؟
جي تنهنجي ڏور ۾ سورج ستارا،
تو کي دويشي چوان يا هتيشي چوان؟

(١٠)

چون: "سنسار سارو آهي "فاني"
نه رهندي ڪنهنجي پر لئه ۾ نشاني"،
ته باقي تون ڪندين ڪٿ حڪمراني؟
اسان وياسين ته تنهنجي صاحبي پڻ،
عدم جي راهه ڏي ٿيندي رواني،
تو کي "فاني" چوان، غير فاني چوان؟

# تنهنجي ڳولا!

ڏسان ٿو سرشٽي جو ساز سارو،
پسان ٿو جڳ جو سچو پسارو،
جتي تنهنجو نالو جيءَ جيارو،
ٻڌان ٿو سڀ جو آهين سهارو.
مگر ڏٺم توکي ڪين دلبر!
ديوانو ٿو لئه ڦران دربدر.

( ٢ )

ڪٿي مان تنهنجو نشان ڳوليان؟
ڪٿي تنهنجو آستان ڳوليان؟
آجلن ٿي ٻئي جهان ڳوليان،
پيو ڪهڙو مخفي مڪان ڳوليان؟
مليو نه ڏس تنهنجو بستي بر ۾،
لڪو تون ڪٿ آهين ڪهڙي گهر ۾؟

( ٣ )

ڏٺم هزارين ٿي گل چمن ۾،
اٽڪت تارا ڏٺم گگن ۾،
لنگهي مان ساڌن جي ويس صحن ۾،
سون توکي ڳوليو رشي پون ۾.
مگر اڪارت ويو سڀ ڪشالو،
نه ڪوئي اوندهه ۾ ڏٺيو اجالو.

( ٤ )

مون ڳوليا محلات شاهوڪاري،
جو سيٺ سمجهيم ٿي توکي ياري،
وڃائي وئرت مون ڪوچ ساري،
ڏري ٿي اکين تان انڌڪاري.
مون ڳوليو ناحق ٿي ڪنجم ٻن ۾،
ملئين تون ڏينن جي جهوپڙين ۾!

( ٥ )

مون مفت مندر ۾ ڊونڊيو ڊوليا!
پوڄن ۽ سنگيت گهر تي ٿوليا،
ٽڪاٽا، ديول ۽ ٿان ڳوليا،
تو لئہ مقدس ڪتاب کوليا.
مگر تون درديءَ جي آهہ ۾ٽجي،
سڏيو نمائي نگاهہ ۾ٽجي!

( ٦ )

مون سور بيرن جون ڳوليون جايون،
پڇايون مون پيم جون چتايون،
مون ڳوليون سهراب جون سرايون،
پڇائون بجرنگ جون ٿيون اجايون.
مگر تون چمڪئين سڪن هڏن ۾!
تون گانڌي جي هئين نپل بدن ۾!

( ٧ )

مون توکي شهزور سمجهيو سائين!
جو شاهہ شاهن جو تون سڏائين،
تون حاڪمن تي حڪم هلائين،
دنيا جو چرخو عجب چلائين.
مگر تون محتاج ۾ٽجي گهر گهر،
تون سيٺ سپ جو، ۾نين چو دردر؟

( ٨ )

ڏٺيون مون سهسين سهاڳ واريون،
سڄاڻ ناريون سهاڳ واريون،
گهٽيئي ميندي مساڳ واريون،
ڪي چتر چٽ چور، چاڳ واريون.
مگر تون وڌوا جا لڙڪ ۾ٽجي،
چو تنهنجي چپرن مان نڪتين چٽجي؟

( ٩ )

رکيم گهٽي عارفن سان الفت،
وٽي ٿي سياڻن جي مون کي صحبت،
مگر اياڻن تي تنهنجي رحمت!
نه جن ۾ طاقت، نه جن ۾ لياقت.
وسين تون موکن جي مجلسن ۾!
هسين تون موڙهن جي محفلن ۾!

( ١٠ )

تو لاءِ شيرن جي غار ڳوليم،
ٻيا نهر هاٿي هزار ڳوليم،
گهٽيءَ ٻي چرندن جا چار ڳوليم،
پڇي، پرندن جا پار ڳوليم.
پرين! تون ليکن ٿي پير واهي،
کيئه ٿي کولي سان سربراهي!

( ١١ )

گهمايا تيرٿ ٿي تات تنهنجي،
اصل کان وائي هئي وات تنهنجي،
لڳي ٿي لونءَ لونءَ ۾ لات تنهنجي،
سچو! سڃاتم نه ذات تنهنجي.
سون پاڙ کي کين ٿي پسايو،
پنن تي پاڻي وڌم اجايو.

( ١٢ )

مون کي کيو دنيا جي شور ششدر،
مگر تون محرم! ٿئين منهنجو رهبر،
ٿيو دل ۾ پرڪاش تنهنجو دلبر،
اندر ۾ ظاهر ٿيو نور انور.
کلي جڏهن منهنجي گيان جي اک،
ٿي بند ”فاني“ گمان جي اک.

---

# سورج

[خيال جي اڏند ڪڻواڻيءَ تي آسمان جو سير]

( ١ )

منهنجي دنيا جو نرالو آهه نالو ڪاروبار،
عرش تي منهنجو منارو آ اڪيلي سر اپار،
منهنجي جلوي جو سڄي جڳسار ۾ آ چمتڪار،
مون کي ڪنهنجو فڪر ڪونهي ۽ نه ڪنهنجو انتظار.
منهنجي بستي منهنجي هستي منهنجي مستي بي مثال،
منهنجي رتبي مان ئي روشن آهه قدرت جو ڪمال.

( ٢ )

ڪونه ڄاڻي ڪو منهنجي ابتدا يا انتها،
آءٌ اول آخر جي آهيان بند ڪان آجو سدا،
منهنجي غنچي ۾ لڳي ٿي هير هردم بابقا،
منهنجي هستي غير فاني حسن منهنجو لافنا.
منهنجي دم سان سبز ٿيو خود آهه گلشن فرش جو،
دور ديسي، گرچ، رهواسي مان آهيان عرش جو.

( ٣ )

منهنجي ڀيهڪ ۽ بلندي جو نه آ ڪاٿو شمار،
آءٌ مگر آرام جو هرگز نه آهيان طلبگار،
ڪار پنهنجي کان ڪڏهن مون کي نه ٿيو آهي ڪو عار،
پر دنيا وارا هتن جي هاج کان ڪن ٿو ڪنار.
هاج پنهنجي ۾ محو هر چيز قدرت جي رهي،
زير بالا چونه مقصد خودبخود لوچي لهي.

## ڪوئيٽا جو قهري زلزلو

(١)

ڪريان ڪهڙو ارمان جو داستان؟
ڪٿي جنهن ڪان ٿر ٿر ٿو سارو جهان،
انهيءَ درد ڪان ٽنگ ٿيا منجهه زبان،
ڏهي ڪين نيشن جو دل تان نشان.
ٻڌي حال دردين جي حسرت سندو،
رهي ٿو ڪليجو سدا ٿڙڪندو.

(٢)

غضب هاءِ ڪهڙو ٿيو ڪوئيٽا اندر!
گهڙي ڪن ۾ شمشان ٿي ويو شهر،
ڪيو هاءِ قدرت تو ڪهڙو قهر؟
ستو سور جن ناگها سربسر.
او بي رحم! تو ڪونه ڪو قياس ڪيو،
تو لحظي ۾ شاهي نگر ناس ڪيو!

(٣)

جڏهن هاءِ بنگلا ڪريا بي خبر!
ٿيو آهن ۽ دانهن جو برپا حشر،
انڌيري ۾ آيو نه ٿي ڪو نظر،
پٽين جي نهي ڪين ڪفن ري قبر!
چچرجي ۽ چيپاٽجي ٻال ويا،
ڇڏي گود ٻي گود ۾ لال ويا.

(٤)

اجڙ تي ويا عاءُ غريبن جا گهر،
رلن راهه ۾ دادلا دربدر،
گهٽين ۾ گهمن ٿا نماڻا نڌر،
روئن ڪوڙها رت جا سي شام و سحر.
رهن روڄ راڙي ۽ ورلاپ ۾،
گذارن ٿا سڙورن ۽ سنتاپ ۾.

(٥)

وڃائي ويچارا آيا جان مال،
بکن ۽ ڏکن کان ٿيا بڇڙا بيحال،
عزيزن جو اڪثين ڏسي انت ڪال،
بچڻ پڻ انهن جو ٿيو آهي محال.
وڇوڙي ۾ تن جو اندر ويو ڪري،
هو جيئري ئي مڙدن مثل ويا مري.

(٦)

ڏکي توتي ڀوڪمپ! ٿو آسمان،
ستارا به توتي ٿيا ڪمپائمان،
لڪين تو ڪهايا ڪيئي بي زبان،
سرشٽي! تون سڏجين ٿي ماتا سمان.
سگر تو بچن سان ڪيو ڪهڙو اندير!
ڳجهن کان پٽايو تو ڊونڊن جو ڏير!

(٧)

دلاسو ڏيندو دردمندن کي ڪير؟
ڏيندو پيار ابهم يتيمن کي ڪير؟
لڳائيندو سيني اڏينن کي ڪير؟
ڏيندو ڏڍ ڏکين ۽ غريبن کي ڪير؟
ڏيندو ڪير دلڌير دلگير کي،
روئي ٿو جو هيءَ هيءَ ڪيو تقدير کي!

(٨)

اجها هت ٻجهي ٿــي هــي وڏوا جي آه!
نماڻين اکين مــان ڪڍيو جنهن درياه،
نــهــاري پٽي جــي جا شب روز راه،
ٿيون افسوس! جـنـهـن جون اميدون تباه.
ايـا ڳـڻ ٿي سختيون ۽ صـدمـا سهي،
جڳت ۾ هــو ڪنهن جــي سهاري رهــي؟

(٩)

توکي دل ۾ پــر لئه جي وائي وٽــي،
ولهن جي مــگــر تــو نــه قــادر گٽي،
بچايئه نــه جــن جــو ڪو وارث ڏٽــي،
اجهو خــون اکــڙيــن منجهان پيو ڇٽي!
هو سنسار ۾ ڪنهن جي تــاري تڳــن؟
رڳــو رات ڏيـنـهن جــي رئــن ۽ رڙن!

(١٠)

او پــونـچـال! رت رنــگ لائي چــڏيئه،
وجهي ڪرت ڪونڌر ڪسائي چــڏيئه،
ڇــو آبــاد بــســتــي ڦــٽــائــي چــڏيئه،
تونــگــر بــه دردر پــنــائــي چــڏيئه!
ٿي مالهي پٽيئه گــل ڇــو گلزار مــان؟
وٽيو ڇا تو قدرت! ڪڍيءَ ڪار مــان؟

(١١)

لــڳــي اج نــه ڪوئيٽا ۾ ٿــڌڙي هوا،
جــو ٿهڪن گــرم خون جــا آت تلاءَ،
جڏهن پــرتــوي پــانــد رت سان پريــا،
وسيو سوز کــان مينهن رت جــا ڳــڙا.
انهيءَ خون ٽڪرن ۾ ڪيو تــرتــلــو،
وڏو زلــزلــي چــؤطــرف ولــولــو.

(۱۲)

حياتيءَ تي ڪهڙو ڪجي اعتبار؟
مگر اوچتو هيئن نہ ڪڙڪي ٿهار،
صدين جون اميدون ٿيون شر جو شڪار،
اجل اوچتي ڪان ٿيو غم جو غبار۔
حقيقت ۾ انسان مهمان آهہ،
اي ”فاني“! ٻيو تنهنجو غلط ڌيان آهہ۔

# ناري

قدرت ٽي سگهي ڪين ڪٿي پاڻ لڪائي،
صورت ۾ سگهي ڪين امنگن کي سمائي،
پنهنجو ئي فقط پاڻ کي ڪيئن پاڻ پسائي،
ناريءَ جو ڏکي ويس لٽي ڀيڪ ٻڌائي.
پرلئه ٽي ڦريو پرش ڀم اوندهه ۾ اڪيلو،
شردا سان ٽيس شانت ۽ ايڪانت ۾ ميلو.

جرڪڻ لڳي جذبن جي ڪرامت ڪان ڪائنات،
ناري ۽ پرش جي ملي سنسار کي سوغات،
گلشن ۾ اچي گل جي ٿي بلبل سان ملاقات،
هڪار پري پرهه جي پراڻن ۾ ٿي پرڀات.
پر زور پرش شڪتي سان ناريءَ جو مليو نينهن،
بادل سان ملي ٻجلي محبت جو وسيو مينهن.

ڪا گهرج گلستان کي هئي بادِ صبا جي،
ڪا حسن کي حاجت هئي هڪار حيا جي،
هئي پيار جي سنسار کي درڪار وفا جي،
جاڳي ڪا ڪشش موهه ۾ ممتا ۽ ميا جي.
نيرس حياتي نار ٻڌائي آ رس ڀري،
جوڙي ڇڏي جهان جي جيوت آ جس ڀري.

ناري آ ڪٿي لڪشمي يا سرستيءَ جو روپ،
ڪٿ ڌرم ۽ ڌيرج جو ڪٿي ڌرتيءَ جو روپ،
ڪٿ درو پتي سيتا ستي درگاوتيءَ جو روب.
چمڪن ٿا هن جي گود ۾ هيرا ۽ جواهر،
فنڪار فيلسوف علم عقل جا ماهر.

مشڪي ته هن جي مشڪ تي مشڪي ٿو گلستان،
روئي ته پڇي ٿو پوي بوندن کان بيابان،
هن جي ئي قرب تان ٿيا قربان ٿي جهان،
هر منند کي بهار بڻائي ٿي بيخزان.
صفتن ۾ هو سرشتي جو سرتاج ٿي سڏجي،
افسوس مگر مرّد جي محتاج ٿي سڏجي.

چاهي جهان ۾ هو جيئڻ ٿي نه جيئڻ لاءِ،
صدما ٿي سهي مرد سان همدرد ٿيڻ لاءِ،
امرت تجي ٿي زهر زماني جي پيڻ لاءِ،
چاٺي نه وٺڻ ڏيندي ئي رهندي آ ڏيڻ لاءِ.
خدمت کان هو محتاج نه ممتاز بڻي آهه،
ڪومل آ مگر هردي ۾ هيري جي ڪٺي آهه.

—

## ٻالڪ

چنڊ منجهان چانڊاڻ ڪٺي،
شفق منجهان لالاڻ ڪٺي،
شبنم مان آلاڻ ڪٺي،
مکڙي مان سرهاڻ ڪٺي.
قدرت جوڙيو ادڀت روپ،
سهڻو سوڀياوان سروپ.

پرڪرتي خود ٻار بڻي،
پنهنجي اک کي پاڻ وڻي،
سرڳ جو آئي خواب ڪٺي،
تارن جو هيو نور ڇٽي.
موهه ۽ ممتا جهول جهلي،
عرش تان ابهر آيو هلي.

ٻالڪ جون ٻئي مٺيون بند،
مٺين اندر سونهن سڳند،
فرض ڪٺي آيو فرزند،
آس رکن تا آسروند.
ساک سپيءَ جي موتي ٿيو،
جڳ جي جيون جوتي ٿيو.

جهيل تي ايريو ڪنول ڪڙي،
اوڳڻ پيا چو طرف چڙي،
معصوميت تي آيا سڙي،
جيوت سان پئي جنگ چڙي.
شور مچايو شوق شباب،
سامهون آيا عيب ثواب.

مکڙي پوش ڦٽي تي گل،
واس وڻڻ لئہ ٿي ويا ڪل،
ٻلبل جي لئہ شوق شغل،
پيو چمن ۾ هرهنڌ هُل.
معصوميت جي مهڪ مناس،
هڙپ ڪري ويا حرص حواس.

—

## ٻئجو ڀاڱو

( ١ )

همالیہ جبل جي ٻغل جي اندر،
هير چئن ساڌن جو ايڪانت گهر،
نہ سنسار جو سک نہ ساٿي سمر،
هر گوشي ۾ تن جو پون تي گذر.
ٻچن ڪي نہ پوچن سندي سار هئي،
سدا ڪرت ڪرتار جي ڪار هئي؛

( ٢ )

رشين چيو تہ ڪنهن ڏينهن ڪجي ڪو رٿن،
ونديون عام ۾ نام روپي رتن،
رکيو موڪش پد ناهہ يڳتي پچن،
ڪجي صاف ٻندن سندو پرشٽ من.
سفر لئہ سنياسي ٿيا ترت تيار،
هيو تن سان چوٿون شيواڌار يار.

( ٣ )

گدي - دار اڪبر شهنشاهہ هو،
دنيا جي تہ ڏنڌن ۾ داناه هو،
منجهس راڳ جو پڻ اتي چاه هو،
جو ڏيندو سريلن مٿان ساه هو.
ڪيو گهر سندس تن اندر تانسين،
گوئيو ٿيو اڪبر جي نينن جي چين.

( ۴ )

ڪلاونت ڪي راڳ تي ناز هو،
عجب هن عطائيءَ جو آواز هو،
سندس سرس سلطان سان ساز هو،
ڪٿي هٿ ڪندو شاه سان نياز هو.
ڇوي سو ڏٺي ۽ منگي سو ملي،
حڪم سان هماليه جو پربت هلي.

( ۵ )

گوئيءَ سلطنت ۾ اعلان ڪيو،
ڳلي تي ڳهيلي ٿي ايمان ڪيو،
دخل ذات-عرشي تي انسان ڪيو،
پنهنجي فوقيت مان هي فرمان ڪيو!
ته "جو سُر ڪڍي تنهنجو سر گهات ڪيو،
جو مٽ منهنجي ناهي دنيا ۾ ڪو پيو".

( ٦ )

سيلاني اچي آگره ۾ رسيا،
هري ڪيرتن ۾ تي هردم هسيا،
سندن ڪيس گوڏن مٿان تي گسيا،
سرشٽي جا تن تي نظارا پسيا.
ويا واٽ تان شبد-ورکا ڪندا،
مڙيا ميڙ چوگرد ماڻهن سندا.

( ۷ )

هئي مالڪن کي نه ڪا سڌ خبر،
ته هت راڳ وارن کي رسندو ضرور،
گوئيءَ کي ڏاڍو بڌي تيو ڏمر،
اچي ڪر منڊلين تي ڪڙڪيو قهر.
حڪم ٿيو ته ساڌو نظر-بند ڪيو،
غريبن جو غم ۾ سڪي ساه ويو.

( ٨ )

ڏسي ڏهن سالن جو معصوم ٻار،
ٿي اڪبر جي دل درد ۾ گرفتار،
چيائين تہ سهندو تڏهن ڪيئن ترار!
ڳوڙهي ڪي جاڳي ديا دل منجهار.
ڇڏي ٻار، پيا ٿي کهايا ويا،
نہ نردوش نانگن تي ٿي ڪا ديا.

( ٩ )

بچيو هاڻ باقي بچو بانورو،
سندس سرخ نيڻن منجهان رت وڙهو،
ڳوڙن لئہ پڪاري روئندو رهيو،
نڌر ڪي نہ هو پيو اجهو آسرو.
سندس دل اندر شوڪ شعلا ڪيا،
انهي سوز سياپي ٿي آنڊا وڍيا.

( ١٠ )

پري سوز سڏڪا ٿي ٻالڪ سڏيو،
پتاجي! ڇپر ۾ نہ ڇورو ڇڏيو،
ڳورو! پاڻ سان پنهنجو ڳولو ڳڏيو،
اجڙ دل، ڏيئي درس منهنجي اڏيو.
وسوڙو وڻن جي وڻي واٽ ويو،
رڙي روئي ڪنڌيا ۾ ڪونڌر ڪريو.

( ١١ )

سندس روج تي چنڊ ٿي هئين پيڙي،
اڪيلي ڏسي جهنگ ۾ جهوپڙي،
سندس داغ دل جو پيو ويتر ڪڙي،
پريشان نيڻن ۾ اوندهہ گهڙي.
ڏهوٽي تي ڏوٽي ڪان تابش تکي،
لڳي زندگي ڪيس ڪاري ڪکي.

(١٢)

اڃي ڪيئن قسمت ڪري ڪي قرار!
تي آڪاس، پاتال جي پڪار:
گورو جي! ڪيوسورن سجهيل جي سنيار،
ڪندو ڪير سنسار ساگر مان پار؟
ڏيندو ڏڍ نڌڻڪي نمائي کي ڪير؟
ٻچي پيو اوهان - در وڪائي کي ڪير؟

(١٣)

هيو درس لئـه داس دائم اداس،
وٺيو ڪين سنسار يا تي سنياس،
اکيان ۾ ڦٽيان هئي انڌيري اماس،
ٿيو غمناڪ دل چاڪ نربل نراس.
ٻڌي ڪوڪ ڪا شنڪرا نند رشي،
اچي دين بالڪ جي حالت ڏٺي.

(١٤)

رشي ڪيس هن حال تي ڏڍ ڏنو:
سدا ديو - پائي تي رهجي پنو،
ڪري ڪين ڪرتار ڪنهنجو ڪنو،
دنيا ۾ نه آهي ڪو ڇورو ڇنو.
هو سڀ جو سهائي آ سڀ جو پتا،
رکي دويش ڪنهن مان نه تو ديوتا.

(١٥)

اچي هيانءَ ويتر پڳل جو پريو،
وڏڪ بار جي دل ۾ بارڻ ٻريو،
مگر ڪين واڍوڙ جو تپ ٽريو،
پوءِ ساٿو تي ساست ۾ ڌيرج ڌريو.
رشي نام - اوڪـڌ ڏيئي ڪيس چيو:
”ٻچا! هل منهنجي گهر نه ڪر خيال پيو“.

(١٦)

ڏسيان توکي اھڙي ٿو پر ٻل وديا،
جو دشمن جو ٿي ڏڙ سي ڪان جدا،
ھي شستر آ شترو لئہ گھاتڪ صفا،
انھي لاءِ پر گھرجي جبري جفا.
ٽپسيا ھلي ڏھہ ورھيہ گھور، گھور!
مگر آھہ تو ڪان ڪنن زور، زور!

(١٧)

گروجي! ڏسيو راھہ ٿيو بي فڪر،
اچي ٿو نہ اندي ڪي پيو ڪجھہ نظر،
پٽر آھہ دل، آھہ سينو سپر،
سڄي جان ٿئي پل ٻليدان ٻر.
فقط دشت جو ڏوڙ ۾ ڏڙ رلي،
تڏھن منھنجي دل جو ڪنول گل ڪلي،

(١٨)

ڏسي جوش مشڪي چيو مھرشي:
”ملي پٽر توکي رڌي ۽ سڌي!
رشين جنھن سبب موت جي نيڪ سٽي،
اھائي تون سھجي وديا وٺ سکي.
اتيئي آس آسيس منھنجي اھا،
ٿئي سوپ شل توکي حاصل ڀچا!“

(١٩)

ستايو نہ خفتي ڪي ٻئي ڪنھن خيال،
رڳو رات ڏينھن راڳ ۾ نو نھال،
ھو ھردم بي آرام عنقا مثال،
”ڪڏھن آءٌ ڪندس ھن ڪلا ۾ ڪمال!
ستت شال پوري ٿي من جي مراد،
جنھين لئہ ٿو جھاڳيان جھد ۽ جھاد“،

(٢٠)

ويـو وقـت وهندو وٽـي پنهنجي ڏار،
زمـانـي ڏٺــا ڏه خـزان ۽ بـهــار،
ڪي آيا ويا، ڪي گهٽيا منجهه چمار،
گهٽيو ڪن جو سڪ ۽ گهٽيو ڪن جو ٻار.
مگر تانسين جـو نـه گيرب گهٽيو،
هٺيلو نـه هرگز هـچـا کـان هٽيو.

(٢١)

سڪي هـاڻ ٻالڪ ٿيو هاڻڪ هوشيار،
ٿيو گوندر مان گائڻ وديا جو پنڊار،
هو هڪ سوز سر ۾ ٻيو لَنءَ ۾ لغار،
ملــي درد دل سـان سـريلـي ستار.
ڪيو راڳ ۾ اهڙو ڪامل ڪمال!
رشي جـي ٿيو نظرن ۾ بيشڪ نهال.

(٢٢)

رشي جـي اڳيان ڪئي ٻـجـو وينتي:
ڪيو مـهـر مـون تـي اناٿن پتي!
آتـي آ اوهــان جـو پـنـل برڪتي،
رهـي منهنجي دل ۾ نـه چنتا رتـي.
وجـان آگـره هـاڻ آگـيـا ڪريو،
ديالو! ديـا-درشٽ مـون تـي ڌريو.

(٢٣)

رشي چيو: ٻچا پل وڃي راڳ ڪر،
ستارن تائين پـل بلنـد ڀاڳ ڪر،
مگر وير ۽ وروڌ جـو تياڳ ڪر،
نـه بدنام، شبي نام 'ويراڳ' ڪر.
وسائين ڇـڏ بـغـض جـي بـاه کي،
نه ڪٽ جوش کي جيءَ ۾ جاءِ ڏي.

( ٢٤ )

ٻڌي ڳيان ڳور جو وسامي ويو،
سندس هوش هيڪر اڏامي ويو،
اميدن جو روشن اجهامي ويو،
وسو تي انل انتقامي ويو.
هو دل ۾ رشي - استدعا جو ادب،
مگر سر اندر هو غضب جو غضب.

( ٢٥ )

فڪرمند دم دم تي فرياد ڪئي،
اها شي گهڙي تي سدا ياد ڪئي،
مگر ڳور - وچن آس برباد ڪئي،
سندس ناٿ، استاد ارشاد ڪئي.
ڏٺي جو چيو ويسر چشمن ڏري،
هليو آگره ڪاھ ڪامل ڪري.

( ٢٦ )

رکيو ساز تي هٿ اچان بانوري،
سگهيو سوز دل جو نہ قابو ڪري،
ويا ورلاپ جا تير پڪڙي پري،
پهاڙن جو خود پيو ڪليجو ڏري.
تي نيڻن منجهان نيتر - ڌارا وڙهي،
ٻڌي چت مٿان ويو تي چيڪ چڙهي.

( ٢٧ )

رڳن رقت انگيز آواز ڪيا،
پکين پنهنجا پرواز ۾ پر جهليا،
مچيون مور مانگر مرون ست ٿيا،
ٿي جمنا جي جل سوز سڏڪا ڀريا.
پٿر ٿيا پٽلجي ٿيو بن بي آرام،
پڇن ۾ پڇي لين تي لام لام.

(٢٨)

منش آگره جا متعجب ٿيا،
سري مست ساڌوءَ جي ويجهو ويا،
لڳا ڪيس پڪڙڻ - نہ پڪڙي سگهيا،
مگر پريم - وس خود پڪڙجي پيا.
سڙيا ميڙ ماڻهن سندا عام جام،
ويو بگڙي سڄي شهر جو انتظام.

(٢٩)

ٻڌي تانسن ويو تپي جڻ تنور،
ڪڪرمي سندي دل سڙي ٿي ڪلور،
مجازي جي سر تي هو غالب غرور،
نہ ٿي خود پرستي سان شامل شهور.
حڪم ٿيو تہ ساڌو مٿت قيد ڪيو،
مگر ڪوبہ ماڻهو نہ سرڪي سگهيو.

(٣٠)

ڪليا خود خماريءِ سندا ات ڪپاٽ،
لڳي شبد جي ڪيس اهڙي لپاٽ،
هنيلي جي ويئي اڌامي آچاٽ،
ٻکيو سنت جو تي لڪيٺو للاٽ.
گوئيئي، گوئيئي سان ڪئي گفتگو،
”آ ڪهڙي تنهنجي دل اندر آرزو؟“

(٣١)

چيائين: ”نہ ڪو مال مايا کپي،
نہ ڪا شهنشاهت جي ڇايا کپي،
نہ ڪو راج يا ڪا رعايا کپي،
نہ ڪا ڪامنا آ، نہ ڪايا کپي.
فقط تنهنجي سر کي سزا وار ڪيان،
دکي دل کي آزار کان ڌار ڪيان.“

(٣٢)

حقيقت ٻڌي ڦهلجي ويو هراس،
اندر ۾ گهٽو ٿي ٿيو اڪبر اداس،
مگر تانسن ٿيو نه دل ۾ نراس،
نه مرتا اگر ڪيو رڊي ۾ نواس.
ته پي چيائين "جيتڻ آ مون کي محال،
نه مون کي آجوهڻ جي ڪنهن کي مجال."

(٣٣)

اها رات ڪٽڻين ۾ گذري وئي،
صبح سان ساڏو تياري ڪئي،
ٿي ماڻهن جي دربار ۾ پيهه پئي،
ٿهي وينا هڪ ٻئي جي سامهون ٻئي.
اميرن وزيرن نوابن سميت،
سنگهاسن تي اڪبر ٿي ويٺو سچيت.

(٣٤)

وڳي گهنٽي ٻئي دوبدو وير ٿيا،
ٻنهي سوال گائن وديا جا پڇيا،
ٻڌو سڀ اتر ٻي فلڪ ٿي ڏنيا،
سڀي جنتا جئه جئه جا آواز ڪيا.
چيائون ته ساڏو آ بيشڪ بحر،
هئا هاڻ آلاپ لئه منتظر.

(٣٥)

ڪنئي جا هٽن ۾ سنياسي متار،
اچي شبد جي پلٽ پلٽي اپار،
ٻڌي تار ٿيا دل جگر تار تار،
رهي سرت ڪنهن کي نه سرجي سنپار.
لنگهي شبد-وايون وئي پن پن منجهان،
پڳا مرگهه ٻي سرت ٿي بن منجهان.

(٣٦)

سيا ۾ گهڙيا ٻن پرستي اندر،
ڏسي مرگهه ماڻهن جي ٻستي اندر،
ٿيئي سست مدهوش مستي اندر،
ويئي وسمي گهڙي هر گرهستي اندر.
ڪنبيو روح ٻيجل جو آڪاس ۾،
رهي سرت ساڃهه نه ڪنهن سواس ۾.

(٣٧)

ڏسي مرگهه جي خود پڇن - رنگ رتا،
لاهي هار پنهنجي ٻجو ڪنڌ جا،
ڏنهي ڪي ٿي گجرا گلن جا وڏا،
گلن - واس ڪان هرڻ سرجيت ٿيا.
ڏسي خلق جا ڪوڙ چرڪي پيا،
وري جام 'جيءُ جيءُ' جا نعرا وڳا.

(٣٨)

رکي ساز ساڌو سنياريو سرير،
اجهل استتي تي هو گياني گنڀير،
ٿيا حيران اڪبر امير ۽ وزير،
ڏکيو تانسن جو ٿي ظالم ضمير.

(٣٩)

ٻڌي تانسن ٿيو تپي لعل لعل،
ڪٽي ساز، ڪئي بات بيشڪ بحال،
هيو هت مرڻ ۽ جيئڻ جو سوال،
هيو بن مان مرگهن جو موٽڻ محال.
ڏکي ڏرن اڪبر جي، ٿيو منتظر،
ڏسي دوست کي آزمائش اندر.

( ۴۰ )

گوئيئي ڪا اهڙي ڪماليت ڪئي!
جتن عمر جا ڪيائين ثابت سيئي،
سڄي ساز تي پلٽ پلٽي چڏي،
تي بيخود ويو ساز سان ساز تي.
حياتي ۾ اهڙو نه ٿيو ڪو مثال،
جو اڄ تانسن تان سان ڪيو ڪمال.

( ۴۱ )

ڪنبيو تي سندس جوش کان انگ انگ،
جفا کان پکهر ۾ پڃي ويا پڃنگ،
ٿيو آخر ڏرو اندرين جو امنگ،
مگر هرڻ هڪڙي نه ماري ڇلنگ.
ڳلي ۾ فقط خون باقي بچيو،
سندس ڪال نيڻن اڳيان تي نچيو.

( ۴۲ )

بچو ات وري ساز هٿ ۾ کڻي،
چڏيو شبد - پيڪان اهڙو هڻي!
ٻڏي نير نيڻن منجهان پيو ڇڻي،
هي بگڙي بڻائڻ سان بيشڪ بڻي.
اچي هرڻ ساڳيائي حاضر ٿيا،
وري سرت ۾ ترت واپس ويا.

( ۴۳ )

سماپت پريڪيا جڏهن تي رهي،
ته اڪبر سنگهاسن تان آيو لهي،
سپا ۾ وئي پريم - گنگا وهي،
ڪيو سلطان ساڌو کي ثابت سهي.
چي "ساڌو آ سنگيت ساگر اٿاهه"
تڪبر تڏهن تان جو ٿيو تباهه.

ڏسي دوست دلبر جي جو ڪي ۾ جان،
ڏڪيو ڏيل اڪبر جو ڪرڙي سمان،
منگيو منت زاري ڪري جيئدان،
مگر ڪين ٿيو موم - دل مهربان.
بجو چيو: ”مان پاڙيان اوس پرتگيا،
نہ لوڏي سگهي اپش جي التجا.“

( ۴۵ )

ٻڌي نا اميدي جو جو ڪو جواب،
جلي جان اڪبر سندي ٿي ڪباب،
هلي ڪين هت داڪماڻو حساب؟
رڳو رنج وارو وڳن ۾ رباب.
خزان ٿي بهاري ڪي طعنا هنيان،
تہ ايمان خانن جا خانا هنيان.

( ۴۶ )

هتن سان تڏهن تانسن ڏيئي ترار،
جهڪايو ڪپائڻ لئہ ڪونڌر ڪپار،
سڄي خلق هئي بي خبر بي قرار:
تہ ماڏو ڪندو ڪيئن سر ڌڙ ڪان ڌار؟
سدا سنت آهن ديالو ديال،
مگر ڪروڌ مارڻ بہ آهي محال.

( ۴۷ )

بجو ڪين ڪا سائڪو ڪيو ڪرم،
هو رکڻو رشي آ شرم جو پرم،
تڏهن تانسن جي شڪي ٿيو شرم،
لڇا جا وڙها لڙڪ گونگا گرم.
ديا، دويش دل مان ڌڪي دور ڪيو،
وچن ويرکي موڙي مجبور ڪيو.

(٤٨)

سپا ۾ سراسر وري واهہ واهہ،
مچيا شڪرشہ راڳ جا شهنشاهہ،
چيائين: "گوئيئي جا بخشيو گناهہ،
اوهان سنت آهيو ديا جا درياهہ.
گنهگار آهيان مان پڻ خونخوار،
ڪميا ڪيو، وساريو انجا وڪار"!

(٤٩)

ٻڌي هت ادب جا شهنشاهہ چيو:
"ويهي تخت تي پنهنجي سر حڪم ڪيو،
تہ سنگيت سڀ ڪنهن سندو توڪ ٿيو،
اها عام ۽ خاص کي ڏات ڏيو."
سنگهاسن تي ساڌو چڙهي ڪيئن چنگار:
"رهي راڳ تي عام جو اختيار."

(٥٠)

وتي وير پوءِ وات وڻڪار جي،
لڳي لار ڪرتار جي پار جي،
رهي سرت ساجهہ نہ سنسار جي،
هئي يڪتار ۾ تار يڪتار جي.
جهليو ڪين ڪامل کي "فاني" جهان،
چڙهيو عرش تي سواس روپي و مان.

---

# چانڊوڪي

(١)

جوين اراولي جو ٿي ڦاٽو بهار ۾،
گــل کان بہ سوائي هئي فلڪ خار خار ۾،
قدرت جو ذره ذره هو خوش تر خمار ۾،
مستي ۽ محويت هئي سڄي مرغزار ۾.
سا بر متي جي نير سندس چرن ٿي ڌوتا،
پٿر سفيد سر تي ها ياقوت يمن جا.

(٢)

لهرين ۾ لکل بادِ صبا جو هو ترانو،
گلزار ۾ ڪوئل جي صدا جو هو ترانو،
آڪاس ۾ آزاد هوا جو هو ترانو،
وادي ۾ بہ قدرت جي ڪلا جو هو ترانو.
شاعر جي طبيعت ۾ هئي دريا جي رواني،
ڪنهن جستجو لئہ جسم ۾ ترقي ٿي جواني.

(٣)

ماٿر جي ڪلهي تي هيون جهانگين جون جهوپڙيون،
ڪڏ ڪيون ڪيئي ڪرڻ سان ڪکن تي ٿي ڪونجڙيون،
ڇا ڇا هون لٽائڻ لئہ سرشٽيءَ جون سوکڙيون!
پرپور هيون مال سان پاڳين جون پونگڙيون.
ڇپري هئي مير خان جي مشهور مڙين ۾،
سک سرس هيو محل کان ڪنڊن ۽ ڏين ۾.

( ٤ )

گهر ۾ هو ميـر خان ننڍڙو نويڪلو،
گويا سڪل درخت هو برپٽ ۾ هيڪلو،
مشڪل هيو اڻ تڻ سان اڪيلو مقابلو،
سانڍڻ ٿيو ڪٺن ساهه ۾ سُورن جو سلسلو.
لاچار ونـدر لئه ڀي ٻي ٻڪريون وٺي آيو،
ڪيئن ماس پرائي ڪي ناز سان ٿي نپايو!

( ٥ )

ٻڪرين سان تراڻي ٿي پئي رونق سڄي گهر جي،
ڳڻتي نه رهي ڪا به سندن قوت گذر جي،
ماتر ٿي هئي مهر جا قدرت جي ڪڪر جي،
سر سبز چراگاهه اجهل پوک پڌر جي.
حيوان جي صحبت ڇڏيا انسان ڀلائي،
ويو صبح جو ڪاهي، اچي سانجهيءَ جو ورائي.

( ٦ )

مسجد کان وڌڪ واڙ هئي ٻڪرين جي ٻڌڻ جي،
جريت نه هئي ذري ڪي به لانڍي کان لنگهڻ جي،
ڪنهن پر نه هئي وات ڪا پونگيءَ مان پچڻ جي،
ليڪن هئي عادت منجهن آزاد رهڻ جي.
چارڻ تـه گهڻو چاهه سان تن کي چرايو،
افسوس! مگر ڪين ڪو لايو ٿيو سجايو.

( ٧ )

هڪ ڏينهن ويو ٽڪريءَ جي وراڪن ۾ سج لهي،
ڪارنهن جو پوت عرش تي ٿهه پهه ۾ ويو ٿهي،
هي وجهه وٺي ٻڪريون پيون ٽڪريءَ جي پر رهي،
هونءَ رات انڌيري کان سي ويندبون هون نت ڏهي.
ٽپڪيون هٺي پڻ پڻ ۾ مير خان ٿي ڳوليو،
ناچار نماڻي گهڻو پچڪار سان ٻوليو.

(۸)

گھر موٽندي ھرھر تي سندن واٽ نھاري،
پونگي ۾ ھي چوطرف مساڻن جي انڌاري،
دم دم تي پيس ياد سي، وائي نہ وساري،
وھمن ۾ وچارن ۾ سڄي رات گذاري.
ڇا ڪون رئيون مائي مٺيون بدبخت جي گھر ڪان!
موٽيون نہ وري ماڳ تي ھاءِ! ڪھڙي ڏسر ڪان؟

(۹)

ٻڪرين تي ٻڌو ھرگھڙي آواز اچڻ جو،
پر پھہ پڪو ھو پرن تان پٺتي نہ ھٽڻ جو،
سانگو نہ ٻچڙيائون کو بلائن ڪان ٻچڻ جو،
ٽڪريءَ ۾ ٽڪاڻو ھيو ناھر جي رھڻ جو.
چارڻ ڪي انھيءَ ڦھر جي اڳ ۾ ئي خبر ھئي،
ھر روز پڌارين تي سندس تيز نظر ھئي.

(۱۰)

ڪا شيءِ نہ رھي ڪال جي احوال ڪان واقف،
ناھہ ساھہ، ھن سرير ۾ خود حال ڪان واقف،
ٻڪريون بہ ھيون ڪينڪي برحال ڪان واقف،
جو ڪي وھيٽي جان جي جنجال ڪان واقف.
آفت ڪي ڏسي اوچتو واھر لئہ رت رڙيون،
بي سرت بي خطا وڃي ناھر جو بک ٻٽيون.

(۱۱)

جيئن باک ڦٽيءَ جو وڃي ھيءَ حال ڏٺائين،
پٿرن تي ڪريل خون جي قطرن ڪي رنائين،
گويا غضب جي آگ تي پاڻي تي وڌائين،
تنھن ڏينھن ڪان وٺي دل سان اھو عھد ڪيائين.
ھڪڙين ئي وڌو آھہ ڏلاون ۾ ڏکن ۾،
بس ھاڻ چٽل جان ڪي ڏيندس نہ ڏجھن ۾.

(١٢)

ڪجهہ ڏينهن انهي قول جي ليڪي ۾ لنگهي ويا،
ارمان جو رڳ رڳ ۾ مگر روڳ بڇي ويا،
دک درد هيڪلائي جو، ليڪي کي لڳي ويا،
آخر انهيءَ انجام جا سڀ خيال ڇڏي ويا.
گوشي ۾ گذارڻ به ڪٿي آهہ دنيا ۾،
سنگت کان سوا پينگ، پون آهہ دنيا ۾.

(١٣)

آخر ٿي پيو تنگ تنهائيءَ جي گذر کان،
واقف هو مگر ڏاڪرو پڪرين جي اثر کان،
چيلي وٺي ايندس، جي ڪنهن نزديڪ شهر کان،
ڏيري به پلي آهہ، سپر مال، نثر کان.
چيلي به هئي سٺي، آيو وٺي، ملهہ به سٺو هو،
جنهن جو نہ اڃا ڪير پڇي واڇن کان سڪو هو.

(١٤)

جيئن 'چانڊني' چارڻ هو رکيس چوچ مان نالو،
تحقيق سپر تيئن هئي اوندهہ جو اجالو،
چارڻ سان هيس ناز ۽ رس راض نرالو،
ليليءَ سان ڪيائين گهڻو ڪوشش ۽ ڪشالو.
چرڻ پيٽ چٽيءَ ساڻ محبت ٿي ڪيائين،
ڏينهن رات سندس نهل ۽ خدمت ٿي ڪيائين.

(١٥)

وهہ! چانڊني لئي خان عجب باغ بڻايو،
پنهنجي هٿن سان رس پريي بوٽن کي لڳايو،
قل قول ڏسي دل ۾ نہ قوليو ٿي سمايو،
لوڙهو بہ گهڻ قرڻ لئہ ويڪر ۾ وڌايو.
نوڙي بہ اڳي کان هئي قابو ۽ ڪشادي،
جيئن ڪنهن به قسم جي نہ ٿي هرڻيءَ کي هلاکي.

(١٦)

هن ڪاڏ ۾ خوراڪ ڪان وهنديئي وڌي وئي،
اسرڻ سان ڪلي دل ۾ شناخت جي دري وئي،
جذبات جي ڪا جسم اندر لهر لنگهي وئي،
هڪ ڏينهن انهيءَ موج ڪان ماٺر ۾ پڄي وئي.
نوڙيءَ جي جهل جهڪور اجهل دل کي ڇا ڪندي؟
زنجير زبر دل اڳيان ڪهڙو جتا ڪندي؟

(١٧)

”هي حال ڏسي چاند جو چارڻ ويو وسامي،
ارمان ڪان روشن ويو اميدن جو اجهامي،
ڇاڪون وئي چاندني ائين اڪين مان آڏامي،
ڪمبخت جي ڪيڏي نه ڪڍيم غرض غلامي.
منٿن سان سڙي ڪين مڃي ڪين مڃيائين،
ڪنڌ لوڏ سان آخر صفا انڪار ڪيائين.“

(١٨)

چارڻ چيو: ’چاندني! مون کي ويئينءَ ڇو وساري؟‘
’مين مين‘ ۾ چيائين مون کي پن پن تو پڪاري،
قدرت جي ڪکن ڏي تي نظر روز نهاري،
آءٌ ڇا ڪريان! دل تي سدا سائين کي سنڀاري.
چارڻ چيو بي خبر! توکي ناهر جي خبر ناهه؟
ڇي ’پل مران‘ مون کي نه مرڻ جو ڪو فڪر ناهه.

(١٩)

ڪوشش مان ڪندس سر جي بچائڻ جي سگهن سان،
لوهو کي مکيندس سان مثل تيل لڳن سان،
چيري پلي بي قياس سندم ماس چنبن سان،
هيڪر مان هچاري سان ڪندس ويڙهه هڏن سان.
آخر جي بچيس ڪين ڪو غم ناهه مرڻ جو،
جيئن آ، مرڻ ڪان برو، ڳٽيءَ ۾ ڳرڻ جو.

( ٢٠ )

اي خـان پڳل دل کي مـلائـڻ محال آهه،
آزادگـي جـي آش مـٽـائـڻ محال آهه،
هـن باهه انـدر جـي کي وسائڻ محال آهه،
گردن رستيءَ اڪيان بـه جهڪائڻ محال آهه.
ناامید ٿـي ڪهن ڪهور انڌيريءَ ۾ گهر ويو،
پونگيءَ ۾ ڏسي پينگ مـوم دل جو من پريو.

( ٢١ )

ٽپڪي ٿـي چـانـدنـي اتـي آنـنـد پون ۾،
هيڏي ٿري، هوڏي ڪري گڏ گڏ ٿـي گلن ۾،
گذري ويو گهڙيءَ ۾ ٿي سچو ڏينهن سکن ۾،
'چٽ چٽ' ٿي ڪئي چاهه مان پن پن ۾ چمن ۾.
هڪوار هيٺ عـارضـي نـظـرن سـان نهاريو،
چارڻ جي جهوپڙي نـه مگر دل کي ڏتاريو.

( ٢٢ )

سورج ڇپي پيو چرڪ ڪان ڪارنهن جي ڪوٽ ۾،
هئي چاندني افسوس اڄ اوندهه جي اوٽ ۾!
چيخون نه ڪيون دل جهلي ناهر جي چوٽ ۾،
ماريو گهٽو منحوس جي مستيءَ کي موٽ ۾.
'فاني' نه مرڻ سان مٽي هيءَ سوپ امر هئي،
هـن موت جي افسوس پـکين ۾ به پچر هئي.

---

# ضميمو

دنيا سان جي دل ناھہ لڳائڻ جي ضرورت،
ڇا لاءِ ھئي دل کي ٻڌائڻ جي ضرورت،
نظرن کي نظارن سان ليائڻ جي ضرورت،
ھي دنيا ڇڏي ٻي آ وسائڻ جي ضرورت.
منھنجي نہ تصور جو پتنگ جت پڇي سگھي،
ايڏو ڇا مٿي آھي اڏائڻ جي ضرورت.
بدزيبو تہ ناھين جو تون لڪندو ٿو رھين نہ تہ،
سھٽي کي ڇو ٿئي سونھن لڪائڻ جي ضرورت.
شوقين انڌيري ۾ ننگا ٿي پيا نچن ٿا،
ڇو توکي ٿي آ شمع جلائڻ جي ضرورت.
مندر ۾ آ بارود بمن جو ٿي شور زور،
کھڙي آھي گھنڊن جي وڄائڻ جي ضرورت.
انساني فن جي "فاني" کو جوڙي جھان نئون،
ڏسندي خدا کي خود ٿئي لڄائڻ جي ضرورت.

—

گهر هوندي گهر کي گهر نه سمجهندو ٿو رهان،
ڏاريو ٿي گهر کان دور مان پڇندو ٿو رهان.
تنهائي جي تڪئي تي اچان ڪنڌ رکان مس،
ڳوڙهن جي ڏنڌي ۾ مان ترڳندو ٿو رهان.
مون کي نه ڪنهن جي ياد ستائي ٿي سگهي،
پنهنجوئي پاڻ کان مان وسرندو ٿو رهان.
ڳولڻ سان لبي ڪانه ٿي ڳوٺن جي ڳلي،
ششدر ٿي شهر شهر کان پڇندو ٿو رهان.
دنيا ۾ اچڻ جو مون کان مقصد نه پڇو،
پن جيئن مان جل جي وهڪ ۾ وهندو ٿو رهان.
دوستن جي بي وفائي مون کي ڪجهه نه ڪيو،
دشمن جي وفاداري تي روئندو ٿو رهان.
”فاني“ ٿي اڪ اداس اجالي کان پنهنجي،
اوندهه جي لاءِ افسوس تڙپندو ٿو رهان.

# ڪيٽلداس "فاني" جا خط

ادب ۽ تاريخ ۾ ڏاهن جي خطن کي وڏي اهميت حاصل آهي. چاڪاڻ تہ اهي نہ رڳو لکندڙ جي مختلف لاڙن جو ڏس ڏين ٿا، پر وقت ۽ حالتن جي بہ عڪاسي ڪن ٿا. اسان جي ادب ۾ اهڙن خطن جي سانڍ ۽ سهيڙ پاسي ڪو جوڳو ڌيان ڪين ڏنو ويو آهي، جنهن ڪري گهٽي پاڳي اسين اهڙي سرمايي تان هٿ ڌوئي ويٺا آهيون.

هن ڪتاب ۾ سائين ڪيٽلداس "فاني" صاحب جا دوستن ڏانهن لکيل ڪجهہ خط شامل ڪجن ٿا، جن جي مطالعي مان "فاني" صاحب جي وطن لاءِ سِڪ ۽ چِڪ جي احساسن ۽ جذبن کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ پيو بہ ڪيترو ڪارائتو مواد ملي سگهي ٿو. محترم شيخ اياز صاحب ۽ رحيمداد "راهي" صاحب جن جي خطن کي شامل ڪرڻ لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان- مرتب.

# ڪيئلداس 'فاني' جو سنڌ جي عظيم شاعر
# شيخ اياز ڏانهن لکيل هڪ خط (۱)

۸۸-۲-۷

سدا سرها هجو شال!

محترم شيخ اياز صاحب!

مالڪ جي مهر سان توهان نوبنو ۽ اڳي کان اڳرا هوندا. ڪتان جي اخبارن ۾، توهان پاران اتي ورسي (سامي سيمينار) سامي صاحب جي مٽڙي ياد ۾ ملهائڻ جو اعلان پڙهي، منهنجي دل سرڪي پيئي. مان هتي ڀوپال (مڌيہ پرديش جي راڄڌاني) ۾ ٻہ سال اڳ سامي سيمينار جي صورت ۾ آل انڊيا جي ليکڪن جي شموليت سان ملهايو هو. مون کي سامي پرسڪار سان م-پ ساهت اڪادمي پاران ۽ سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ دهلي پنهنجي ادارن پاران، نوازيو ويو هو.

مان چاهيان ٿو، تہ سامي ۽ تي جيڪو هن سان گڏ مان مقالو لکيو هو ۽ صدارتي تقرير جو فرد، توهان ڏانهن موڪلي پنهنجي ياد توکي ذهن تي وري ويهاريان ۽ منهنجو تبصرو ڪنهن نموني اتان جي اديبن تائين پهچائي پنهنجي عقيدت جو فرض ادا ڪريان.

سچ تہ سياڳو آهي اهو هٿ جو توهان جي هٿ تائين پهچي ٿو سگهي. توهان تہ ادب جي واٽ ۾ ڪيئي وکون اڳتي وجهندا رهيا آهيو. هن هڪ وک ۾ جيڪڏهن مان توهان سان گامزن يا ڪامريڊ ٿي هلان تہ مون کي هڪ عجيب مسرت ملي ويندي.

اميد تہ منهنجو قلمي نسخو، توهان پنهنجي مصروف گهڙين مان ڪي پل بچائي، ضرور نظر مان ڪڍندا. منهنجي جنم جي تاريخ ٤-٤-١٩١٤ع آهي. اتي ڪن ڪتابن ۾ غلط اندراج ڪيو ٿو ڏسجي. توهان جي آٽو بائگرافي جي جهلڪ مون ڪي اندور ۾ هڪ قلمي دوست ذريعي پڻ ملي ويئي آهي. دعا سلام ساري سنگت کي.

توهان جو پنهنجو
ڪيئلداس بيگواڻي (فاني)
ڀوپال (م-پ)

---

(١) مٿئين خط جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سائين ڪيئلداس ”فاني“ صاحب مون ڏانهن موڪلي هئي.-مرتب.

# ڪيڏلداس "فاني" جا انور "فگار" هڪڙي ڏانهن لکيل خط

٦٦، سنڌي ڪالوني
ڀوپال
١ - ڊسمبر ١٩٨٥ع

سدا سرهو هجين شال!
پيارا انور ميان!

تنهنجي تقاضا موجب ۵ ڪتاب ۽ چار تازا غزل موڪليان ٿو. مون کي رٽائر ڪئي ١٢ سال ٿيا آهن، پر مان Retired نه پر Re - tyred پاڻ کي چوائيندو آهيان. يعني:
"An other tyre has been applied to my machine and it keeps on rolling"

منهنجون منزلون:

١. صوبائي حڪومت جي ادبي اڪادمي جو وائيس پريزيڊنٽ آهيان ۽ پريزيڊنٽ، وزير مالي آهي.
٢. مرڪزي ادبي اڪادمي جو ميمبر آهيان.
٣. ڪنوينر سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽي.
٤. آل انڊيا ريڊيو جو گائڪ ۽ گيت ڪار.
٥. انٽر ڪاليج جو اڄ تائين پرنسپال رهندو آيو آهيان.

منهنجا دعا سلام ساري سخن سازن جي جماعت کي ۽ مون سان گڏ گهاريندڙن ۽ منهنجي واقفڪارن کي.

شيخ اياز کي منهنجي ياد ڏياري ڀي ڪاٻم ميار نه ڏيندا، جو ٻڌو اٿم ته هو پنهنجي پورن ۾ ئي پورو آهي.

۵ ڪتاب دوستن ۽ واقفڪارن لاءِ موڪليان ٿو.

ڌڻي جي رحمت شال منهنجي سارن تي وسندي رهي.

اها آس اٿم.

قربن ساڻ
ڪيڏلداس ٻيگواڻي (فاني)

ازانسواءِ توهان جناب ساز علي ”ساز“جي باري ۾ پڇيو آهي. درحقيقت ’ساز‘صاحب جو شعر منهنجي نظر کان ايترو نہ گذريو آهي جيتري توهان کي اميد هوندي. هو ان وقت جو ايرنڊڙ شاعر هو. مون سان ملاقات ٿيندي هيس، پر ڪيس ڪنهن هڪ اڌ مشاعره ۾، مان سندس شعر کان متاثر ٿيو هوس. ڪن خاص ماهنامن ۾ بہ سندس شعر مون کي ملي نہ سگهيو.

باقي جن عظيم شخصيتن ڪاليج ۽ ان جي ترقي جي ڏس ۾ گهڻا پريا آهن، سي هن ريت آهن، فقط سنڌي نالا:

١. ڊاڪٽر ڪشنچند بولچندائي، سنڌ جو پهريون M.D. ڪاليج جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ اول کان آخر تائين.

٢. پروفيسر حشمتراءِ ملڪائي پرنسپال جي حيثيت ۾.

٣. سڀ کان اول پرنسپال گيهي سنگهہ هزاري رٽائرڊ ملٽري آفيسر، ٻہ دفعا پرنسپال.

٤. پروفيسر ماکيجا جو پڻ ڪجهہ وقت وچ وچ ۾ پرنسپال ٿي رهيو هو ۽ Maths جو قابل سنڌ سڄي ۾ پروفيسر هيو.

٥. پروفيسر يوڌراج ناگرائي سنڌي

٦. پروفيسر هاشمي پرشن

٧. پروفيسر گاجرا ايڪانامڪس

٨. پروفيسر واسوائي انگريزي

۽ منهنجي ٣ سالن جي عرصي ۾ پرنسپال هزاري ٻيو دفعو ۽ پروفيسر گهنشام متراڻي لاجڪ جو. ان کان سواءِ سنڌ کان ٻاهر جا پروفيسر هئا.

پروفيسر گني انگريزي

پروفيسر ڀٽاچاريہ سائنس وغيره.

پروفيسر نقوي ۽ پروفيسر خان.

ها ٻي ڳالهہ سن ١٩٤٧ع ۾ شاهہ لطيف جي ورسي ملهائڻ جي موقعي تي مون ڪاليج ۾ پهريون ڀيرو ادبي جلسو

هڪڙو احسان ضرور ڪجانءِ اهو اِهو تہ مان هڪ گيت (نظم) ”سنڌو“ ۾ شايع ڪرايو هو. اهو مون وٽ اڻ لڀ آهي ۽ نہ ڪي وري ياد آهہ.

ڪونج

زنـدگي چاهي سياڻن ڪان پڇيم،
عـالـمن ۽ فيلسوفن ڪان پڇيم.

..........................................

ڪونج اڏري من ويئي ماندو ڪري.

مخمس يا مسدس جي روپ ۾ مان پنهنجي نياڻيءَ جي فوت ٿيڻ وقت اهو نظم لکي دل جو بار هلڪو ڪيو هو. مون کي اهو هٿ ڪري موڪلجو، جو هت 'سنڌو' جا رسالا ڪٿان ملندا!

منهنجي خط جو شدت سان انتظار ڪري مون کي حجاب (لڄ) جي ڏنگين ليڪن ۾ ٿا قيد ڪريو.

مان بہ پنهنجي مصروفيتن ۾ مشغول هئڻ سبب الائي هي ٿوريون گهڙيون، سامت جي ساهہ پٽڻ واريون نہ، پر چڻ پٽ ۾ رهڙي رهيو آهيان. جو خط ڪٿي ايندڙ پرسان ويٺو آهي. دعا سلام ساري سنگت لاءِ.

لک اميدن مان
کيئلداس 'فاني'

جو يعني وچ ۾ وهندڙ هئي انهن اوليائن جي نالي 'پيرواهي' ۽ سنهنجو غريب خانو ان واهيءَ کان سڌ پنڌ تي هن پر هوندو هو. فقط مان نہ پر مون جهڙا پيا بہ صاف دل هندو انهن جي تربت تي وقت بوقت زيارت ڪري خراج عقيدت پيش ڪندا هئا. ايڏو ويساهہ هندن جو مسلم پيرن ۾ هندن جي فراخدليءَ کان، نفرت ۽ نفاق، تفريق ۽ تفاوت، علحدگي ۽ الڳاءَ جي بوءِ بانس کان بنهہ بيخبر دئي جي دڙ کان دور.

موکل وارا ڏينهن گهٽو ڪري گهر اچي گهاريندو هوس. بس بگيءَ تان لهي پهريائين وڃي مزار شريف تي سرنوائي، ڪنني ۾ رکيل جيڪي مٺائي چکي پوءِ اچي هلڪي هيانءَ سان گهرياتين سان ملندو هوس. انهي ايڪي ۽ اخلاص، اتحاد ۽ اتفاق جو هڪ اعليٰ ۽ عمدو مثال جو مان ايامن کان سيني ۾ سانڍي رکيو آهي، اجهو هيئن آهي. ڳوٺ جي هندن ۾ بہ ڌريون هيون. هڪ طرف پنجومل سگني مل وارا چوڌري گهر تہ ٻئي طرف، هئا سگها سيٺ مگهنداس خوشيرام وارا. ڪڏهن پاڻ ۾ بنهي ڌرين جي ترشي يا تندي تي پوندي هئي تہ ڳوٺ جو ميان گل محمد بنهي کي سڪ سلوڪ جي سمجهاڻي ڏيندو هو. هڪ ڀيري بنهي ۾ امن آڻڻ لاءِ ڪلائي اجلاس ۾ الله جي پياري اجهو هيئن آکيو: ”ماکيءَ جون مکيون، رس راض ۾ رهي گلن مان رس چوسي سارڻي ماناري کي مٺي ماکي سان ڀري ڇڏينديون آهن، پر جڏهن هڪ ٻئي کان جدا ٿينديون آهن تہ محبت جي ماکيءَ بجاءِ نفرت جو زهر هاري سيني کي ڏنگينديون آهن ۽ آخر ماڻهو انهن کي چڙوچڙ ڏسي ماري ختم ڪري ڇڏيندا آهن انهيءَ لاءِ توهان هڪ ٻئي کن سري - پري، ويجهو ويهي معاف ڪرڻ سکو.“ سبحان الله! اهڙا خيرخواه، ڳوٺ جي بهبودي ۽ بهتري چاهيندڙ ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ مشڪل ملندا آهن. انيڪ محبتي مسلمان توڙي هندو هڪ ٻئي جي ننگن ۽ نياڻين کي پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين جيان ڀائيندا هئا.

# ارث

## ارٿ

آپدا = مصيبت
آشا = اميد
اٻلا = بي پهچ، عاجز عورت
ايمان = فخر، وڏائي
اتياچار = ويل، ڪنياءُ، ظلم
اپرادي = پاپي، ڏوهي
اپڪار = ڀلائي، مهرباني
اجلن = اجرڻ، چمڪڻ، صاف ٿيڻ
اڌ ڀت = حيرت انگيز
اڊڪي = ڊڄي
ارداس = وينتي، التجا، عرض
اسستت = ساراهه، تعريف، واکاڻ
اڪارت = اجايو، بي سود، فضول
اماس = ڪاري پات
اهنڪار = ايمان، غرور، وڏائي
اهنسا = بي آزاري، عدم تشدد
ايڪانت = اڪيلائي،
نويڪلائي خلوت
برهمانڊ = سنسار، ڌرتيءَ جو گولو
بيڪاري = پينو
ڀوڄن = طعام
ڀونچال = ڌرتيءَ جو ڌڏڻ
ڀونڪنپ = زلزلو

پيتا = نذرانو
پيڊي = راز محرم
ترشنا = آڄ، طلب
ترڪش = تيرن رکڻ جي ٿيلهي
پراڌينتا = لاچار، مجبور، بيوس
پربوڌ = سکيا، سمجهه، صلاح، مت
پرتيت = ويساه
پرڪاش = تجلو، جلوو، روشني
پرڪرتي = اها طاقت جنهن سان دنيا وجود ۾ آئي
پرگهٽ = ظاهر، عيان
پرويسر = واسو ڪندڙ
پورن = پورو، مڪمل
جاتي = نسل، قوم
چرتر = سياءُ، ڪم، ڪرتوت، چال
چنتا = فڪر، ڳڻتي، الڪو
چيٽڪ = لذت، مزو
ڇاڇ = لسي، ڏڌ
خندان = ٽهڪندڙ
دات = ڏات
درشتي = نظر، نرت، جوت

دهن=مشڪ، متنهن، وات
ذراوت=امانت طور رکيل رقم
رتنن=جواهرن
روپونتي=خوبصورت
ساڌنا=بندگي
سپندين=پڪين، پختين
سڌانت=متو، عقيدو، اصول
سرستي=پاڻ صدقو، آپ بليدان
سروپ=آتما
سوارت=مطلبي
سوارٿ=مطلب، خود غرضي
سواس=پساهه، دم
سنتوش=ڌيرج، صبر، خاطري
سنجم=پاڻ پَلڻ
سنيوڳ=ميلاپ، ٺاهه، اتفاق
شهور=شعور، عقل
ڪارونيار=ينب، اوندهه
ڪامنا=اڇا، منشا، مراد، خواهش
ڪپٽي=ٺڳ، دغاباز، ظالم، وحشي
ڪنچن=قيمتي ڌاتوءَ جو قسم
ڪسم=سڙس، پتار، ور
گرداب=پاڻيءَ جو گهيرو، ڪُنُ
گيان=پروڙ، ڄاڻ، واقفيت

ماڻ=وزن، ماپ
مک=منهن
مورک=نادان
منش=ماڻهو
نڀ=آسمان
نرادر=بي مانو، بي عزتو
نراشا=نااميدي
نردئي=بي رحم، ظالم
نرڌن=غريب، مسڪين
نواس=گهر، ٺڪاڻو
نٺيا=ٻيڙي
نياءُ=عدل، انصاف
نير=پاڻي
نيس=ترڙ- ڪوهه
نيتسُ=جهڙ، ڪڪر- مينهن جي ڦوهار
واسنا=خواهش، مرضي
وڌوا=رن زال
وسمئه=حيراني
وناس=حسد، ريس
وئرٿ=اجايو، ناڪام
هردو=دل
هرس=ڏياءُ، تاب، ڏڙڪو
يڳ=جڳ.

# ڪيئلداس "فاني"



سنڌ جو نامور شاعر ڪيئلداس وليرام بيگواڻي "فاني" ۴-اپريل ۱۹۱۴ع تي شڪارپور ضلعي جي مشهور ڳوٺ "ميان جي ڳوٺ" ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ورنيڪيولر اسڪول ميان جي ڳوٺ مان حاصل ڪري، مئٽرڪ جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين. ان طرح بي. اي. جو امتحان پاس ڪيائين.

"فاني" صاحب پهريائين نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿيو ۽ بعد ۾ اُتر سنڌ جي مشهور ڪاليج سي. اينڊ. ايس. ڪاليج شڪارپور ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. سن ۱۹۴۷ع ۾ ورهاڱي سبب هو سنڌ ڇڏي هند هليو ويو، جتي ڀوپال ۾ رهائش اختيار ڪيائين. ڀوپال ڪاليج ۾ هو پروفيسر جي حيثيت سان پنهنجي سروس جا فرائض سرانجام ڏيئي سن ۱۹۷۳ع ۾ رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن جي تعليمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت کيس مستقل طور انٽر ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو. پاڻ صوبائي اڪيڊميءَ جو وائيس پريزيڊنٽ، "مرڪزي ادبي اڪيڊميءَ" جو ميمبر ۽ "سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽي" جو ڪنوينر هو.

ڪيئلداس "فاني" سنڌي ٻوليءَ جي نامور ۽ پختہ شاعر هجڻ سان گڏ بهترين ڪهاڻيڪار، ڊرامانگار ۽ مضمون نويس بہ هو. موسيقيءَ جي غير معمولي ڄاڻ سبب هو سٺن گيتڪارن ۽ سنگيتڪارن ۾ بہ ليکبو هو. سندس علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي خدمتن جي حيثيت تاريخي آهي. سنڌ جو هي گُڻوان ڪوي ۽ مخلص ادبي خدمتگذار جون ۱۹۹۵ع ۾ ڀوپال ۾ ديهانت ڪري ويو.

چيتاريان ڇُٽڪن وساريان نہ وسري
ويروتار ڏکن، سڄڻ ڀڳي هڏ جئن.